| اندر جي دنيا جو نوبل شاعر | سردار شاهه |
| للي پٽ ۾ گليور ٽيڻ جهڙي ٻي ڪائي بدبختي نه آهي | بدر اجڻ |
| ويساري جي موسم ۽ شيخ اياز | بخشڻ مهراڻوي |
| هو جو زندگيءَ جو راز هو | ارشاد لغاري |
| شيخ اياز سان گهاريل گهڙين جون ڪجهه يادگيريون | آزاد انور ڪانڌڙو |
| پٽ تي لفظن جي شام غريبان | امين ارباب |
| هڪڙو پيارو ماڻهو | فضل قلباڻي |
| مون سان جاڙ نه ڪر او جيڏا! | لطيف اياز پنهور |
| اياز اسان کي معاف ڪر | جاويد ڪوسو |
| اياز جو وڇوڙو صديءَ تي ڦهليل درد | همسفر گاڏهي |
| ۽ سنڌ جو اياز هليو ويو | اظهار سومرو |
| ..... صدين تي ڀاري اياز... | حفيظ ڪنڀر |
| شيخ اياز: هن صديءَ جو خوبصورت سچ | تسليم زنئور |
| سنڌ جي عظيم شاعر شيخ اياز جي عظمتن کي سلام | خواجه ذوالفقار |
| مان ايندس ٻيهار | بخشل باغي |
| واهه شيخ اياز واهه | سسئي پليجو |
| مئي پُڄاڻان اياز جون ڳالهيون | ڊاڪٽر ايوب شيخ |
| ڪڏهن ڪڏهن ته سارجو ته ڪير سُڄ ۾ ستو | نور سنڌي |
| ڳالهه آهي زندگيءَ جي! توڙ تائين مچ نه هار | فرحانه قاضي |
| نئين سال کي لڙڪن جي پيٽا ـ | عزيز جان بلوچ |
| ويهين صديءَ جي عظيم شاعر جو جنازو ـ | يوسف مهر |
| شيخ اياز! ڪٿي ته پڄبو تڪ مسافر ـ | سترام مهيشوري |
| اياز:موهن جي دڙي ۾ پنهنجو روح ڳوليندڙ هڪ شخص ـ امين قريشي | |
| ۽ هاڻ شيخ اياز به ويو ـ زاهده حنا | |
| اياز جي موت تي پنجاب روئي ٿو ـ | شفقت تنوير مرزا/ ناز سهتو |

واپسي _ ابديت ڏانهن _ آصف فرخي / مراد علي مرزا
اياز کي غدار سمجهندڙ پنجاب جو نسل، سنڌ جي درد کان اڻ واقف آهي _ قاضي جاويد
چونڊ نثري ٽڪرا. ترتيب: نور احمد خوجو

**اخبارن جا ايڊيٽوريل**

سيڻ اياز اڄ ڏنو _ سنڌ ڏسندي رهي _ عبرت
الا مان اڏري ويندو سانءِ _ ڪاوش
روئندڙ ڪاڪ جي اياز کي الوداع _ ڪاوش
مار نه تاڙي، اڏار نه سانون _ سنڌ
متان سر سوا ٻيون ڪرين ڪي صدائون _ سنڌ
اياز کي ناهڻ واريون دعوائون بند ڪريو _ سنڌ
اياز! اسان کي افسوس آهي _ ٻختور
اڙي موت ميار، ايڏو ساڻ سُڄڻ سان _ سوال
سنڌي صحافت جي پيتا _ آفتاب
شيخ اياز ۽ ڊاڪٽر درشهوار جي لاڏاڻي جو صدمو _ هلال پاڪستان
Legend Never Die!_ عبرت
ڪهڙي موت ميار _ جاڳو
شيخ اياز بابت اديبن ۽ شاعرن جا ويچار ترتيب: وسيم سومرو
انعام شيخ، حميدسنڌي، زيب نظاماڻي، نذير ناز، جيجي زرينه بلوچ، حفيظ ڪنڀر، ارشاد ساگر، غلام حسين رنگريز، عبدالغفور سومرو، غلام نبي شاد، شمشير الحيدري، سوز هالائي، وسيم سومرو، زيب سنڌي، معشوق ڌاريجو، سميع بلوچ، عبدالحڪيم ارشد، مير محمد پيرزادو، سڪندر سنڌي، زخمي چانڊيو، حنيف لاشاري، معصوم بخاري، آزاد انور ڪانڌڙو، ادريس جتوئي

**اديبن جا تاثر**

**تعزيتي پيغام**

نواز شريف، بينظير ڀٽو، لياقت جتوئي، آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي، صدر ۽ وزير اعظم، گورنر سنڌ معين الدين حيدر _ بيبي سي

**تعزيتي گڏجاڻين جي رپورٽ**

شيخ اياز سنڌ ماءُ جي هنج ۾ سمهي پيو _ عطا راڄڙ پٽ شاهه
امانت جيئن ڌرتيءَ کي پهتي _ الطاف آگرو
اسان جي محبوب شاعر جي سفر جون آخري گهڙيون _ امداد سومرو

**شاعرن جي پيتا**

ادل سومرو، غلام نبي ڪوساٽي، تاجل بيوس، احمد سولنگي، حسن درس، مولا بخش چانڊيو، سوز هالائي، جاويد سوز هالائي، ساحر راهو، مرزا فياض علي.
شيخ اياز جي ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل ڪتابن بابت ڄاڻ

**حصہ اردو**

**شیخ ایاز ایک منفرد شاعر _ ڈاکٹر فہمیدہ حسین**
**ماضی، حال اور مستقبل کا شاعر _ مہتاب اکبر راشدی**
**شیخ ایاز ایک عظیم شاعر _ محمد علی عادل**
**پھر اک چراغ بجھا، پھر ہوا کی جیت ہوگئی**
**جمیل الدین عالی، علی نواز وفائی، کریم بخش خالد، پروفیسر عتیق احمد، علی احمد بروہی پروفیسر آفاق صدیقی، فہمیدہ ریاض، زاہدہ حنا، مہتاب اکبر راشدی، آغا نور محمد پٹھان، پروفیسر نجمہ بی بی**
شیخ ایاز زندہ ہے
**جنگ فور میں ممتاز شخصیتوں کا اظہار خیال**

نصیر مرزا _ صابر وسیم _ پروفیسر سعیدہ بشیر _ مشتاق احمد خان ایڈوکیٹ _ ڈاکٹر قمر واحد _ شبیر احمد انصاری _ عبدالقادر جونیجو _ پروفیسر عنایت علی خان _ حمید سندھی، پروفیسر خالد وھاب
آہ شیخ ایاز _ انور سن رائے
منتخب شاعری کا اردو ترجمہ
لطیف خسرو _ محسن بھوپالی _ ڈاکٹر الیاس عشقی _ راغب مراد آبادی

**جَر ۾ ٿو چَرڪان**

مرتب: تاج جويو
ڇاپو پهريون: آگسٽ 1998ع، شيخ اياز فائونڊيشن، قاضي پاڙو، ڳاڙهي ڪاتو، حيدرآباد سنڌ، مڪمل صفحا 312
سٽاءُ

| | |
|---|---|
| پبلشر پاران | احمد سولنگي |
| اياز، ڀٽائيءَ جو شارح ۽ تسلسل | تاج جويو |
| مون وٽ مڙئي بيت | |
| ڳليو سپ پنيور | |
| ڪهڙي منجهه حساب | |
| اڄ پڻ منهنجي ياڙ | |

**سو ديس مسافر منهنجو ڙي**

ڊاڪٽر ملڪ نديم ۽ ڊاڪٽر ادل سومرو
ڇاپو پهريون: ڊسمبر 2001ع، شيخ اياز چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خير پور ميرس، مڪمل صفحا269
فهرست

| | |
|---|---|
| شيخ اياز: آجياڻي تقرير | ڊاڪٽر ملڪ نديم |
| شيخ اياز ۽ شاهه لطيف يونيورسٽي | ڊاڪٽر عبدالرحيم ملڪ |
| اياز ۽ شاهه: تقابلي جائزو | اين جي عباسي |
| عظيم سنڌي شاعر | محمد ابراهيم جويو |
| اياز لفظن جو جادوگر | قمر شهباز |
| اياز سنڌ جي شعور ۽ خودشناسيءَ جي علامت | آغا سليم |
| ٻوليءَ ۾ ٻيهار، آءٌ نه اڃڻو آهيان | ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو |
| اياز شاعر ڪان اياز چيئر تائين | مونس اياز |
| شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ چنڊ جي علامت | ڊاڪٽر هدايت پريم |
| اياز جي شاعرانه عظمت ۽ علامتي شعور | ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو |
| جديد سنڌي شاعريءَ ۾ اياز جا فني تجربا | تاج جويو |
| تو جا سمجهي سيٽ | پروفيسر سحر امداد |
| ساجن سرهيون ڳالهڙيون | امداد حسيني |
| جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي | ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو |
| مان جو پورو تت هن تنهنجي تاريخ جو | نصير مرزا |
| شيخ اياز کي شاعري کے کچھہ نقوش | پروفيسر آفاق صديقي |

Shaikh Ayaz: Poet laureate of the lesser known sindhi people By: Aftab Kazi
Ayaz: An aesthete and connoisseur: Apersonal Reminiscence By: A.R. Nagori

**شيخ اياز: آڪاش ڪان وڏو ڌرتيءَ جو شاعر**

مرتب: تاج جويو

ڇپائيندڙ: شيخ اياز فائونڊيشن قاضي پاڙو حيدرآباد، سنڌ، 2 مارچ 2003ع، مڪمل صفحا200 سٺاءُ

اياز: سنڌ جي تاريخ جو ٽَٽُ — تاج جويو
سنڌي وِشُو ڪَوي — اي جي اُتم
سنڌُ ۽ سنڌيت جو عيوضي شاعر — گوبند مالهي
شيخ اياز: منهنجو دوست — رام امر لال پنجواڻي
اياز! تون امر آهين — هري موٽواڻي
ڪاتب جو قلم — ريتا شهاڻي
اياز کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ اسان جو قومي فرض آهي — محمد ابراهيم جويو
اياز جي ڏُک ۾ هر دل ۾ تڏو وڇايل — شمشير الحيدري
هماليه، آنءُ ۽ وقت جي وڇوٽي — عبدالواحد آريسر
سنڌڙي تُنهنجو ساهه اياز — عبدالواحد آريسر
آڪاش کان وڏو ڌرتيءَ جوشاعر — عبدالواحد آريسر
اياز جي ننڍپڻ تي تحقيقي نظر — ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو
ساروڻيون اياز جون — قاضي خادم
شيخ اياز جي فڪري مهمان نوازي — عبدالقادر جوڻيجو
اياز سان انصاف ڪريو — قمر شهباز
اياز جي ورهاست — نور احمد ميمڻ
سنڌ جو منصور شاعر — ادريس جتوئي
مون کي پٽائيءَ جي پاڪر مان ڪڍڻ جي لاءِ جهُمر نه هٽو — انب گوپانگ
اياز ۽ تهمتن جا پاري پٽر — فياض لطيف
سنڌ جي پڇتاءَ جو اظهار — ناز سهتو
ساک سڱند ۾ — مقصود گل
ڪٿي نه پجبو ٽڪ مسافر — زرار پيرزادو
تنهنجي ڳليءَ جون ڳالهڙيون — رکيل مورائي
هٿ ۾ گجرا، اک ۾ ڳوڙها — آسي زميني
اياز جي شاعريءَ سان ملاقات — فهميده رياض

**شاعر جي خوابن جي خوشبو**

مرتب: ملڪ نديم ۽ ادل سومرو
ڇپائيندڙ: شيخ اياز چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1998ع
مڪمل صفحا152
فهرست
پيغام
شاعر جي خوابن جي خوشبو — پروفيسر ڊاڪٽر آر اي شاهه
شيخ اياز شاعرانه دنيا جو وڏو نالو — پروفيسر ڊاڪٽر اي آر ملڪ
شيخ اياز عالم ۽ دانشور وائيس چانسلر هو — پروفيسر رسول بخش شيخ
شيخ اياز نوان گهاڙيٽا، اصطلاح ۽ محاورا ڏنا — تنوير عباسي
مضمون ۽ مقالا
شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ شاهه لطيف جو ذڪر ۽ فڪر جو اپياس — ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو
مون ساريو سُپرين — رام لال امر لال پنجواڻي
شيخ اياز جو اڳتي قدم — ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو

شيخ اياز جي هائيڪن ۾ سماجيات ۽ حالتن جا اهڃاڻ — حميد سبزوئي
شيخ اياز پنهنجي همعصر اديبن ۽ مداحن جي نظر ۾ — احسان دانش
شيخ اياز جي واين ۾ ٺيٺ سنڌي لفظن جو استعمال — سليم احمد شيخ
شيخ اياز جي ٽن ڪهاڻين جو اڀياس — سعيده بيگم مگريو
شيخ اياز پنهنجي دور جي تشخيص — مير محمد پيرزادو
سچل سرمست جا شيخ اياز تي اثر — ملڪ نديم
شيخ اياز سنڌي ٻوليءَ جو محافظ — اياز گل
شيخ اياز جي غزلن ۾ ڌرتيءَ جا رنگ — ادل سومرو
شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ صرفي بناوتون — برڪت بلوچ
شيخ اياز جا ترائيل — قاسم ملڪ
چيئر بابت ويچار — مونس اياز
عالمن، اديبن ۽ دانشورن جا موڪليل خط

**آءُ درازا هل**

ليکڪ: تاج جويو
ڇاپو پهريون روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2007ع، مڪمل صفحا80
سٽاءُ
پبلشر پاران:
منهنجو هڪ سچل    تاج جويو
سچل سرمست جهومي رهيو آهي
اسان ڀٽائي ۽ درازيءَ جي روايت جا وارث آهيون
سرمست سڀ سچل ٿيندا آهن
سچل سرمست جي عظمت
امن ۽ انسانيت جو شاعر
چرخي چڻ نه لڳدا
شاهه، سچل ۽ سامي _ سيمينار

**ويا جي هنگلور**

سهيڙيندڙ: ستار
ڇپائيندڙ سنڌ ادبي اڪيڊمي ڪراچي، 1999ع، مڪمل صفحا 262

**ترتيب**

1. آچيندي لڄ مران — ستار
2. جيسين باڪ ڦٽي — ڊاڪٽر فهميده حسين
3. باڪمال شعور جو شاعر — غلام محمد گرامي
4. سنڌ ۽ سنڌيت جو عيوضي شاعر — گوبند مالهي
5. سنڌ جي سوني ڌرتيءَ جو شاعر — ڪيرت ٻاٻاڻي
6. اياز تي ٿيل تنقيد جو جائزو — اي جي اتم
7. نه ختم ٿيندڙ دور — مهتاب محبوب
8. ڏات ڏٺي شيخ اياز — پوپٽي .ر. هيرانداڻي
9. جي تون سرجٽهار، جيءُ انوکو جڳ ۾ — امداد حسيني
10. شيخ اياز نثر نويس — ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي
11. اياز جي فڪر جو سفر — نند جويري

12. اڏري ويندو سانءِ — امرجليل
13. شيخ اياز آفاقي شاعر — احمد سليم
14. اياز ۾ منظر نگاري — تاجل بيوس
15. شيخ اياز عظيم شاعر عظيم شخص — پرڀو وفا
16. ڪو ڏوہي گهاٽ ته ڳولي آ — غلام حسين رنگريز
17. شيخ اياز جي آجياڻي — موتي پرڪاش
18. پوپٽ جو پيرو — ڊاڪٽر عبدالجبار جو ڻيجو
19. شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ جماليات — ممتاز مهر
20. سنڌي ادب جو بنيادي ڪهاڻيڪار — ڊاڪٽر قاضي خادم
21. شيخ اياز سنڌي شاعريءَ جو نئون جنم — پروفيسر ارجن شاد
22. پنهنجا ساريم سومرا — مدد علي سنڌي
23. اياز پيار جو شاعر — اياز لطيف پليجو
24. تو جا سمجهي سيٽ سا اڄ تائين اتهاس — ثميره زرين
25. ڪاتب جو قلم — ريٽا شاهاڻي
26. ڪراچي شهر شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ — ملڪ نديم
27. نيارو پنڌ — انور فگار هڪڙو
28. اياز جي شاعري هڪ مطالعو — امير علي چانديو

**گيڙو ويس غزل** (غزل ڪليات)
ليڪڪ: اسحاق سميجو
ڇاپو پهريون 2004ع روشني پبليڪيشن
ڇاپو ٻيو 2008ع روشني پبليڪيشن
ڇاپو ٽيون 2015ع روشني پبليڪيشن، مڪمل صفحا 528
سٽاءُ
هي سپنا منهنجي جهوليءَ ۾ _ شيخ اياز
هيءَ ڪوِتا نه هئي، ڪا نئين مت هُئي (مهاڳ) اسحاق سميجو
غزل
ڏسٽي
جهڙالي هوا، گلابي گلي (رايا)
محمد ابراهيم جويو
هري دلگير
امير علي چانديو
اي جي اُتم
رشيد ڀٽي
امداد حسيني
تنوير عباسي
عبدالجبار جوڻيجو
مهتاب محبوب
فتاح ملڪ
تاج جويو
ارجن شاد
موهن ڪلپنا

واسديو نرمل

**ناوَ هلي آ گيت ڪٺي**
مرتب: اسحاق سميجو
ڇاپو پهريون روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 2009ع، مڪمل صفحا 364
سٽاءُ
رنگ رتو آڪاس (شيخ اياز جو گيت) اسحاق سميجو
مان توکي گيت ڏيان اي ڌرتي! شيخ اياز
گيت
ڏسٽي
رُت بدلي، رُت بدلي او! (رايا)
هري دلگير
پير حسام الدين راشدي
آغا سليم
رسول بخش پليجو
امير علي چانديو
ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
تاج جويو
ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو

**ڳالهيون شيخ اياز جون**
مرتب: ڊاڪٽر ادل سومرو
ڇپائيندڙ: شيخ اياز چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، ڇاپو پهريون 2010ع، مڪمل صفحا 153
سٽاءُ
شيخ اياز جو فڪر اسان جو ورثو آهي پروفيسر ڊاڪٽر نيلوفر شيخ
ڪجهه سِٽون پنهنجي پاران ڊاڪٽر ادل سومرو
سنڌي ڀاڱون
ڏِلي ڇڏ مَهار ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
شيخ اياز جو سماجي، سياسي شعور ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو
ڳالهيون شيخ اياز جون احمد سليم
وڄون وسڻ آيون جو تنقيدي جائزو شمس الدين عرساڻي
شيخ اياز، وحدت الوجود ۽ انسان جي عظمت تاج جويو
شيخ اياز جي ادبي تخليق جو مختصر جائزو پروفيسر ڊاڪٽر خورشيد عباسي
تولئه ٻولن ٻولڙيون سرور سيف
ويو وڻجارو اوهري ستار پيرزادو
شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ دنيا جا ڏاها مهرخادم
عالمي امن ۽ روشن خياليءَ جو شاعر فياض لطيف
مون ڇا اوريو ارٿ سان (شيخ اياز نقاد جي حيثيت ۾) غلام زينب ابڙو
**حصہ اردو**
**شیخ ایاز یکتا شاعر یکتا انسان سراج**
**شیخ ایاز آمریتوں کے خلاف مزاحمتی ادب کا ہیرو امر جلیل**
**شیخ ایاز اور ترقی پسند تحریک مسلم شمیم**

**دھرتی کا شاعر** **آصف فرخی**
**شیخ ایاز ساہیوال جیل کی ڈائری کے آئینے میں** **کرن سنگھ**
**ایاز مزاحمت کا استعارہ** **مسز صوفیہ یوسف**
**شیخ ایاز کی شخصیت دعاؤں کے آئینے میں** **سید طارق حسین رضوی**

**شيخ اياز ۽ صحافت** (روزاني برسات ڪراچيءَ ۾ ڇپيل مضمون ۽ ايڊيٽوريل)
شيخ اياز جو نثر _ جُلد4
سهيڙ ۽ سنوار: ذوالفقار هاليپوٽو
ثقافت کاتو حڪومت سنڌ ، ڇاپو پهريون 2010ع، مڪمل صفحا 534
فهرست
پبلشر نوٽ
مهاڳ
برسات ۾ ڇپيل مضمون
مان ۽ صحافت
شهيد ڀٽو منهنجي نظر ۾
آرٽ جي دنيا
منهنجي شاعريءَ جا موضوع

منهنجي پسند جا شاعر، اديب ۽ آرٽسٽ
ڪازان زاڪس نڪوس
سولزي نٽس
هيمنگ وي
پبلونرودا
لورڪا
اسپين جي خانه جنگي ۽ عالمي ادب
خودڪشيءَ جو خبط
خودڪشيءَ جو خبط _2
اِمراءُ القيس کان سُقراط تائين
مير انيس جي مرثيا گوئي ۽ ان ۾ فطرت جي منظر نگاري
پٽائيءَ تي ايتري بي توجهي ڇو؟
ڌرتيءَ سان وابستگي ۽ اردو شاعري
آرٽ ۽ آزادي لازم ملزوم
21 جون بينظير جو جنم ڏينهن

**برسات ۾ ڇپيل ايڊيٽوريل**
هن ديس جا مسئلا ۽ برسات جي نقطئه نگاهه
سنڌيءَ ۾ ٽيڪنالاجيڪل ڊڪشنريءَ جي ضرورت
جهنگلي جيوت جو بچاءُ
سنڌ ۾ اردو تي عبور
جمهوريت ۽ ان جو تحفظ
سياست ممڪنات جو فن آهي
پوليس اسٽيٽ
صحافت ۽ ظرافت

ياسر عرفات جو خواب
فيض احمد فيض
خوشفهمي
بوسينا
تعليم، اڳي ۽ هاڻي
عالمي سياست ۾ قحط الرجال
عالمي امن ۽ ڪشمير
دانشوري ۽ ديده وري
رمضان المبارڪ
صحافت ۽ شاعري
سڪ، بغاوت ۽ بينظير
عيدالفطر
عورتون، اسان وٽ ۽ ٻاهر
اسان جي ذهني ڪيفيت
اسان جو روحاني ورثو
سڪر سي ئي ڏينهڙا
ڪاريهر جي ڪنهن ڪي ڳل!
دهشتگردي
23 مارچ
جالب ۽ جالبي
چين جو نئين سر جائزو
سنڌ ۾ ٽيندڙ سازش
جينيس ڪنهن کي چئبو آهي؟
پاڪ _ ڀارت نيوڪليئر جنگ جا امڪان
هڪ نئون سياسي شعور
ويٽنام جمهوريت جي راهه تي
شاگردن ۾ بيچيني
موت جي سزا
قوم پرستي، تاريخ جي آئيني ۾
ڪرنل معمر قذافي
هانگ ڪانگ ۽ 1997ع وارو معاهدو
ڪشمير تي ڳالهه ٻولهه
اوجهڙي ڪئمپ
آپ بيتي ۽ جڳ بيتي
پاڪ _ ايران ناتا
سنڌ جا چار شهيد
سنڌ ۾ ثقافت جو مسئلو
سنڌي ادب، هندستان ۾ ۽ پاڪستان ۾
گلوڪار محمد يوسف جو علاج
سنڌ جي باري ڪجهه سوال
محترمه بينظير جو جرمنيءَ جو ڪامياب دورو
ڊاڪٽر سليم الزمان صديقيءَ جي وفات

سنڌ ۾ عورتن جي آزاديءَ جون عورتون
سنڌ جون ٽي بيمثال اديبائون
ائنا مُلڪا احمد
سنڌي ثقافت ۽ بقا ۽ اسان جي تشخص جي بقا
پرڏيهه ۾ سنڌي
سيد سبط حسن
ٽر ۽ ٽر مان لڏل ڪوئلو
جنوني درندا
افغانستان جي موجوده صورتحال
نيلسن منڊيلا ۽ ڏکڻ آفريڪا جي آزادي
فرانس ۽ ان جي ڪلچر زوال ڏانهن
دهشتگردي، ماضي، حال ۽ مستقبل جي آئيني ۾
ڇا ڪميونزم وري موٽي رهي آهي؟
سي مري ٿيا نه مات
يمن ۾ خانه جنگي
سارڪ سمٽ ضروري آهي
مان ڪنهن کي دانهن ڏيان اي ڌرتي!
چين ۽ چيني ڪميونزم جو مستقبل
پاڪ _ هند تعلقات
ادبيات اڪادميءَ جو نئون چيئرمين ۽ پنجابي ٻولي
سولزي نٽس جي وطن واپسي
جيڪولين ڪينيڊي
مذهب ۽ چيني ڪميونزم
تبت ۽ ان جو مستقبل
جديد ترقيءَ جا اهم مسئلا
6 جون 1944ع (ڊي _ ڊي، D _ Day)
عراق جي اقتصادي ۽ فوجي صورتحال
پرٿوي ميزائيل ۽ مشرق ۾ نيوڪلائي هٿيارن لاءِ ڊوڙ
ديوار برلن جو جو معيار، هونيڪر ۽ هن جو موت
سياست ۾ مذهبي جنونيت جو دخل
ڄام ساقيءَ جي پيپلز پارٽيءَ ۾ شموليت
ڪِم ال سنگ جو موت
روس ۾ فاشزم _1
روس ۾ فاشزم _2
روس ۾ فاشزم _3
چين: وڏيڪ مراعات يافته قوم

**باغي شاعر شيخ اياز**
مرتب: اياز ابڙو
ڇاپو پهريون 2011ع، نئين دنيا پبليڪيشن شڪارپور مڪمل صفحا
**سٽاءُ**
ٻه اکر اياز ابڙو

| | |
|---|---|
| متيءَ ماءُ ڪي پيتا | شيخ اياز |
| پٽ ڏٽيءَ ڪي پيتا | شيخ اياز |
| ساميءَ ڪي پيتا | شيخ اياز |
| سائين جي ايم سيد ڪي پيتا | شيخ اياز |
| شڪار پور ڪي پيتا | شيخ اياز |
| بيت (سُر اياز) | قاضي منظر حيات |
| شيخ اياز جو سوانحي خاڪو | |
| شيخ اياز جا شايع ٿيل ڪتاب | |
| پونئر پري آڪاش جا پيش لفظ | شيخ اياز |
| چندِ ڦريو چوڏار | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو |
| سپنا منهنجا سنڌڙي | آغا سليم |
| شيخ اياز جي شروعاتي شاعري | ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو |
| صدين جو سرجڻهار | فياض لطيف |
| ڌرتيءَ جو شاعر | آفتاب سومرو |
| انقلابي شاعر شيخ اياز | نسيم بخاري |
| نندِ وليون ۾ شيخ اياز | وحيد محسن |
| تاريخ جو تسلسل | همير چانڊيو |

**ڳاءِ انقلاب ڳاءِ** (مزاحمتي شاعري)
مرتب: اسحاق سميجو
ڇاپو پهريون 2015ع روشني پبليڪيشن مڪمل صفحا 800
فهرست
مهاڳ

1. دوها
2. بيت
3. وايون
4. گيت
5. نظم
6. غزل
7. قطعا
8. ٽه سٽا/ هائيڪو
9. ڏيڍسٽا

**شيخ اياز جي شاعريءَ جو جديد مطالعو**
ليکڪ: ڊاڪٽر فياض لطيف
پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور _ سنڌ، ڇاپو پهريون، مارچ 2017ع، مڪمل صفحا 320
سٽاءُ
پبلشر نوٽ: قربان منگي
هيءَ سين نه ڏيندي چين... (مُهاڳ): ڊاڪٽر فياض لطيف
**مقالا/ مضمون**
شيخ اياز جو فڪري سفر _ اڪبر لغاري
شيخ اياز جي شاعريءَ جو اپياس _ جامي چانڊيو

شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ موسيقيت _ ڊاڪٽر احسان دانش
شيخ اياز جي سنگيت ناٽڪن جو اڀياس _ عادل عباسي
شيخ اياز جي شاعري: فن ۽ فڪر _ ڊاڪٽر شير مهراڻي
شيخ اياز جي شاعري ۽ ڏند ڪٿائون _ ننگر چنا
شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ منظرنگاري _ عزيز قاسماڻي
شيخ اياز جي لوڪ گيتن جو جمالياتي اڀياس _ ڊاڪٽر فياض لطيف

**شيخ اياز جا تنقيدي مضمون**
سهيڙيندڙ: عبدالستار پيرزادو
ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2018ع، مڪمل صفحا 344
فهرست
پبلشر پاران
انوکي ذات آڻيندڙ
سُورائتا پُور
مون سي ڏنا ماءِ
جڙن جي ڪوجنا
تاج سياسي شعور جو شاعر
سوچون صحرا سراب
داخليت جي سچائي
شرافت جي پُلصرات
فطرت سان پرپور شاعري
لهرون لهرون شاعري
منهنجي ٺاريءَ مان ٽڙيل گل
اڳتي قدم
جهلڪون
رولو ڪلب جي شاعر جو خط
ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون
ڪٿي نه پيجبو ٽڪ مسافر
ڪتينُ ڪَرَ موڙيا جڏهن جو مهاڳ
ڪٿي نه پيجبو ٽڪ مسافر ڀاڱو 3
هي سپنا منهنجي جهوليءَ ۾
سانجهي سمنڊ سپون
پيار ۽ آزاديءَ جا خواب تي به اکر
خيال، احساس اُمنگ
ڪهاڻيءَ جي تواريخ
شاعريءَ جا فني قدر ۽ سنڌي شاعري

**منهنجو جبريلِ قلم، منهنجو پيمبر ڪاغذ**
ليکڪ: ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو
مڪمل صفحا

**اياز جا سنگيت ناٽڪ** (منظوم دراما)
مرتب: اسحاق سميجو

چاپو پهريون ڊسمبر 2017ع، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، مڪمل صفحا 232
فهرست
مهاڳ اسحاق سميجو
شيخ اياز جي راءِ
منظوم ڊراما
مندن جو منڊل
دودي سومري جو موت
رني ڪوٽ جا ڌاڙيل
ڀڳت سنگهه کي ڦاسي
سنگيت ناٽڪن جو اڀياس
محمد ابراهيم جويو
رشيد ڀٽي
ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو
ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو
ڊاڪٽر فياض لطيف
عادل عباسي
تاج جويو
ڊاڪٽر احسان دانش
ڊاڪٽر حميده قاضي

**شاعريءَ جو سجدو**
سهيڙيندڙ: نور احمد ميمڻ
نئون ڇاپو: 2018ع، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، مڪمل صفحا 112
فهرست
سهيڙيندڙ پاران
تون ڇپر تون ڇانوَ
جر ڏيئا جهمڪن
هرڻ اکي ڪيڏانهن
سر لوهيڙا ڳپيا
تون ڇپر تون ڇانوَ

**شيخ اياز جا دوها**
ليکڪ: ڊاڪٽر فياض لطيف
ڇاپو پهريون: سمبارا پبليڪيشن مارچ 2018ع، ڪُل صفحا 160

**شيخ اياز چشمِ فطرت جو شاعر**
ليکڪ: استاد لغاري
ڇاپو پهريون: آڪٽوبر 2020ع، سنڌ راڻي پبليڪيشن حيدرآباد، مڪمل صفحا 192
ڏسڻي
اداري پاران
مهاڳ

شيخ اياز چشمِ فطرت جو شاعر
چئن رخن واري شاعري
غزل
نظم
وايون
بيت
ٽيڙو
نثري ٽڪرا
پٽائيءَ جو نالو
شيخ اياز جو مطالعو
پڄاڻي

**مون سان منهنجا سپرين** (موضوع: خط)
ليکڪ: ڊاڪٽر فياض لطيف
ڇاپو پهريون 2021ع روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، مڪمل صفحا
فهرست
*مقدمو: ڊاڪٽر فياض لطيف

1. ابراهيم جويي ڏانهن خط
2. روشن آرا مغل ڏانهن خط
3. مينڊري ع سعادتي ڏانهن خط
4. ايڊيٽر ڏانهن خط
5. عبدالواحد سنڌيءَ ڏانهن خط
6. غلام رباني آگري ڏانهن خط
7. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڏانهن خط
8. لعل پشپ ڏانهن خط
9. جي ايم سيد ڏانهن خط
10. مدد علي سنڌيءَ ڏانهن خط
11. حميد سنڌيءَ ڏانهن خط
12. ڄام ساقيءَ ڏانهن خط
13. طارق اشرف ڏانهن خط
14. ماهتاب محبوب ڏانهن خط
15. ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي ڏانهن خط
16. نصير مرزا ڏانهن خط
17. فيروز ميمڻ ڏانهن خط
18. نارائڻ شيام ڏانهن خط
19. اياز گل ۽ ادل سومري ڏانهن خط
20. نياز همايونيءَ ڏانهن خط
21. لڇمڻ ڪومل ڏانهن خط
22. ڊاڪٽر سحر امداد ڏانهن خط
23. نفيس احمد ناشاد ڏانهن خط
24. قاضي منظر حيات ڏانهن خط
25. ساپيا سانگي ڏانهن خط

26.محمد موسيٰ ڀٽو ڏانهن خط
27.رام پنجواڻيءَ ڏانهن خط
28.يوسف شاهين ڏانهن خط

**شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ لُغت**
ليکڪ: ڊاڪٽر فياض لطيف
سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد، 2023ع، ڪُل صفحا

ترجمو ٿيل/ لکيل ڪتاب

اردو:

**حلقہ مری زنجیر کا**

فہمیدہ حسین: ۱۹۸۹ع، پیج ۳٦۲

ترتیب

(کچھ ترجمے کے بارے میں) فہمیدہ ریاض
گیت اور وائیاں
دوھے اور بیت
غزلیں
نظمیں
منظوم ڈرامہ (دودو سومرو کی موت)
شیخ ایاز (شخص اور شاعر) حمایت علی شاعر
اشاریہ و فرہنگ جاوداں میر

**شیخ ایاز (شخص اور شاعر)**

حمایت علي شاعر، المصنفین پاکستان، 1979ع، پیج۱۱۳

## شیخ ایاز کے خطوط

مترجم: کرن سنگھ
پبلشرز: فکشن ہاوس،پہلا ایڈیشن ۲۰۰۲ع،
(جے کاک ککوریا کاپڑی کا اردو ترجمہ)

**ذکر ایاز**

آصف فرخی – شاہ محمد پیرزادہ، مکتبہ دانیال کراچی، اشاعت اول ۱۹۹۹ع، پیج ۲٦۳

ترتیب

(۱)

شیخ ایاز شخص و شاعر سراج الحق میمن
دو آنسوئوں کا نذرانہ سوبھو گیانچندانی
ایک بی پناہ شاعر اور ہماری بدنصیبی رسول بخش پلیجو
شیخ ایاز موئن جو دڑو کی طرح خاموش ہوگیا سلطانہ وقاسی
راھ جذب و جنوں کا مسافر امر جلیل
شیخ ایاز ڈاکٹر غلام مصطفیٰ خان
شیخ ایاز کی وفات پر ڈاکٹر جمیل جالبی
موت نہیں، زندگی کا جشن آصف فرخی
آخری سلام عطیہ دائود
وہ شاعر تھا کہ ساحر تھا سحر امداد

(۲)

شیخ ایاز عطیہ دائود
شیخ ایاز اور حیرت کا جزیرہ مظہر لغاری
شیخ ایاز یادون کے آئینے میں تاجل بیوس
ایک مسافر جس کا سفر ناتمام رہ گیا رئوف نظامانی
شیخ ایاز نے کیا چاہا تھا ڈاکٹر فہمیدہ حسین
شیخ ایاز فہمیدہ ریاض
شیخ ایاز سے ملاقاتیں فہمیدہ ریاض

ایاز، خسرو، کبیر اور پریم کا دھاگا — زاہدہ حنا
سندھ دھرتی کی طرح امر — ڈاکٹر محمد علی صدیقی
اک پرندہ پھر اٹھے گا اپنی راکھ سے — ولی رام ولبھ

(۳)

پہلی بات — فیض احمد فیض
شیخ ایاز سندھ کی تاریخ کے آئینے میں — وی ایف آگئیف
شیخ ایاز — آصف خان
جن کے ساتھ زندگی گذاری — جی ایم سید
شیخ ایاز — شیخ عبدالرزاق راز
ایاز کہانی کے چند اوراق — آفاق صدیقی
شیخ ایاز، اردو سندھی کا سنگم — حمایت علی شاعر

(۴)

متنازعہ سخن آفریں — حسن مجتبیٰ
ادب کی آڑ میں — رشید احمد لاشاری
سنگرام کا پس منظر — محسن بھوپالی
یے خود ساختہ نقاد
در در ٹھوکر کھائے — ڈاکٹر مبارک علی
وادئے مہران کا ایک شاعر — عبدالقوی ضیاء
شیخ ایاز کی شاعری — احمد سلیم
نیل کنٹھ اور نیم کے پتے — حسن منظر
ایاز شناسی — آصف فرخی
فکر ایاز کے ماخذ — مرتب

## فکر ایاز

آصف فرخی – شاہ محمد پیرزادہ، مکتبہ دانیال کراچی پیج ۳۷۵،

ترتیب

(۱)

پیش لفظ — مرتبین
ایاز نامہ — آصف فرخی

(۲)

افسانے

جذبوں کی زبان — جمال ابڑو
سفید وحشی — شیخ ایاز
شرابی — شیخ ایاز
ہنس مکھ — شیخ ایاز
چار ایکڑ زمین — شیخ ایاز
مشیر نامہ — شیخ ایاز

(۳)

خود نوشت

دنیا ساری خواب — شیخ ایاز
ڈائری کے چند ورق — شیخ ایاز
کاک محل سے رنگا ہوا جوگی — شیخ ایاز
سُندر بن سے ایک خط — شیخ ایاز
ساہیوال جیل کی ڈائری — شیخ ایاز

(۴)

انتخاب اردو کلام

پس منظر — آفاق صديقي
نیل کنٹھ اور نیم کے پتے — فهميده رياض

| | |
|---|---|
| قطعات | شیخ ایاز |
| گیت | شیخ ایاز |
| غزلیں | شیخ ایاز |
| نظمیں | شیخ ایاز |
| سر مارئی | شاہ لطیف/ شیخ ایاز |
| غزل | سامی /شیخ ایاز |
| غزل | سانگی /شیخ ایاز |

(۵)

انتخاب سندھی کلام

| | |
|---|---|
| جل جل مشعل جل | ابراہیم جویو |
| نظمیں | شیخ ایاز/ الیاس عشقی |
| بولوں کا بل | شیخ ایاز/ شان الحق |
| نظمیں | شیخ ایاز/ محسن بھوپالی |
| گیت | شیخ ایاز/ محسن بھوپالی |
| دوہے | شیخ ایاز/ آفاق صدیقی |
| نظمیں | شیخ ایاز/ آفاق صدیقی |
| ترجمے | شیخ ایاز/ فہمیدہ ریاض |
| وائی | شیخ ایاز/ انور ندیم علوی |
| غزلیں | شیخ ایاز/ انور ندیم علوی |
| نثری نظمیں | شیخ ایاز/ آفاق صدیقی |
| نظم | شیخ ایاز/ حمایت علی شاعر |
| کہہ مکرنیاں | شیخ ایاز/ آذر تمنا |
| نظمیں | شیخ ایاز/ انور سن رائے |
| نظمیں | عبدالرحمٰن نقاش |
| نظمیں | شیخ ایاز/ رفیق احمد نقش |
| نظمیں | شیخ ایاز/ مصطفی ارباب |
| نظمیں | شیخ ایاز/ بادل |
| وائی | شیخ ایاز/ شاہ محمد پیرزادہ |
| نثری نظمیں | شیخ ایاز/ آصف فرخی، شاہ محمد پیرزادہ |
| نظم | شیخ ایاز/ رفیق احمد نقش |
| دو نظمیں | شیخ ایاز/ ستّار |
| توہی چھپر ، توہی چھاوں | شیخ ایاز/ محمد موسیٰ بھٹو |

(٦)

اردو مضامین

| | |
|---|---|
| سچل سرمست | شیخ ایاز |
| شاہ لطیف کے کلام کا فکری پہلو | شیخ ایاز |
| جدید ادب کی اہمیت | شیخ ایاز |
| کلام اقبال کا فلسفیانہ پہلو | شیخ ایاز |
| ہے کہاں تمنّا کا دوسرا قدم | شیخ ایاز |

(۷)

سندھی مضامین

| | |
|---|---|
| سندھی شاعری کا مزاج | شیخ ایاز |
| ایک تقریر | شیخ ایاز |
| ای تاریخ کے تسلسل کے پاسبانو! | شیخ ایاز |
| کاش سب مارئیاں مسکرائیں | شیخ ایاز |
| سندھ اور اردو پر عبور | شیخ ایاز |
| دیدہ وری اور دانشوری | شیخ ایاز |
| سندھی شاعری میں ایک نئی آواز | شیخ ایاز |
| ادب، ثقافت اور جمہوریت میں مزاحمت | شیخ ایاز |

(۸)
انٹرویو

| | |
|---|---|
| شیخ ایاز کے ساتھ ایک شام | سعیدہ گذدر |
| وڑن کے تعاقب میں | شیخ ایاز |
| شیخ ایاز سے ایک ملاقات | فقیر محمد لاشاری |
| شیخ ایاز سے گفتگو | منظر امکانی |
| باتیں ہماری یاد رہیں | آصف فرخی، شاہ محمد پیرزادہ |
| سفر کا ستارہ | احمد سلیم |
| فکر ایاز کے مآخذ | مرتبین |

## شیخ ایاز: شخصیت اور فن

ڈاکٹر انور فگار ھکڑو
اشاعت ۲۰۰۶ع، اکادمی ادبیات پاکستان ، مکمل صفحات
فہرست

| | |
|---|---|
| پیش نامہ | افتخار عارف |
| پیش لفظ | ڈاکٹر انور فگار ھکڑو |

زندگی
شاعری
اردو شاعری
افسانہ نگاری
صحافت
شاہ عبداللطیف کے کلام کا منظوم اردو ترجمہ
شاعری کے مختلف زبانوں میں تراجم
تصانیف اور تعارف
ناقدین کی آراء
حوالاجات
کتابیات

## صديوں کي صدائيں (منظوم اردو ترجمو)

مترجمٍ: نور احمد جنجھی، مکمل صفحات
ایڈیشن اول ۲۰۲۳ع، کویتا پبلیکیشن حیدرآباد
فہرست
مقدمہ نور احمد جنجھی
نظمیں
وائیائے آہنگ
غزلیات
ابیات و مختصرات

## پنجابی ترجمہ

جو بیجل نے آکھیا
احمد سلیم، پبلشرز: انسٹیٹیوٹ آف سندھالاجی، سندھ یونیورسٹی جامشورو، پیج ۴۳۲
ترتیب:

| | |
|---|---|
| پبلشر ولوں | ڈاکٹر خواجہ غلام علی الانا |
| پہلی گل | فیض احمد فیض |
| ایس کتاب بارے | مشتاق صوفی |
| مُکھ بول | احمد سلیم |

گیتاں دے سنگ ٹھیل پئی بیڑی (وائیاں، گیت)

رت، کُہاڑی تے چن (نظماں)
ویل وچھوڑے دی (گیت ناٹک)
رنی کوٹ دے دھڑویل
بھگت سنگھ دی پھانسی (چونویں حصے)
کنڈھے گھمن گھیر (چونویں بیت)
سُر سوہنی
سورٹھ
نوری تماچی
سسئی
ماروی
گھاتو
لیلا
کاپائتی
مومل
موکھی متارے
نویں شلوک
رلے ملے بیت
ڈھلدی رات نہ رہدی راول (نثری ترجمے)
اگ دیاں پیلوں (تاثر)
سُورج لُکیا گھاٹیاں (وائیاں)

## بلوچي ترجمو

## ڍاٽڪي ترجمو

ٻاٻيهو ٻولي
مترجم: پريم شيواڻي

انگريزي ڪتاب

### The Stroms Call for prayers

Author: Asif farukhi, Saleem pirzada
1st edition 1999, pages

### Songs of Freedom

Author: Saleem Noor hussain, pages:136
Edition, 2nd: Sindhi Adabi Board Jamshoro, 2006.

Contents


| | |
|---|---|
| Preface | Saleem Noorhussain |
| Prologue | Muhammad Ibrahim joyo |
| Poems | |
| Three Short verse | |
| Selection from | "ke jo Beejal – a Bolio' |
| Selection from | "Vijoon Wassan Aanyon" |
| Selection from | "Rin-a Te Rimjhim" |
| Selection from | "Chand-u Chambeli-a vull" |
| Selection from | "Kapar tho kunn-a kare" |

Operas
Death of Dodo Soomro
Hanging of Bhagat Singh
Bandits of Ranikot
Epilogue Shaikh Ayaz
Notes Various Sources

Immortal Poetry of Shaikh Ayaz (167 pages)
Author; J.M. Girglani (Jetho Mangaldas Girglani)
Edition; 2nd, March 2007
Published By; Shaikh Ayaz chair Shah Abdul Latif University Khairpur
Index
Poet of All people; prof; Dr A.R.Malik
Few words; Dr. Adal Soomro
Foreword; Hari Dilgir
Preface; J.M Girglani
Chapter -1; Introduction
Chapter-2; Themes of Ayaz's Poetry
Chapter-3; Prosody
Chapter-4; Farewell

Dodo Soomro's Death
Noor Ahmed Janjhi,1st edition 2021, Kavita publication
Contents
Preface Noor Ahmed Janjhi
Characters
Baghul Bai aka Baghi
Dodo
Chholi
Chanesar
Miscelaneous
Shaikh Ayaz Poet of bright Dawn
Bait of Ayaz
Nudity is their costume
Green pods ins kandi tree and Ayaz…!
Look at the Bazar O Bahoo!
Appendices
دودو سومري جو موت
A Glosary of Opera

Thar and Ayaz
Noor Ahmed janjhi

# باب پيو

## شيخ اياز جي شاعريءَ تي فني حوالي سان ٿيل ڪم جي ڇنڊڇاڻ

### شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ "جماليات" تي ٿيل ڪم جو جائزو

شيخ اياز کي جمالياتي شاعر چئجي ته غلط نه ٿيندو. اياز جي شاعريءَ ۾ جماليات به گهڻ پاسائين ملي ٿي. اياز جي شاعريءَ ۾ شعري ۽ ٻوليءَ جي جماليات سان گڏ حُسن ۽ جسماني ڪشش تي موجود شعري جمال تي نقادن لکيو آهي. "اياز وٽ جيڪا جماليات آهي، سا به Hedonistic آهي، ان جو سلسلو به سندس تصور حسن سان ڳنڍيل آهي." [1] ڊاڪٽر عابده گهانگهرو، شيخ اياز تي لکيل پنهنجي ڪتاب "شيخ اياز صدين جو سرجڻهار" ۾ ص159، 160 ۽ 161 تي ٻُڪ جي جماليات تي لکيو آهي. ڊاڪٽر عابده هتي اهڙو ڪو خاص مواد ناهي ڏنو. فقط رسول بخش پليجي جو هڪ ٽڪرو حوالي طور ڏئي عام رواجي ڳالهايو آهي. بک جي جماليات تي اياز جو "ٽري ٻار جو گيت" مثال ۾ ڏنل آهي.

شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ جماليات تي ڪم تمام گهٽ ٿيو آهي، پر ڪجهه محقق آهن جيڪي ميدان ملهائي رهيا آهن، ۽ اياز شناسيءَ جي ڏس ۾ پنهنجو ڪم ڪري رهيا آهن.

ڊاڪٽر فياض لطيف جو شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ جماليات تي تمام شاندار نموني سان ڪم ٿيل آهي، جنهن ۾ هُن ٻوليءَ جي جماليات ڪان فني ۽ فڪري جماليات تائين سهڻي انداز ۾ مثالن سان لکيو آهي. شاعريءَ ۾ صوتي، تشبيهي، استعاراتي، علامتي جماليات وغيره تي لکي ٿو:

"اياز نه فقط ٻوليءَ جي صوتياتي اثرن مان ترنم تخليق ڪيو آهي، پر پنهنجي شاعريءَ جي اظهار لاءِ انيڪ نوان لفظ، نيون تشبيهون، نوان استعارا ۽ نيون علامتون پڻ ايجاد ڪيون آهن." [2] شعر ۾ جڏهن ڪا هڪ پاسائين فني خوبي هوندي ته اهو شعر به ان هڪ پاسي کان ئي خوبصورت لڳندو، باقي فني گُهرجون پوريون نه هجڻ ڪري ٻين پاسن کان اڻپورو لڳندو. ائين ئي اياز جي شاعري به هر پاسي کان فني فڪري لحاظ کان پوري هجڻ ڪري ئي عام و خاص جي دلين ۾ پنهنجي اهميت برقرار رکيون ويٺي آهي. پڙهندڙ اياز جي شاعريءَ کي پڙهي لطف اندوز ٿئي ٿو. ان ڪان سواءِ اياز جي شاعريءَ ۾ فني ۽ فڪري تجربن جي سُونهن ڪان ويندي نغمگيت ۽ موسيقيت جي جمال جي باري ۾ ڊاڪٽر فياض لکي ٿو:

"اياز جي شاعريءَ ۾ فني ۽ فڪري تجربن جي ندرت ڪان وٺي، اظهار، اندازِ بيان، ٻوليءَ جي جاذبيت، منظرڪشي، علامت نگاري ۽ نغمگيت تائين جون لاتعداد خوبيون ۽ خوبصورتيون موجود آهن، جيڪي ڪيس نه رڳو منفرد جمالياتي شاعر بنائن ٿيون پر ڪيس دنيا جي وڏن جمالياتي شاعرن جي صف ۾ شمار پڻ ڪن ٿيون." [3]

جيئن دنيا جهان جي شاعرن جي شاعري انيڪ خوبين سان ڀرپور آهي، ائين ئي شيخ اياز جي شاعري به شعري گُهرجن ۾ پُوري ۽ شعري خوبين ۽ خاصيتن سان ڀري پئي آهي ۽ ان شعري ڪمال جي بنياد تي ئي اياز جي شاعري دنيا جي شاعرن جي شاعريءَ سان سينو ساري بيهڻ جو ست ساهي ٿي. ڊاڪٽر فياض لطيف، اياز جي شاعريءَ مان جسماني حُسن، فطرتي حُسن، درد جو حُسن بيان ڪيو آهي. فني جماليات ۾ مفرد لفظ، مرتب لفظ، مرڪب لفظ، پورڻ/ مڪمل تڪرار، اپورڻ/ جزوي تڪرار، نالي سان شروع ٿيندڙ بيت، پد جو ورجاءُ، بيت جي آخر ۾ فقري جو ورجاءُ، آخري پد سان نئون بيت شروع ڪرڻ جو حُسن. اسم تصغير جو استعمال، قافيو ۽ رديف، فصاحت، سلاست ۽ جدت، تشبيهه، استعارو، تجنيس حرفي، تجنيس تام، تجنيس مرڪب، تجنيس مڪرر، صنعت مڪرر، صنعت تلميح، صنعت تضمين، صنعت تضاد، صنعت مبالغو، غنائي جمال، عڪسي جمال، بصري يا نظري عڪس، سماعتي يا ٻڌڻ جا عڪس، لمسياتي يا ڇُهائي عڪس، سُنگهڻ جا عڪس، مُتحرڪ ۽ غير متحرڪ عڪس، ذائقي جا عڪس، گهڻ رخا ۽ انتقالي مشاهدي وارا عڪس ۽ علامتي جمال ڪي ڀرپور نموني اياز جي شاعريءَ مان مثالن سان پيش ڪيو آهي.

### شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ ”علامت نگاريءَ“ تي ٿيل ڪم جو اڀياس

جڏهن شاعر يا ليکڪ ڪي ڳالهيون سڌيءَ طرح ناهي ڪري سگهندو ته پوءِ اُهي اڻ سڌيءَ طرح ڪندو آهي. اُن پيغام ڪي ظاهري ڪو ٻيو ويس پارائي ان جي اندر ۾ حقيقي پيغام رکندو آهي، جنهن ڪي ادبي ٻوليءَ ۾ ”علامت نگاري“ سڏيو ويندو آهي. سنڌي شاعريءَ ۾ علامت نگاريءَ جو فن قديم شاعرن جي شاعريءَ ۾ به مِلي ٿو. جديد دور جي شاعر شيخ اياز به پنهجي احساسن ڪي علامتي انداز ۾ بيان ڪيو آهي، جنهن تي امير علي چانڊيي ڀرپور روشني وڌي آهي. رنگن جو، هڪ شاعر جي زندگيءَ ۾ اهم ڪردار رهي ٿو. شاهه لطيف به پنهنجي شاعريءَ ۾ رنگن ڪي علامتي طور بيان ڪيو آهي، جنهن تي تنوير عباسي لطيفيات تي لکيل ڪتاب ”شاهه لطيف جي شاعري“ ۾ لکيو آهي. ائين ئي شيخ اياز به رنگن ڪي علامتي انداز ۾ بيان ڪيو آهي. ”اياز به پنهنجي شاعريءَ ۾ اهڙيون ڪيتريون علامتون ڪم آنديون آهن، جن مان ڳاڙهو (Red) رنگ مختلف حوالن سان سامهون اچي ٿو. اياز جي شاعريءَ ۾ ڳاڙهو رنگ سڀ کان زياده پسنديده آهي. ان جو اظهار مختلف موقعن تي مختلف حقائق جي علامت آهي:

(1) ڳاڙهو (رنگ) اشتراڪيت جي علامت آهي.

(2) ڳاڙهو (رنگ) جنگ يا شهادت جي علامت آهي.

(3) ڳاڙهو (رنگ) انقلاب جي علامت آهي.

(4) ڳاڙهو (رنگ) جنس sex جي علامت آهي.“ (4)

هتي امير علي چانڊيي اياز جي طرفان شاعريءَ ۾ استعمال ٿيل ”ڳاڙهي رنگ“ کي اشتراڪيت جي علامت ڄاڻايو آهي، جيڪو سماجوادي ڀلائي، برابري ۽ ملڪ جي هر شيءِ ۾ سڀني باشندن کي برابر جو حقدار ڄاڻائي ٿو. ڳاڙهو رنگ شهادت به ڄاڻايو آهي، جو ماڻهوءَ جي رَتُ به ڳاڙهي رنگ جي ٿئي. انقلاب ۾ به جانين جي قرباني ئي ڏيڻي پوندي آهي. پنهنجي حق جي حاصلات جي لاءِ آواز اٿاري حاڪم ۽ سرمائيدار سان مُهاڏو اٽڪائڻ ۽ انقلاب کي به ڳاڙهي رنگ سان ڄاڻايو اٿس. ان کان سواءِ جنسي لاڳاپي جي مڙني حالتن کي به ڳاڙهي رنگ سان علامتي طور ڄاڻايو آهي.

ڏنو وڃي ته شيخ اياز، ٿر، ٿري ماڻهن، ٿري سُونهن ۽ اُتان جي زندگيءَ کي پنهنجي شاعريءَ ۾ تمام گهڻي جاءِ ڏني آهي. ”اياز ٿر جنهن علامتي انداز ۾ استعمال ڪري ٿو، سو ڪو جامد تجربو نه آهي، بلڪه هڪ روان تجربو آهي، جيڪو موضوع کان معروض ڏانهن هلي ٿو.“ (5) ان کان سواءِ شيخ اياز، برسات، پياس، بادل، گلاب ۽ ٻين موضوعن کي جنسي جذبي جي علامت طور پيش ڪيو آهي، ”اياز جي شاعريءَ ۾ بادل، برسات، پياس، گلاب، رابيل، ڏکڻ هير ۽ مور ٿهوڪا وغيره سڀ جنسي جذبي جون علامتون آهن.“ (6)

پاڻيءَ جي پياس، پيار جي پياس جي احساس کي جنم ڏيندي آهي. ڏکڻ هير، بادل ۽ برسات سان موسم ميگهه ملهار تي پوندي آهي. وٽندڙ ۽ رم جهم موسم ۽ ڏکڻ هير جي لڳڻ ڪري ٻُت ۾ سياڪا نڪرندا آهن ته اهڙي ڪيفيت پرين پلن ۾ محبوب جي پيار پرين گرم ۽ نرم ياڪرن، سات ۽ سنگ جي احساسن جي يادگيريءَ سان مُحب سان ملاقات جو جذبو جاڳي پوندو آهي. اياز جي شاعريءَ ۾ ٿيل اهڙن احساسن جي علامتي بيان تي امير علي چانڊيي سُٺي روشني وڌي آهي.

شيخ اياز آمريت کي ”ڪارو حبشي“ ۽ موت جي علامتن سان ڄاڻايو آهي ان سان گڏ مارشلا تي هڪ نظم ”هن ديس سڄي کي سائي آ“ کي علامتي انداز ۾ لکيو آهي، جنهن جو ذڪر امير علي چانڊيي پنهنجي اياز تي لکيل تنقيدي مضمون ۾ ڪيو آهي. شيخ اياز پنهنجي شاعريءَ ۾ موت جو گهڻي تعداد ۾ ذڪر ڪيو آهي. هن وٽ موت اچڻ وقت موت جي ايذاءَ ۽ تڪليف جو ڏج ناهي پر موت کان پوءِ زندگيءَ جي بيهي وڃڻ ۽ هن دنيا کان ڪٽجي وڃڻ جو فڪر آهي. موت، ماڻهوءَ کي متحرڪ مان ساڪن بڻائي ٿو ڇڏي. هن جي ڄُرندڙ ڀُرندڙ زندگيءَ کي هڪ جاءِ تي بيهاري ٿو ڇڏي. موت زندگيءَ جي خوبصورت گلن جهڙن پلن کي پل ۾ مُرجهائي بي رونقو بڻائي ٿو ڇڏي. ”اياز وٽ موت جو تصور درد و ڪرب کان زياده رجائيت جي علامت آهي.“ (7)

ڊاڪٽر هدايت پريم جو اياز جي شاعريءَ ۾ چنڊ جي علامتي ذڪر تي ”شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ چنڊ جي علامت“ جي عنوان سان مضمون لکيل آهي، جيڪو ڪتاب ”سو ديس مسافر منهنجو ڙي“ ۾ شامل آهي. هن مضمون ۾ ڊاڪٽر هدايت، اياز جي شاعريءَ مان اهڙا شعر چونڊي ڏنا آهن جن ۾ چنڊ جو ذڪر آهي. چنڊ کي ٻين شاعرن به گهڻو ڳايو

آهي ته اياز به گهڻو ڳايو آهي. ان جو سبب اهو آهي جو چنڊ به خوبصورت، حسين، دلربا ۽ دلنشين الهڙ عورتن جيان پنهنجي جوانيءَ جا جلوا ڏيکاريندي چمڪندو رهندو آهي. ان جي ڪري شاعرن پنهنجي محبوب جي حُسن ۽ انهن جي نوراني چهري کي چنڊ سان ڀيٽيو آهي.

شيخ اياز منظوم ناٽڪ به لکيا آهن. اياز پنهنجي ٻي شاعريءَ جيان ان ۾ به سماج ۽ سماج جي ماڻهن جي احساسن، جذبن ۽ انهن تي ٿيندڙ انياءُ کي به بيان ڪيو آهي. اياز جي محققن ۽ نقادن اياز جي ناٽڪن ۾ بيان ٿيل اهڙي فڪر تي به پنهنجي ناقدانه نظر رکي آهي. اياز جيڪو پيغام سماج جي هيٺن، ابوجهن ۽ ڪمزور ماڻهن تائين پهچائڻ چاهي ٿو اهو پنهنجي ناٽڪ جي ڪردارن واتان چورائي ٿو. انهن ڪردارن جي طرفان ڳالهايل مڪالمن مان پڙهندڙ ۽ ظالمن سان وڙهندڙ ۽ مُصيبتن سان منهن ڏيندڙ ماڻهن کي همت ۽ حوصلو ملي ٿو. ابراهيم جويي شيخ اياز جي منظوم ناٽڪ "رني ڪوٽ جا ڌاڙيل" ۾ ڪم آيل ڪردارن جي علامتي اصليت بابت لکي ٿو: "وينگس کي سنڌ جي سُونهن ۽ سوپيا، ۽ ولهار کي سنڌ جي آباديءَ ۽ خوشحاليءَ ۽ آدي، ڪادي ۽ ڏادي کي انهن جي دشمن ڪردارن، مثلاً: سامراج، جاگيردار ۽ سرمايه دار جي صورت چئي سگهجي ٿو." (8)

### شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ "موسيقيت" تي ٿيل ڪم جو اڀياس

موسيقيءَ جي لاءِ چيو ويندو آهي ته اها روح جي غذا آهي. موسيقي رقص کي جنمي ٿي ۽ رقص موسيقيءَ کي. موسيقي ۽ انسان جو پاڻ ۾ فطري رشتو جڙيل آهي. موسيقيءَ جو آواز ماڻهوءَ جي ڪَن تي پُهچي سڌو دل تي اثر انداز ٿئي ٿو ۽ هو ازخود احساساتي طور جهومڻ شروع ڪري ٿو. شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ احساس، عشق، جذبي ۽ موسيقيءَ جي وڄت جو گڏيل آلاپ ٻڌڻ لاءِ ملي ٿو. شاعري ۽ موسيقي هڪ ٻئي سڪي جا ٻه پاسا آهن. شيخ اياز پنهنجي شاعريءَ ۾ لفظن جي چونڊ اهڙي ڪئي آهي جو انهن کي پڙهندي پاڻمرادو سُر ۽ تال جڙڻ لڳي ٿو. شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ شامل موسيقيءَ جي اهڙي خوبيءَ کي ڪجهه مُحققن ۽ نقادن مثالن سميت مضمون ۽ مقالي جي صورت ۾ لکي پڙهندڙن اڳيان آندو آهي. جن ۾ قمر شهباز، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ابراهيم جويو وغيره شامل آهن. "موسيقي، اُچل ۽ ورجاءُ، اياز جا اهم فني اوزار آهن، نندڙيون نندڙيون سٽون، ويجها ويجها قافيا ۽ هم وزن لفظ، اهڙو ته جادوءَ جو وايو منڊل پيدا ڪن ٿا، جنهن ۾ ماڻهو جيئن پوءِ تيئن وڃي سُڌ ٻُڌ وڃائي گُم ٿيندو." (9) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي، هم آواز لفظن مان پيدا ٿيندڙ موسيقيءَ جيئن گوريءَ چوريءَ تي ويو يا اندروني قافين، هڪجهڙن لفظن جي تڪرار مان پيدا ٿيندڙ موسيقيءَ تي سهڻي انداز ۾ مثال ڏيندي لکيو آهي ته:

"گوريءَ گجري پير ۾، چوريءَ ڪيئن اچي،

گهر گهر گهنگهرو گونجندا، ميڙو پل ته مچي،
نانگي اچ نچي، داتا تنهنجي دوار تي.

هنن ٻن لفظن "گوريءَ ۽ چوريءَ" ۾ آخري "ايءَ" جي وينج (Vowel) جي آواز جي آهنگ ۽ سنگيت ۾ جا جهنڪار آهي، سا منفرد آهي. اها جهنڪار لفظن جي مجموعي يا اندروني ۽ وينجن جي آواز ڪري پيدا ٿئي ٿي. اڪثر ڪري لفظن جو تڪرار ۽ ٻيڻ وارا لفظ به بلند آواز پيدا ڪن ٿا." [10] ان ڪان اڳتي اياز جي هڪ دوهي جو مثال به ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي ڏئي ان ۾ شامل ردم، لئي، ترنم ۽ طبلي جي وڄت واري خاصيت جي نشاندهي ڪئي آهي. ان دوهي ۾ پدن جو ورجاءُ شعر جي موسيقيءَ کي چار چنڊ لڳايو بيٺو آهي.

"طبلي جي ٿاپ جو انداز به اياز جي ڪلام ۾ موجود آهي. دوهي ۾ ان جي هڪڙي صورت هيءَ آهي:

ڌنا ڌنا ڪنهن، ڌنا ڌنا ڪنهن منا منا سي ڇپ،
ڪڇي هٽي ويا ڪپ، اسان کي ڪڇي هٽي ويا ڪپ. [11]

اياز جي شاعريءَ ۾ شامل لفظن ۾ هڪ ئي اکر جو هڪ سٽ ۾ استعمال ٽيندڙ لفظن ۾ ڪيترا ئي ڀيرا اچڻ شاعريءَ جي موسيقيت کي ھٿي ڏئي ٿو. پوءِ اهو ساڳيو اکر ڪٿي لفظ جي مُنڍ ۾ اچي ٿو، ڪٿي وچ ۾ اچي ٿو ته ڪٿي وري آخر ۾ اچي ٿو، جيڪو شعر جي ترنم لاءِ راهه هموار ڪري ٿو.

"گوريءَ گجري پير ۾، چوريءَ ڪيئن اچي؟
گهر گهر گهنگهرو گونجندا، ميڙو پل ته مچي.!
نانگي اچ نچي، داتا تنهنجي دوار تي.

پهرين ڳالهه اوهان ڏسندا ته هن بيت جي پهرينءَ سٽ جي پهرين بند ۾ "گوري" ۽ ٻئي بند ۾ "چوري" لفظ هم قافيا آهن، جي سٽ جي اندر ترنم پيدا ڪن ٿا. ٻيو ته پهرين سٽ جي پهرين ٻن لفظن گوري ۽ گجري ۾ اکرن گ، ر ۽ ي جو تڪرار آهي. گ جو تڪرار پوئينءَ سٽ جي نانگي لفظ ۾ به آهي. پهرين سٽ ۾ به ڀيرا گ ۽ ٻيءَ سٽ ۾ هڪ ڀيرو گ ۽ چار ڀيرا گهه اکر پڙهڻ کان پوءِ، جنهن جو صوتي اثر لڳ ڀڳ "گ" جهڙو آهي. جڏهن اهو آواز تحت الشعور ۾ ويهي ٿو وڃي ته پوئينءَ سٽ ۾ آيل گ وري ان جي صوتي اثر ( Sound effect) کي اڀاري ٿو. ساڳيءَ ريت پهرينءَ سٽ جي لفظن ۾ چار ڀيرا "ر" ٻي سٽ ۾ ٽي ڀيرا "ر" ۽ هڪ ڀيرو "ڙ" (جنهن جو آواز به لڳ ڀڳ ساڳيو آهي) ۽ پوئينءَ سٽ ۾ هڪ ڀيرو "ر" ڪم آندل آهي. پوري بيت ۾ اُهو ٽيَ ڀيرا "ر" جو تڪرار ترنم پيدا ڪري ٿو." [12]

**شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ "تجنيسون ۽ صنعتون" جي موضوع تي ٿيل ڪم جو جائزو**

شيخ اياز پنهنجي شاعريءَ ۾ تجنيس ۽ صنعت جو به سهڻو استعمال ڪيو آهي، جنهن تي اياز جي نقادن ۽ مُحققن قلم کڻي ان جي وُسعت ۽ گِهرائيءَ کي بيان ڪري

پڙهندڙن جي اڳيان پيش ڪيو آهي. ان حوالي سان اياز جي شاعريءَ ۾ شامل تجنيس ۽ صنعتن جي خوبصورتيءَ تي جنهن سڀ کان پهرين قلم کنيو اهو آهي قمر شهباز! قمر شهباز اياز جو هڪ شعرڏٺي ان ۾ شامل ساڳيي اکر سان شروع ٿيندڙ لفظن يعني ”تجنيس حرفيءَ“ بابت لکي ٿو:

”شيخ اياز جي شاعري تقريبن سموري، تجنيس حرفيءَ سان ٿمٽار آهي.

آيو اوهيرا ڪري، ڄرڪي منهنجي ڄاڻ،
چڙا چنگ وڳا پئي، پنا پئي پاڻ،
ساري رات وتاڻ، ٿميا ڇُٺاڪا ڪيو.“ (13)

سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۽ جديد شاعريءَ ۾ تجنيس حرفيءَ جي استعمال جي هڪ روايت رهي آهي. جنهن جو مثال ڪلاسيڪل شاعرن ۾ شاهه لطيف جي شاعري ۽ جديد شاعرن ۾ شيخ اياز جي شاعريءَ مان وٺي سگهجي ٿو. ان کان اڳتي قمر شهباز، اياز جي شاعريءَ مان ”تجنيس حرفيءَ جو وڌاءُ“ نالو ڏئي هڪ زبردست خوبي ڳولي لڌي آهي، جنهن جو ذڪر هن طرح ڪيو اٿائين:

”ڳگهه وڳو گهگهه ۾، ڏني جهپ جهاز،
ڦاٽا وڏي ڦاٽ سان، ٻمن مان آواز،
هي آزاديءَ راز، اک نه چنپن آدمي!
***
ٿو سڏ ڏيان هر سڏڪي ڪي،
تون جاڙ ڪرين، مان ماڙ ڪيان.
***
اپيون ٻانهون اپ ڏي، ڏونرن ٻنا ڏار ...
***
ڪا ترائيءَ جي، چانوَ چانئجي هجي.
***

مٿين سٽن ۾ ڳگهه ۽ گهگهه، ڦاٽا ۽ ڦاٽ، سُڏڪو ۽ سَڏُ، اپيون ۽ اُپ، چانوَ ۽ چانئي وغيره نه صرف ساڳئي آواز سان شروع ٿيندڙ لفظن جا جوڙا آهن پر مختلف معنيٰ رکندي به هڪ لفظ ٻئي جو وڌاءُ آهي. جهڙوڪ: ڳگهه + و =گهگهو، ڦاٽ + ا =ڦاٽا، سَڏ + ڪو = سُڏُڪو، اپ + يون = اپيون، چانءَ + ئي = چانئي وغيره. چاڪاڻ ته هيءُ هُنر بلڪل نئون آهي، يا گهٽ ۾ گهٽ منهنجي نظر ۾ ڪامياب آهي. ان ڪري ان کي نالي ڏيڻ لاءِ مان کيس تجنيس حرفيءَ جو وڌاءُ Extended Alliterationچوندس.“ (14)

شيخ اياز جي شاعريءَ ۾اندروني قافين جو استعمال به گهڻي قدر ملي ٿو. قافين جو اندروني استعمال شعر جي سُونهن جو ڪارڻ بڻجي ٿو. قمر شهباز، اياز جي شاعريءَ ۾

استعمال ٿيل خوبين تنجيس حرفي ۽ تجنيس حرفيءَ جو وڏاءُ جو ذڪر ڪرڻ ۽ مثالن ڏيڻ کان پوءِ ”ان ئي سلسلي ۾ اضافي طور هڪ ٻي ترڪيب جو به ذڪر ڪرڻ ضروري آهي، اها آهي هم آواز ۽ هم قافيا لفظن جو عام جام استعمال، مثال طور:

ڏاڍا واڍا ڏيهه جا، ڏيههُ ڪڙن قابو،
هي جو هيل لهو!
***
چارڻ ٻارڻ ٻارڪو، ڏي ڪالهُن لهسَ،
مَڄُ وساڻو سچ جو.
***
سِر ڪيچي سُر ٿيو، پُورا ڳالهه نه پُلُ،
گهوريو گهوريو گهوريو!
***
پيئڻ تي جيئڻ، گهوري گهوٽ وهاٽيا،
روئندو تن لئه راتڙيون، سدائين سانوڻ،
هُو جي مَري جڻ، موڪيءَ ڪي موڪي ويا.
***
تو ڪي سڌ سُئا، هُو جي رات مُئا،
ورتائون وِهُه گاڏئون.
***
ڪُونڌر ڪُڏائي اوڏڙا، ٿُونڊ نچايا مون،
وڃن پيا ويڙهه ۾، سُورهيه ۽ سوپُون،
لَهوءَ لال پڳون، ڪِڙيون رت چڪندڙيون!
***

متين شعرن ۾ ڏاڍا واڍا، چارڻ ٻارڻ، مَڄُ سَڄُ، سِرُ سُرُ، پيئڻ جيئڻ، سُئا مُئا ۽ سَپُ سِپَ جا جوڙ هم قافيا ۽ هم آواز آهن.“ (15)

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي به شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ شامل علم بديع ۽ علم معاني تي لکيو آهي، جنهن ۾ هن به تجنيس حرفيءَ جي باري ۾ لکيو آهي پر مثال اياز جي بيتن مان ڏنا اٿس.

”اياز جي اڳيان علم بديع، علم عروض ۽ علم معنائن جي رنگ محل جو سڄو جنسار موجود آهي. هن تجنيس حرفيءَ جي دستوري ورتاءَ سان گڏ نوان تجربا به ڪيا.

سورٺ روپ انوپ، سهسين سانگ سهاڳ جا،
سورٺ تنهنجو روپ، مايا ارٿ پرائيو.

***

جوڀن ڀريان ڏينهنڙا، ساوڻ گهاٽا مينهن،

سارا سارا ڏينهن جهڙ نه لهي جيءَ تان.” (16)

مثال ۾ ڏنل پهرين بيت ۾ چار اهڙا لفظ آهن جيڪي ”س“ جي اکر سان شروع ٿين ٿا. ٻئي بيت ۾ ”ج“، ”س“ جو خوبصورت استعمال ٿيل آهي.

شيخ اياز جي شروعاتي شاعري فارسي آميزيءَ جي اثر ۾ لکيل آهي، جنهن ۾ واو عطفيءَ، زيرِ اضافت ۽ همزه اضافت جا مثال مِلن ٿا. شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ ان پاسي تي ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي، ڊاڪٽر اسحاق سميجي، نُور احمد جنجهي، عزيز قاسماڻي ۽ ٻين مُحققن، نقادن لکيو آهي.

”گهڻ ئي صحي پر زيرِ اضافت جو استعمال موجود آهي. ان جو مثال هي آهي:

قدم قدم تي هجومِ رندان، نظر نظر ۾ شراب خانا،

ڪري ويو ڪير بارشِ مئي، خمار آلود ٿيا زمان.” (17)

ان کان سواءِ ڊاڪٽر جبار جوڻيجو اياز جي شاعريءَ ۾ واو عطفيءَ جي استعمال جا مثال به ڏئي ٿو:

”واو عطف جو استعمال به ٿورو ٿورو ڪيو اٿس:

ڏنم آسمان و زمين تون ڪٿي آنهه؟

ڪٿي آنهه منهنجا پرين، تون ڪٿي آنهه؟“ (18)

”و“ معنيٰ ڏيندو آهي ”۽“ جي. وزن جي چڪر ۾ اڇي شاعر ”۽“ جي جاءِ تي ”و“ جو استعمال ڪندا آهن. ٻوليءَ جي اهڙي استعمال سان فارسي آميزيءَ جو اثر پڻ ظاهر ٿئي ٿو. مٿي ڏنل شعر جي پهرين سِٽَ ۾ ”آسمان و زمين“ ٻن لفظن جي وچ ۾ ”و“ جو استعمال ٿيل آهي.

اياز جي شاعريءَ ۾ ترڪيبن تي محمد ابراهيم جويي ڀرپور پيرو قلم کنيو آهي، جيڪي هن جي مهاڳن واري ڪتاب ”مون ذات انوکي آندي آ“ ۾ ڇاڻايل آهن.

”هنن ئي گيتن ۾ اوهان کي اواڪ اُڃ، ڪنڊ ڪٽورن جا، سپني ول، تارونءَ ۾ تلوارون، آنديءَ ۾ آڪيرا، ڌرتيءَ تي دستارون، چپر مان چاڻ، آڪيري جي اوٽ، ڏر جو ڏڌ، ڏاڍ جي آڌ، چنگ جي چٽنگ، گلابي گهڙيون، ماڪ مهل، لهوءَ جي ندي، گهنڊ گناهن جا ۽ ٻيون اهڙيون ڪيئي ترڪيبون ملنديون، جن مان اڪثر، پنهنجي اصطلاحي مفهوم توڙي علامتي مقصد ۾ شاعر ڀرپور پيرو استعمال ڪيون آهن.“ (19)

اياز جي دوهن ۾ اندروني قافين ۽ اسم تصغير جي استعمال اياز جي دوهن جا مثال ڏئي ۽ انهن ۾ اندروني قافيي طور ۽ اسم تصغير طور شامل ٿيل لفظن جي نشاندهي ڪئي آهي”جڏهن ته آخري ٽن دوهن ۾ اسم تصغير (ڳالهڙيون ۽ ماڻهوئڙن) جو هنر ڪتب

آٿي، اندروني قافين (ٻُک، ڏُک ۽ سُک) جي استعمال سان، هن ڪمال جي حُسناڪي پيدا ڪئي آهي.“ (20)

ڊاڪٽر فياض لطيف شيخ اياز جي دوهن ۾ شامل تشبيهن جو به مثال ڏئي ذڪر ڪيو آهي، جهڙوڪ: شام ڪي ڪوراڻ، حياتيءَ ڪي ماڪ، پيرن ڪي چنبيلي ۽ سپنن ڪي پاتوليءَ جي هٿن جهڙو سمجهڻ!

اهڙيءَ طرح استعاري جو ذڪر ڪندي ڳالهين ڪي ”ڳالهيون چندن چورو“، ”ڳالهيون آڳ“ موت ڪي ”پيراڊو“، دشمن ڪي ”ڪاريهر“، دنيا ڪي ”سراءِ“ ۽ دل ڪي ”ڪعبو“ جي استعاراتي طور استعمال ڪرڻ جو ذڪر ڪيو آهي.

نُور احمد جنجهي اهڙا مثال شيخ اياز جي واين ۽ غزل مان ڏنا آهن: ”غزل ۾ به هُو (شيخ اياز) انهن ترڪيبن ڪي سهڻي نموني استعمال ڪري ٿو. مونس ماهتاب، دير و ڪعبه، همرڪاب وغيره غزل جي هنن سٽن ۾ ملي ٿو:

مونسِ ماهتاب آهيان مان.
ڪنهن پرندي جو خواب آهيان مان.
خالقِ ڪائنات ڏس تنهنجي،
جستجو جو جواب آهيان مان.
جيستائين هلين ابد تائين،
اي ازل! هم رڪاب آهيان مان.
دير و ڪعبه جو دڳ وسار اياز!
چڏ گهٽو خراب آهيان مان.

هڪ ٻئي غزل ۾ فارسي يا اردو ترڪيبون پلوڙ بيهڪ سان آيل آهن. هن غزل جو رديف ”ويجهو آءُ“ انهن فارسي ترڪيبن ڪي ڏيکي ٿو . شعر و شراب، جهانِ خراب، مرمرين جسم ۽ احمرين اکڙيون هڪڙو ترنم جوڙين ٿيون.“ (21)

نور احمد جنجهي طرفان مٿي ڄاڻايل شعر ۾ استعمال ٿيل لفظ ”مونس“ جي ”س“ تي زير، ”خالق“ جي ”ق“ تي زير جو استعمال ”زير اضافت جو مثال آهي. ان ڪان سواءِ نور احمد جنجهي اياز جي جنهن غزل جو رديف ڄاڻايو آهي ۽ ترڪيبن جي استعمال جا مثال پيش ڪيا آهن، اهو غزل ناهي ڏنل فقط ان تي تجزيو ۽ نشاندهي ٿيل آهي.

شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ شامل تجنيس جي فن تي عزيز قاسماڻي پنهنجي ڪتاب ”شيخ اياز جي غزل جو فن“ ۾ ص161 کان 181 تائين باب پنجين ” شيخ اياز جي غزل ۾ علم بيان“ ۾ اياز جي غزل ۾ تجنيس تام، تجنيس حرفي، تجنيس خطي، تجنيس زائد، تجنيس لاحق، تجنيس مرڪب، تجنيس مزيل، تجنيس مضارع، تجنيس مُطرب، تجنيس مڪرر، تجنيس ناقص، استعارو، مجاز مرسل، تشبيهه، اشارا ۽ ڪنايا مثالن سميت ڏنا آهن.

پر انهن ۾ ڪجهه غلطيون به ڪري ويو آهي، جن جي نشاندهي باب چوٿين جي عنوان شيخ اياز جي شاعريءَ تي ٿيل "تحقيق ۽ تنقيد" جو تجزيو ۾ ڪئي وئي آهي.

**شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ "واو عطفيءَ ۽ زيرِ اضافت" تي ٿيل ڪم جو جائزو**

پروفيسر سحر امداد جو، اياز جي شاعريءَ تي هڪ علمي مضمون لکيل آهي، جيڪو ڪتاب "سو ديس مسافر منهنجو ڙي" ۾ شامل آهي. پروفيسر سحر امداد، ان مضمون ۾ اياز جي شاعريءَ ۾ شامل زيرِاضافت ۽ واو عطفيءَ جو ذڪر مثال ڏئي ڪيو آهي.

ڪتاب "شيخ اياز هڪ منفرد قلمڪار" ۾ ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي، شيخ اياز جي غزل ۾ زيرِ اضافت، واو عطفيءَ، تجنيسِ حرفي، لفظن جو ورجاءُ، تڪرار ۽ ٻٽن قافين جو هڪ هڪ مثال ڏئي ذڪر ڪيو آهي.

واو عطفيءَ ۽ زيرِ اضافت جو استعمال فارسي شاعريءَ جي اثر مان سنڌي شاعريءَ ۾ آيو، جنهن ڪري ئي جنهن شاعريءَ ۾ اهڙو استعمال ٿيل آهي ته ان کي مُحققن ۽ نقادن فارسي شاعريءَ جي اثر ۾ ڄاڻايو آهي. اياز جي به پهرين شعري ڪتاب "ڀونر ڀري آڪاس" ۾ شامل شعرن ۾ اهڙا مثال ملن ٿا.

"اياز جو پهريون شعري مجموعو "ڀونر ڀري آڪاس" فارسي آميزي جي ان ساڳي روايت جو تسلسل آهي، ۽ ساڳئي مجموعي جي ابتدا ۾ هن زير اضافت، همزه اضافت، واو عطفيءَ ۽ فارسي لفظن ۽ ترڪيبن جي محدود استعمال کي به جائز قرار ڏنو آهي." [22]

نور احمد جنجهي، اياز جي شروع وارين واين ۾ واو عطفيءَ ۽ زيرِ اضافت جي استعمال جا مثال ڏئي ذڪر ڪيو آهي، ۽ اياز جي واين ۾ استعمال ٿيل اهڙي فني مهارت جي ڪري اهڙين واين کي "نظم" جي ويجهو سڏيو آهي. پر منهنجي خيال ۾ هي وايون ئي آهن.

"شروعاتي واين ۾ زيرِ اضافت ۽ واو عطفيءَ واريون ترڪيبون ڪتب آنديون اٿس، جيئن: منزلِ مقصود، آب و گل، چشمِ فطرت وغيره.

اي زمانن جا ضمير!
تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آهي؟
آب و گل مان ڇو بڻايئي زندگانيءَ جو ضمير؟
تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آهي؟
چشمِ فطرت مان اجا تائين اُگهيو ڪنهن ناهه نير،
تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آهي؟

انهن ترڪيبن ۽ سٽاءَ جي ڪري، اهي شعر وائي گهٽ پر نظم وڌيڪ لڳن ٿا، پر انهن ۾ پيش ڪيل خيال تمام ڳهرو آهي." [23]

**شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ ”حذف ڪيل اکرن“ تي ٿيل ڪم جو جائزو**

پروفيسر سحر امداد مطابق، اياز پنهنجي پهرئين شعري مجموعي ”پونر پري آڪاس“ ۾ ڪجهه شعرن ۾ لفظ ”حذف“ به ڪيا آهن، جن جو ذڪر مثال ڏئي ڪيو اٿس.

سير سنڌوءَ جي پرخم پرخم
ياد اوهان جي! ياد اوهان جي!

لفظ ”حذف“ ڪرڻ جي حوالي سان پروفيسر سحر امداد اياز جي ان شعر تي تنقيد ڪندي لکيو آهي ته ان شعر ۾ استعمال ٿيل لفظ ”سنڌوءَ“ ۾ آيل ”ن“ کي شاعر حذف ڪيو آهي.

شيخ اياز هڪ باڪمال شاعر هيو، لکڻ وقت شاعري هن جي آڱرين تي رقص ڪندي هئي. هن وٽ ٻوليءَ جي لفظن جو ذخيرو هيو. هُو شاعريءَ ۾ لفظ استعمال ڪرڻ وقت معنيٰ سان گڏ وزن مطابق اهڙن لفظن جو استعمال ڪندو هيو، جن ۾ ڪي به اکر حذف ڪرڻا نه پوندا هيا.

”اياز جي شعر جي هيءَ خصوصيت به پنهنجي جاءِ تي اڄ يڪتا آهي، ته هن جي شعر ۾ (تقطيع وقت) ڪنهن به اکر کي حذف ڪرڻو نٿو پوي.“ (24)

بقول، ابراهيم جويي جي ته اياز جي شروعاتي ڪتاب ۾ ڪجهه اهڙا مثال ملي ويندا جن ۾ اکر حذف ٿيل ملندا.

”اياز جي پهرئين شعري مجموعي ”پونر پري آڪاس“ ۾ ڪٿي ڪٿي اکر حذف ٿيل ڏسي سگهجن ٿا، پر ان کان پوءِ جي سندس ڪلام ۾ ڪٿي به اکر حذف نه ٿيو آهي.“ (25)

اياز پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪيتري قدر اکر حذف ڪيا آهن؟ واقعي به نه ڪيا آهن، گهڻ تعداد ۾ ڪيا آهن يا گهٽي تعداد ۾ ڪيا آهن؟ ابراهيم جويي جي مٿي ڏنل راءِ ڪيتري حقيقت تي مبني آهي؟ اهو ڄاڻڻ جي لاءِ اياز جي شاعريءَ جي اهڙي ڇنڊڇاڻ جي ضرورت آهي.

**شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ ”رديف ۽ قافيي“ تي ٿيل ڪم جو اڀياس**

ساڳيو آواز ڏيندڙ لفظن کي ”قافيو“ سڏيو ويندو آهي. شعر ۾ استعمال ٿيل قافيي کان پوءِ ورجاءُ طور ايندڙ ساڳين لفظن کي رديف چئجي ٿو. اياز جي شاعريءَ ۾ قافيي ۽ رديف جي استعمال تي به لکيو ويو آهي. قمر شهباز، ڪتاب ”سو ديس مسافر منهنجو ڙي“ جي ص86 تي اياز جي شاعريءَ ۾ شامل خوبين جو ذڪر ڪيو آهي. جهڙوڪ بيت ۾ ٻٽو قافيو، نوان ۽ اڇوتا لفظ قافيي جي لاءِ چونڊڻ. بيت، وائي، نظم ۽ غزل ۾ فني تجربا ڪرڻ جو ذڪر ڪيو آهي.

ڊاڪٽر فياض لطيف، اياز جي بيتن ۾ رديف جي استعمال بابت لکيو آهي ۽ اياز جي بيت مان رديف وارن بيتن جا مثال پڻ ڏنا آهن، جن مان هڪڙو بيت هيءُ آهي:

ٿٽي جي رابيل ۾، وري ڪڙندس مان،
وري ٽڙندس مان، مڪلي تنهنجي ماٿ ۾.

مٿي ڏنل بيت جي ٻئي پد ۾ لفظ ”ڪڙندس“ ۽ ٽئين پد ۾ ”ٽڙندس“ قافيا آهن، جڏهن ته ”مان“ رديف طور استعمال ٿيو آهي.

شيخ اياز پنهنجي شاعريءَ ۾ جيئن خيال جي نواڻ کي پسند ڪيو آهي ائين ئي هن پنهنجي شاعريءَ ۾ قافين جي لاءِ لفظن جي چونڊ به نئين ۽ نرالي ڪئي آهي. اياز جي شاعريءَ ۾ شامل اهڙي خوبيءَ تي ڊاڪٽر اسحاق سميجي لکيو ته: ”ايترا سُهڻا، انوکا، صحيح اچار وارا، نرالا وسيع معنيٰ رکندڙ ۽ مُترنم قافيا شايد ئي ڪنهن شاعر جي غزل ۾ مِلي سگهندا، جيترا اياز جي غزلن ۾ نظر اچن ٿا.“ (26)

ڊاڪٽر فياض لطيف، اياز جي دوهن کي ترتيب ڏئي هڪ ڪتاب ۾ ڇپايو آهي، جنهن جو تاريخي، تفصيلي، جامع ۽ معلومات ڀريو 73 صفحن تي مشتمل مقدمو لکي ڇپايو آهي، جنهن ۾ اياز جي دوهن ۾ شامل ڪيترين ئي فني ۽ فڪري حُسناڪين تي روشني وڌي آهي. اياز جي دوهن ۾ اندروني قافين جي استعمال تي لکيو اٿس ۽ ان جي مثال ۾ دوها ڏنا اٿس. اهڙو مثال ڀريو هڪ دوهو ص 61 تي آهي:

جڏهن نه ايندا اوڏا جيڏا، ٿيندو سُوريءَ سڏ،
تنهنجو پاڇو هلندو رهندو مُرڪي مون سان گڏ.

ڄاڻايل دوهي جي پهرين سِٽَ ۾ اوڏا ۽ جيڏا پاڻ ۾ اندروني قافيي طور استعمال ٿيل آهن ۽ ٻي سِٽَ ۾ هلندو ۽ رهندو جا لفظ پاڻ ۾ اندروني قافين جا مثال ڄاڻايا آهن.

ان سان گڏ اياز مردف دوها به لکيا آهن، اياز جي اهڙن دوهن جو ذڪر فياض لطيف پنهنجي ڪتاب ”شيخ اياز جا دوها“ ۾ ص 62 تي ڪيو آهي، مثال به ڏنا اٿس جن مان هڪ دوهو هي آهي:

ان کان ڪيسين بچڻو آهي، نيٺ پڄاڻي اچڻي آ،
پوءِ اچانڪ _ اچڻي آ، يا ڄاڻي واڻي اچڻي آ.

مٿي ڄاڻايل دوهي جي پهرين سٽ ۾ ”پڄاڻي“ ۽ ٻي سٽ ۾ ”واڻي“ لفظ پاڻ ۾ قافيا آهن. جڏهن ته انهن قافين کان پوءِ ٻنهي سِٽن ۾ ورجاءَ طور ساڳيا لفظ ايندڙ ”اچڻي آ“ رديف جو مثال آهن.

اياز جي شاعريءَ ۾ ٿيل قافين جي استعمال بابت عزيز قاسماڻي لکيو آهي. ۽ اياز جي ان فني وسعت جو اقرار ڪيو آهي. ”شيخ اياز مروي قافين، ٽوٽي مردف قافين کي ڪهنا مشق بازيگر جيان، پُتلين نموني ڪيڏائي نه صرف پاڻ فني طور تي لطف اندوز ٿيو، پر سنڌي ٻوليءَ کي مالا مال ۽ شاهوڪار بنائي ڇڏيو.“ (27)

### شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ ”تشبيهن ۽ استعارن“ تي ٿيل ڪم جو اڀياس

تشبيهه ۾ هڪ شيءِ کي ٻي شيءِ سان ڀيٽ ڏني ويندي آهي. استعاري جي معنيٰ آهي اُڌارو وٺڻ، ۽ هن ۾ تشبيهه وارا لفظ استعمال ناهن ٿيندا.

ڊاڪٽر انور فگار اياز جي شاعريءَ ۾ تشبيهن ۽ استعارن جو ذڪر ڪندي اياز جي شاعريءَ کي ساراهيو آهي. ۽ جديد شاعريءَ جي خوبين مان اهم ڄاڻائيندي لکي ٿو: ”هُن (شيخ اياز) نيون تشبيهون ۽ استعارا ڪُتب آڻي، سنڌي شاعريءَ کي جديد ۽ ترقي پسند شاعريءَ سان همڪنار ڪيو آهي.“ (28)

اياز جي غزل:

درد جي شام آ سج ويندو لهي

واءَ ۾ آهه ڪا ڳالهڙي اڻ ڪهي.

کي ابراهيم جويي ڪيترن ئي مضمونن ۽ تقريرن ۾ ذڪر هيٺ آندو آهي. هن غزل ۾ ”شام“ کي عمر جي پڇاڙي ۽ ”سج“ کي زندگيءَ جي ڏيئي سان استعاراتي طور بيان ڪيو آهي، جنهن کي ابراهيم جويي بار بار ورجايو آهي. هن سڄي غزل تي خوب بحث ڪيو آهي. ان جي هڪ هڪ بند جي ڀرپور نوني سان تشريح ڪئي آهي، ۽ لکيو اٿائين ته ان هڪ ئي غزل تي ٿيهن کان چاليهن پيجن جو سندس تفصيلي مضمون لکيل آهي.

اياز جي شاعريءَ ۾ تشبيهن ۽ استعارن جو استعمال جهجهي تعداد ۽ نرالي رنگ ڍنگ ۾ ٿيل آهي، جنهن تي وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي.

### شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ ”صنفن ۽ گهاڙيٽن“ تي ٿيل ڪم جو جائزو

شيخ اياز سنڌي شاعريءَ جي ڪيترين ئي صنفن ۾ لکيو آهي، جهڙوڪ: غزل، نظم، بيت، وائي، سنگيت ناٽڪ، قطعا، چوسٽا، ڏيڍوٽا، ترائيل، سانيٽ، هائيڪو، گيت، لوڪ گيت وغيره ۽ وري انهن صنفن ۾ اندر ڪيترائي تجربا ڪيائين، انهن جو مُنهن مُهاندو مَٽائي ڇڏيائين، ڪيتريون ئي نيون صنفون ايجاد ڪيائين. شاعريءَ ۾ ايتري وسعت پيدا ڪرڻ، ايترين صنفن تي لکڻ ۽ انهن ۾ نوان تجربا ڪرڻ. فن ۽ فڪر کي مضبوطيءَ سان پڪڙي هلڻ. پارس جيان هر صنف کي ڇهُي سونُ ڪرڻ اياز جهڙي شاعر جي وس هو. اياز جي شاعريءَ ۾ ڪيل اهڙن تجربن تي به شيخ اياز جي نقادن ۽ مُحققن قلم کڻي اهڙن گهاڙيٽن ۽ صنفن جو تحقيقي جائزو وٺي تنقيدي ۽ تجزياتي رايا ۽ مضمون لکيا آهن.

شيخ اياز پنهنجي گيت کي نه صرف گيت جي هيئت ۾ لکيو آهي، پر هن گيت کي بيت، نظم، وائي، غزل، ڪافي، ته ستي ۽ ٻين گهاڙيٽن ۾ لکڻ جا تجربا پڻ ڪيا آهن. ”اياز جي گيتن ۾ به فارم گيت لاءِ هڪ ڍانچو آهي، ان جي زندگي نه آهي. توڙي جو هن تي سئو کان به گهٽ گيت لکيا آهن. پر باوجود ان جي، اهي گهڻ هيئتي گيت آهن. هن نظم، وائي، بيت، ته ستي، ڪافي، غزل ۽ ٻين ڪئين گهاڙيٽن ۾ گيت لکيا آهن.“ (29)

ڪنهن به ڪم تي دسترس حاصل ڪرڻ جي لاءِ، مُسلسل اُن ڪم تي ڪم ڪرڻ/ رياضت ڪرڻ جي ضرورت هوندي آهي، ۽ جڏهن ماڻهو رياضت جي ان منزل تي پهچندو آهي ته خود ليکڪ کي ۽ ٻين کي ائين پاسندو آهي ته اهو سڀ پاڻمرادو لکجي رهيو آهي، پر حقيقت ۾ اُهي خيال، منظر ۽ ڳالهيون تحت الشعور ۾ رتجي/ محفوظ ٿي ويندڙيون آهن. شيخ اياز به قلم کڻي لکڻ جي لاءِ سوچيندو نه هيو، پر قلم کڻندو هيو ته ڪيترين ئي صنفون، گهاڙيٽا، موضوع، خيال، واقعا لکجڻ جي لاءِ آتا هوندا هيا، جيڪو اظهار اياز پنهنجي شاعريءَ جي ڪتابن جي مُهاڳن ۾ به ڪيو آهي. ”اياز کي گهاڙيٽن مقرر ڪرڻ تي ايتري ته قدرت آهي، جو گيت لکڻ وقت جڻ ته گهاڙيٽا هن جي اڳيان پاڻيهي نهي ٿا اچن.“ (30)

شيخ اياز، شاعريءَ ۾ پنهنجي تخليقن جي هڪ الڳ سڃاڻپ رکڻ لاءِ هڪ الڳ انداز اپنايو آهي. هن ڪنهن به هڪ اڳ مقرر ٿيل صنف/ گهاڙيٽي ۾ پابند ٿي ناهي لکيو. شيخ اياز ٻين صنفن سان گڏ نظم ۾ ته بيمثال هيئتي تجربا ڪيا آهن.

”خاص طرح اياز جا نظم انهيءَ لحاظ کان مون کي ڏاڍا انوکا پئي معلوم ٿيا آهن، انهن کي نظم جو ڪو به مروج روپ نه آهي، ۽ ائين ٿو لڳي جڻ ڪنهن نشي ۾ آيل مصور ڪيئي رنگ ڪئنواس تي هاري بُرش جي زوردار جهٽڪن سان گهڙيءَ ۾ عجيب غريب نقش ناهي ورتا هجن.“ (31)

ان کان اڳتي ابراهيم جويو، شيخ اياز جي نظم جي وُسعت، موضوعاتي ۽ فني نرالپ جي نشاندهي ڪئي آهي ۽ ”اياز جا ڪيترائي نظم آهن، جن جي ڪائي مقرر يا ٻڌل صورت (fixed patteron) نه آهي، جي پوءِ به پنهنجي فني تڪميل ۽ منطقي نتيجي تي پهچن ٿا ۽ پُوري آب تاب سان پهچن ٿا ۽ توڙي جو انهن جي وچ جون سٽون هم قافيا نه آهن ۽ انهن جا ڪي پد يا مصراعون نا تمام هجن ٿيون ته به انهن ۾ ترنم ۽ تاثر پابند شاعريءَ کان به وڌيڪ ملي ٿو. انهن جون تشبيهون ۽ استعارا بنهه نوان، جن جي نواڻ به نئين کان نئين، ڪا به انهن جي سٽ اجائي ۽ پرتيءَ جي نه _ ته به معنيٰ جي ايتري اوليت جو انهن جي ٻوليءَ جو حُسن ۽ خوبي ثانوي ڳالهه پئي پاسي. ان طرح جي فطري شعر جي هر صنف، بيت، گيت، وائي، ٽه سٽي، نظم، نثري نظم تي شاعر جي ڇاپ هجي ٿي، ۽ شاعر جي نالي جي خبر نه هوندي به ڏسي ۽ پڙهي، چئي سگهجي ٿو ته اهي اياز جا شعر آهن.“(32)

ڊاڪٽر فياض لطيف، شيخ اياز جي دوهن تي هڪ طويل ۽ جاڻ پريو مقالو لکي اياز جي دوهن کي هڪ الڳ ڪتابي صورت ۾ ڇپايو آهي، جنهن ۾ هن اياز جي دوهن جي گهاڙيٽن تي لکيو آهي. شيخ اياز اهڙا دوها به لکيا آهن، جن جو پهريون ۽ ٽيون پد پاڻ ۾ هم قافيا آهن. ٻيو ۽ چوٿون پد پاڻ ۾ هم قافيا آهن. حقيقت ۾ دوهي جو اهو هڪ نئون گهاڙيٽو آهي، جيڪو اياز ئي متعارف ڪرايو آهي.

”شيخ اياز وٽ هري پد دوهي ۾ ٻٽي قافين جو استعمال پڻ ملي ٿو. هن فني لحاظ سان انهن دوهن جو پهريون ۽ ٽيون پد هم قافيا رکڻ سان گڏ انهن جو ٻيو ۽ چوٿون پد پڻ هم قافيا رکيو آهي.

منهنجي دانهن ڪڏهن تون سڻندين، مائٽين ڏيندين ڪيرُ،
ڪيسين زخم پيو ڪُرچيندين، ڪڏهن ته ڏيندين ڏيرُ. (33)

اياز جي مٿي ڄاڻايل شعر ڪي دوهو به چئي سگهجي ٿو ته سورٺو به. ڇو ته فني بيهڪ سان جيترو دوهو آهي اوترو ئي سورٺو به. هن ۾ دوهي جيان ٻنهي سٽن جي آخر ۾ قافيا استعمال ٿيل آهن ته سورٺي جيان ٻنهي سٽن جي وچ ۾ به قافيا استعمال ٿيل آهن.

شيخ اياز هر صنف کي نئين صُورت ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ائين ئي ترائيل ۾ به اياز اصل گهاڙيٽي کان وَڌي، نئون گهاڙيٽو تيار ڪيو. جنهن ۾ هِن عام ترائيل جيان ترائيل جي پهرين مصرع، چوٿين سِٽ طور نه ورجائي آهي، اُتي ٻِي نئين سِٽَ ڏني اٿائين! پر پهرين ۽ ٻِي سِٽ، ستين ۽ اٺين سِٽ ۾ هيٺ مٿي ڪري لکيون اٿس.“شيخ اياز ترائيل جي هيئت ۾ جيڪي تبديليون ڪيون آهن انهن مان هڪ اهم ۽ منفرد تبديلي اها آهي، ته هن پنهنجي ترائيلن ۾ پهرين مصرع، چوٿين ۽ ستين سٽ ۾ نه ورجائي آهي، جيئن روايتي طور ترائيل ۾ هوندو آهي، پر پهرين ۽ ٻي سٽ ستين ۽ اٺين سٽ ۾ هيٺ مٿي ڪري دهرائي آهي.

مڌ پيتو آهه ڪنهن ڪنهن ٿانوَ سڀ ڪجهه ياد آهي،
سال ٿي ويا گڏ گذاريون جي گهڙيون سڀ ياد آهن.
چند جو پاڇو سِرنهن جي ڇانوَ، سڀ ڪجهه ياد آهي
اي پرين! توساڻ لنءَ لنءَ لانوَ، سڀ ڪجهه ياد آهي.

هير ۾ جهولا جهُليا جي هانوَ، سڀ ڪجهه ياد آهي،
پل هيا موتين جيان، مون کي لڙيون سڀ ياد آهن،
سال ٿي ويا گڏ گذاريون جي گهڙيون سڀ ياد آهن.
مڌ پيتو آهه ڪنهن ڪنهن ٿانوَ سڀ ڪجهه ياد آهي.“ (34)

**شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ ”شعري تجربن“ تي ٿيل ڪم جو جائزو**

شيخ اياز سنڌي شاعريءَ ۾، اڳين ڪلاسيڪل ۽ سينيئر شاعرن جي پيروي به ڪئي آهي ته ان سان گڏوگڏ هن پنهنجي شاعريءَ لاءِ الڳ پيچرا ناهي پنهنجي شعري اسلوب کي الڳ ۽ نروار ڪري بيهاريو آهي. رڳو اياز پنهنجي شاعريءَ ۾ نوان تجربا ناهن ڪيا، پر اُهي ايترا ته مُترنم، سهڻا ۽ وڻندڙ آهن جو شعر پڙهڻ وقت شعر جو جمال حواسن تي حاوي ٿيو وڃي! سڀ کان پهريان شيخ اياز جي شعري تجربن تي امير علي چانڊيي لکيو

آهي. امير علي چانڊيي، شيخ اياز جي شاعريءَ تي فني فڪري حوالي سان هڪ جاندار مضمون لکيو آهي، جيڪو شيخ اياز تي جامي چانڊيي جي ترتيب ڏنل ڪتاب ۾ شامل آهي. ڏنو وڃي ته امير علي چانڊيي جو هيءُ هڪ ئي مضمون هڪ مڪمل ڪتاب ڪان وڌيڪ پاڻ ۾ مواد رکي ٿو. هن مضمون ۾ ٻي مواد سان گڏ اياز جي شاعريءَ ۾ ڪيل شعري تجربن تي به لکيو ويو آهي، جنهن ۾ نظم ۾ ڪيل ٻه شعري تجربا ڏنا ويا آهن. مثلث جي صورت ۾ لکيل اياز جو نظم، جنهن ۾ اياز وزن بحر جي تبديليءَ سان گڏ قافين جي ترتيب به مٽائي ڇڏي آهي، جهڙوڪ:

"تو وڃان خنجر بڪف،
ڇيري انهن جي صف بصف،
اي پرين تنهنجي طرف، تنهنجي طرف!

اي پرين تو لاءِ مان،
جيسين مران وڙهندو رهان،
ڪاش توکي موت کان اڳ ۾ ڏسان!

هيءَ مثلث جي هڪ شڪل آهي، جنهن ۾ اياز هي نظم رچيو آهي. روايتي مثلث جي شڪل تقريبن هيئن آهي: الف الف ج/ د ر ج/ ب ب ج ليڪن اياز ان کي هيئن ڪري ڇڏيو: الف الف الف / د د د/ ج ج ج وغيره. يعني هر بند بغير وراڻيءَ جي ۽ پاڻ ۾ هم قافيا، نه صرف ايترو پر مٿين نظم ۾ وزن جي رڪنن جي به ڦير ڦار ڪئي وئي آهي، جيڪو سنڌي شاعريءَ ۾ واقعي به هڪ تجربو آهي. پهرين بند جو وزن هيءُ آهي:

فاعلاتن فاعلن
مستفعلن مستفعلن
فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

ٻئي بند جو وزن به ساڳيو آهي، مزي جي ڳالهه اها آهي ته اياز بحر ۽ رڪنن جي ترڪيب اهڙي رکي آهي، جنهن کي علمِ عروض جا ماهر ڀلي قابلِ اعتراض سمجهن پر پوءِ به چئبو ته اياز جي تجربي جي پُهچ Approach عقلي ضرور آهي. هر بند جي پهرين ۽ ٽين مصرع بحر رمل ۾ آهي ۽ بند جي پهرين سٽ ۾ هڪ رڪن هڪ محذوف ۽ هر ٽين سٽ ۾ ٻه رڪن ۽ هڪ محذوف ڪتب آندل آهي ۽ ٻي مصرع وري بحر رجز ۾ آهي ۽ اهڙيءَ طرح ترتيب وار هر بند جي ٻي مصرع ساڳي بحر ۾ آهي ۽ ان ۾ ٻه رڪن سالم ڪم اچن ٿا." (35)

ان کان سواءِ امير علي چانڊيي، نظم ۾ ڪيل اياز جي هڪ ٻئي تجربي جو به حوالو ڏئي ٿو، جنهن ۾ شيخ اياز مخمسي نظم ۾ مستزاد جو اضافو ڪيو آهي.

"سونهن تنهنجي جو هميشه گيت ڳاتو آهه يا نه؟

سچ ٻڌايانءِ ڪيئن آهه!
سمنڊ تي پاسا ورائي چاندني جيئن صبح جو،
۽ اُفق مان سج ڪڍي پهرين ڪني جيئن صبح جو،
واءُ ۾ خنڪي هجي ۽ ڌُنڌ ڪجهه ڇايو هجي،
دور شاعر جي نظر ۾ دور ڪجهه آيو هجي،
ڇئو برابر آهه يا نه؟
هاءِ! غم تنهنجو هيئين سان آنءُ لاتو آهه يا نه؟
سچ ٻڌايانءِ ڪيئن آهه!
لڙڪ تنهنجي تي سڄي دنيا وڄايو روپُ رنگ،
ٽهڪ تنهنجي تي سڄي عالم وڄايو جلترنگ،
تون خوشي تون آنهه غم ٻيو زندگيءَ ۾ آهه ڇا،
تنهنجي جهاتيءَ کان سوا دل جي دري ۾ آهه ڇا!
ڇئو برابر آهه يا نه؟

........ هيءُ نظم مسمطي هيئت واري نظمن جي لحاظ کان "مخمس" جو هڪ قسم آهي، ليڪن اياز وري ان ۾ مستزاد جو اضافو ڪيو آهي. هڪ طرف اياز مخمس جي هيئت ۾ ردوبدل ڪيو آهي. اصل مخمس جي شڪل ذهن ۾ رکڻ کان پوءِ ئي اياز جي تجربي جو داد ڏئي سگهجي ٿو. اصل مخمس جي شڪل هن ريت آهي:

الف الف الف الف ج/ ب ب ب ب ج/ د د د د ج
يا الف الف الف الف ج/ ب ب ب ب ط/ د د د د ص
پر اياز وري هي طريقو اختيار ڪيو:

پهرين سٽ الف ۽ ان کان پوءِ مستزاد ۽ وري الف الف ۽ ب ب ۽ پوءِ هيءُ جملو "سچ ٻڌايانءِ ڪيئن آهه" ۽ پوري بند جي وچي صورت هيئن بيهندي. الف +مستزاد/ الف ب ب +مستزاد/ الف + مستزاد/ ن ن ص ص+مستزاد" (37)

واقعي به ڏنو وڃي ته اياز شاعريءَ ۾ فني حوالي سان ڪيترائي اضافا ڪيا، نواڻ آندي. اياز گهڻي قدر شعري صنفن کي جيئن جو تيئن قبول ناهي ڪيو. هن انهن ۾ پنهنجي طرفان ڪي نه ڪي اضافا ضرور ڪيا آهن.

اياز جي نظم جو اهڙو ٻيو تجربو به ملي ٿو، جنهن تي به امير علي چانڊيي مثالن سان لکيو آهي. امير علي مطابق اياز پنهنجي ان مسدسي نظم ۾ ٽلهه جي اضافي سان گڏ قافيائي سٽن ۾ به تبديلي آندي آهي.

"ڌو ڌڙام
اف غلام
هِير تي غريب ڪي،

اک لڳي وئي هئي،
آهه بدنصيب کي ڪل نه پر پئي هئي،
بادشاهه جو پلنگ!
نرم نرم رنگ رنگ!
رڳ ڪئي پريان ڪنيز،
پاندان! پاندان،
نندڍ آ عجيب چيز _ هي سُتو رهيو جوان،
چوبدار ڪئي هڪل،
هُو اٿيو ڏئي هڪل.

هيءُ نظم بنيادي طور مسدس جي نئين شڪل آهي، جنهن ۾ اياز ٽلهه جو اضافو ڪيو آهي، يا ڪٿي ائين چئجي ته مستزاد معڪوس آندي اٿس. وزن جي لحاظ کان به هڪ نئون تجربو سامهون اچي ٿو. نظم ۾ مسدس جي پيٽ ۾ هينئون تجربو ڪيو ويو آهي.

مسدس جي هيئت:

الف الف الف ب ب/ ج ج ج ج د د/ ض ض ض ض ڪ ڪ/ ليڪن اياز ان ۾ هيءَ تبديلي آندي آهي:

ٽلهه الف الف/ ج ب ج ب ط ط/ ص و ص و ح ح/ وغيره.” (37)

قاسم ملڪ جو مضمون ”شيخ اياز جا ترائيل“ جي عنوان سان ڪتاب ”شاعر جي خوابن جي خوشبو“ ۾ ڇپيل آهي، جنهن ۾ هن ص113 تي اياز جي ڪيل ترائيل ۾ فني ۽ فڪري تجربن تي به لکيو آهي. فني تجربن ڇهن سٽن، ستن سٽن واري ترائيل سان گڏ اٺ سٽن جو ترائيل پر بنا وٿيءَ جي مسلسل ترائيل جو بنا مثالن جي صرف ذڪر ڪيو آهي. قاسم ملڪ شيخ اياز جي ترائيلن جي سٽن ۾ ڪيل قافين جي مٽا سٽا تي به لکيو آهي. ترائيلن جا مثال نه ڏنا اٿائين، فقط آٺن سٽن واري ترائيل جي هيئت جيڪا اياز نئين رکي تجربو ڪيو آهي، ان جو مثال A.B.A.A.B.A.A ڄاڻايو آهي. ڇهن سٽن واري ڪيل تجربي جو A.B.B.B.A.A ۽ ستن سٽن واري ڪيل تجربي جو A.B.B.B.A.B.A ڄاڻايو آهي.ان کان پوءِ ترائيل ۾ ڪيل اياز جي فڪري تجربن جو ذڪر ڪندي به ترائيل ڏنا آهن، پر اهي فڪري حوالي سان خاص نواڻ يا نرالپ نٿا رکن جو ان کي فڪري تجربو چئجي. مضمون جي آخر ۾ اياز جي ترائيل جي اهم خصوصيتن ۾ ردم، موسيقيت، رواني، ٻوليءَ جي سلاست، نيچر جو اپياس، طبيعت جون داخلي ڪيفيتون ڄاڻايون آهن.

پروفيسر سحر امداد، اياز تي لکيل پنهنجي مضمون ”تو جا سمجهي سيٽ“ ۾ اياز جي ”وائيءَ“ ۾ ڪيل تجربن تي لکيو آهي. پاڻ صرف اياز جي پهرين شعري مجموعي ”ڀونر ڀري آڪاش“ ۾ شامل واين تي لکيو اٿس. ان ڪتاب ۾ شامل اياز جي واين جو تعداد

چوڏهن ڇاٽائي انهن کي فني حوالي سان  الڳ ڪري ”عروضي وائي“ ۽ ”چند تي آڌارڪ وائي“ جي عنوانن ۾ ورهايو آهي.

”پونر پري آڪاس ۾ اهڙيون چوڏهن ڪوتائون آهن، جن کي اياز وائي ٿو سڏي ۽ جيڪي عروض تي آڌارڪ آهن.“ (38)

مطلب ته اياز جي پهرين ڪتاب ۾ شامل چوڏهن وايون آهن ۽ اهي چوڏهن ئي عروض تي سرجيل آهن ته پوءِ چند تي ڪهڙيون ٿيون؟ ص201 تي وڌيڪ وضاحت ۾ ”آءُ زندان جي جهروکي مان نهار، ترس اي حسن ازل، هر محبت جي ماجرا، تنهنجي ڳولا تنهنجون ڳالهيون صبح شام، رات ڪائي تانگهه تات، اي زمانن جا ضمير، ڪيئن ڪريان مان ڪنهن به ريت، روح منهنجي جي نجات“ کي هڪ بحر ۽ ”وري اها ئي تان اچي ٿي، مان ڪويل تون ڪاري رات، گهرا گهرا نيڻ پرينءَ جا، پنيث پنيث پڙڪن پڙڪن، ڳل تي ڳوڙها گل تي شبنم“ کي ٻئي بحر ۾ ڇاٽائي، اياز جي مڪمل چوڏهن واين کي ٻن بحرن ۾ ئي لکيل ڇاٽايو آهي. اهي ٻه ڪهڙا بحر آهن؟ اهو به نٿس ڇاٽايو. اگر اهي وايون عروض تي آهن ته انهن جا وزن ڪهڙا آهن اهو به ڇاٽايل ناهي. جيڪي عنوانن سان وايون سحر امداد ڇاٽايون آهن انهن جو انگ چوڏهن نه پر تيرنهن ٿو بيهي.

شيخ اياز نظم ۾ ڪوڙ تجربا ڪيا آهن، جيڪي رَسُ ۽ ڇَسُ گيت وارو رکن ٿا، پر اياز انهن کي نظم سڏيو ۽ لکيو آهي. اهڙن اياز جي ڪيل تجربن جو حوالو به ڊاڪٽر اسحاق سميجي ڏنو آهي، جن ۾ ”پريت پرينءَ جي پايل پايل، آيل آيل گهايل گهايل منهنجا پيرَ، اياز هن کي ”ناچ ڏن“ جو عنوان ڏنو آهي ۽ ان کي نظم ئي سڏيو اٿس، پر پنهنجي ٻولي، موضوع، پيشڪش ۽ تاثر ۾ هيءُ هڪ مڪمل ۽ پرپور گيت آهي. اياز ممڪن آهي هن کي نظم ۾ تجربو تصور ڪيو هجي، پر منهنجي خيال ۾ هيءُ گيت ۾ تجربو آهي.“ (39)

مٿي ڇاٽايل نظم جو مثال جيڪو پاڻ ۾ گيت واري دنيا پيو رکي. پر وري ان سان گڏ ڊاڪٽر اسحاق سميجي ڪجهه اهڙا گيت به ڇاٽايا آهن، جيڪي آهن گيت، پر رَسُ ۽ ڇَسُ نظم واري رکن ٿا: ”اهڙن گيتن مان 1946ع جي مهراڻ 8_9 ۾ ڇپيل گيت ”ڏس ته ڪنول ٽڙي پيو“ پنهنجي موضوع جي نزاڪت ۽ بندن وچ ۾ خيال جي تسلسل سبب گيت ڪان وڌيڪ نظم محسوس ٿئي ٿو، پر ان ۾ نفاست گيت واري آهي.“ (40)

اياز ان ڪان سواءِ گيت ۾ ڪيترائي نوان، نرالا ۽ انوکا دل لپائيندڙ تجربا ڪيا. انهن گيتن جي ڪن گهاڙيٽن کي پذيرائي ملي، ڪن نوجوانن يا ٻين شاعرن به انهن گهاڙيٽن ۾ گيت لکيا ته ڪي تجربا اياز ڪان اڳتي پنهنجو قدم نه وڌائي سگهيا. ”هن (شيخ اياز) هڪ ڪان وڌيڪ گهاڙيٽن جي امتزاج جا تجربا به ڪيا آهن، جيتوڻيڪ اهي گيت فقط تجرباتي گيت ئي رهجي ويا.“ (41)

شيخ اياز گيت ۾ بيت جو تجربو به ڪيو آهي، يعني گيت جي اندر بندن جي جاءِ تي بيت رکيا آهن. اهڙي ڳالهه ڊاڪٽر اسحاق سميجي پنهنجي ترتيب ڏنل ڪتاب ”ناوَ هلي آ

گيت ڪٽي“ ۾ ص28 تي ڪئي آهي. پاڻ اياز جي ڪتاب جو نالو ”ڪپر ٿو ڪن ڪري“ ته ڄاڻايو آهي، پر اهڙي ڪنهن گيت جو مثال ناهي ڏنو، جنهن کي حوالي طور هتي پيش ڪري سگهجي. ”هڪ گيت ”ڪپر ٿو ڪن ڪري1975ع“ ۾ به شامل آهي، جنهن ۾ اياز بندن جي جاءِ تي به بيت ڪم آندا آهن.“ (42)

شيخ اياز جي گيت تي تاج جويي به لکيو آهي، جنهن ۾ هن اياز جي انهن گيتن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي شيخ اياز هندي ماترڪ ڇند سان گڏ ترنمي ۽ فارسي وزن تي گيت لکيا آهن. اهو شيخ اياز جو فن آهي جو هن هندي ڇند تي گيت لکيا هجن، ترنم تي لکيا هجن يا فارسي وزن بحر تي لکيا هجن، پر انهن ۾ نمايان خوبي آهي ”ردم، موسيقي“ جيڪا برقرار آهي. ”اياز گهڻا تڻا گيت هندي ماترڪ ڇند تي لکيا آهن، ۽ ڪيترائي هندي ڇند ۽ فارسي وزن جي ميلاپ مان جوڙيل نون ترنمي سانچن تي جوڙيل آهن. ڪجهه فارسي وزنن تي به ڪامياب گيت لکيا اٿس، پر هن فارسي وزن اهي اختيار ڪيا آهن، جيڪي سنڌي ٻوليءَ ۽ شاعريءَ جي مزاج سان ٺهڪندڙ آهن.“ (43)

اياز پنهنجي سنگيت ناٽڪ دودو چنيسر ۾ فني تجربا ڪيا آهن. ان ۾ ڊراميٽيڪل گهُرجن ۽ ان انداز سان گڏ ان ۾ پنهنجي فني اورچائيءَ ذريعي وائي، غزل، گيت ۽ نظم جي جيڪا رس چسُ، رنگ ڍنگ، سُونهن ۽ نرملتا جو رنگ پريو آهي، ان تي ڊاڪٽر فياض لطيف هن طرح ويچار ونديا آهن: ”هُن (شيخ اياز) هِن سنگيت ناٽڪ (دودو چنيسر) ۾، پنهنجي ڪمال ذات ۽ ذانءَ سان نه فقط احساس ۽ تاثر جي تازگي پيدا ڪئي آهي، پر ان ۾ هيئت جي تخليقي تجربن سان ڪٿي وائيءَ جو سوز ۽ گداز پريو آهي، ته ڪٿي غزل جي رنگ ۽ سنگ جون سُڳنڌون اوتيون آهن. ڪٿي ان ۾ گيت جو رچاءُ آهي، ته ڪٿي نظم جي رنگيني ۽ رعنائي ملي ٿي.“ (44)

دوهي ۾ ڪيل شيخ اياز جي فني تجربن تي ڊاڪٽر فياض لطيف، شيخ اياز تي لکيل پنهنجي ڪتاب ”شيخ اياز جا دوها“ ۾ سٺي روشني وڌي آهي، جنهن ۾ هن اياز جي ڪيل دوهن ۾ فني تجربن کي مثالن سان پيش ڪيو آهي. شيخ اياز ڪجهه اهڙا دوها به لکيا آهن، جن ۾ هن 16_10 ماترائون، ڪجهه ۾ 16 _11 ماترائن وارا دوها ۽ وري ڪجهه اهڙا دوها جيڪي 11_16 ماترائن تي سرجيل آهن. 16_10 ماترائن واري دوهي بابت فياض لطيف لکي ٿو:

”.... پهرين مصرع جي پهرين پد ۾ ٽن ماترائن جو اضافو ڪري، ان جي ٻي پد مان هڪ ماترا گهٽائي ان جي ترتيب (16+ 10=26) بيهاري آهي، جنهن جي ٻنهي مصراعن جو ماترڪ انگ 52 جُڙي ٿو.

تو وٽ دک جي ديڻ نه ڪائي، سُک جا سانگ سوين،
ڇَو ڇَو چاکي ٿو تون پنهنجي تن جي تانگهه ڇَوين؟“ (45)

ٻيو 16 _11 ماترائن واري دوهي بابت ڊاڪٽر فياض لطيف لکي ٿو:

"شيخ اياز جي دوهي ۾ سڀ کان وڌيڪ پسند جو وزن جنهن تي هن لڳ ڀڳ 265 دوها لکيا آهن، اهو هري پد دوهو (11+16=27) آهي. [46]

هن ۾ ڊاڪٽر صاحب شيخ اياز جي هري پد دوهن جا 16 مثال ڄاڻايا آهن ۽ انهن جون خوبيون بيان ڪيون آهن، جهڙوڪ: ٽين ۽ چوٿين پد جو ورجاءُ، ٻي ۽ چوٿين پد جو ورجاءُ، ڊائلاگ فارم دوهن جا مثال ڏنا آهن.

اڳتي 11_16 ماترائن واري دوهي بابت ڊاڪٽر فياض لطيف لکي ٿو:

".... ان ۾ ماترائن جو سٽاءُ (16+11 =27) مقرر ڪيو آهي، جيڪو دوهي ۾ فني حوالي سان هڪ نئين تجربي جو ڏس ڏئي ٿو:

مان سنڌوءَ جي ڌار ، نه روڪيو آ جنهن ڪي ڪنهن گهاٽ،
لَهرَ لَهرَ تلوار، ڪندي وئي ڪُنَ ڪُنَ ۾ ڪڙڪاٽ." [47]

ڊاڪٽر فياض لطيف طرفان مٿي ڄاڻايل اياز جي دوهي جي ٻي اها به خوبي آهي جو هيءُ دوهو، سورٺو به آهي. دوهي جو پهريون ۽ ٽيون پد پڻ پاڻ ۾ هڪ ئي (ڌارَ _ تلوارَ) قافيو رکن ٿا. اياز جي اهڙن دوهن جو ذڪر "گهاڙيٽن" واري عنوان ۾ ڪيو ويو آهي. ان کان سواءِ شيخ اياز نظم رنگ ۾ به دوها لکيا آهن، جيڪو پڻ هڪ انوکو تجربو آهي. ڊاڪٽر فياض لطيف، شيخ اياز جي دوهن ۾ مسلسل نظم رنگ دوهن جو ذڪر به ڪيو آهي ته مثال به ڏنا آهن:

"اياز پنهنجي هري پد دوهي ۾ مسلسل نظم جو تاثير ۽ تاثر پيدا ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي آهي.

مُڪڙيءَ مُڪڙي جي مُک تان بس چُميون وتيون سي چار،
پرين، اسان جو آهي سڀ سان، پوپٽ وارو پيار." [48]

اياز دوهي ۾ ﭔه تجربا اهي به ڪيا آهن. جو هن هڪ دوهو جنهن جي پهرين ۽ ٽين پد ۾ 16 ماترائون ۽ ٻئي ۽ چوٿين پد ۾ 14 ماترائون رکيون آهن. ٻيو دوهو جنهن جي ﭼئن ئي پدن ۾ 16_16 ماترائون رکيون آهن. "دوهن مان هڪ جي ٻئي پد ۾ ٻن ماترائن (14+16=30) ۽ ٻئي ۾ چئن ماترائن يعني (16+16=32) جو واڌارو ڪري هن نئين انداز ۽ سٽاءَ تي طبع آزمائي ڪئي آهي.

ڪير پئي ٿي جهانجهر لاهي، چانديءَ جهڙا پير ڏِسي،
هِن چانديءَ ۾ هُن چانديءَ ۾، فرق پئي ٿي ڪير ڏسي.
***
هرٽي! تنهنجي هوڏ اجائي، رڻ ۾ رُڃ سوا ٻيو ڇاهي؟
آءُ ته ڪا واتهڙي ڳوليون، جيڪا اُڄَ اسان جي لاهي." [49]

اهڙي ئي تجربي جو هڪ ٻيو مثال به ڊاڪٽر فياض ڏنو آهي، جنهن ۾ هڪ دوهي جي پهرين سٽ 16_14 ماترائن ۽ ٻي سٽ 16_11 ماترائن تي آهي.

”ڀرين دوهي جي ڀرين سٽ جو وزن (14+16=30) ۽ ٻي مصرع جو وزن (11+16=27) آهي ۽ ان جون ڪل ماترائون 57 بيهن ٿيون.

هرڪو ابدي خاموشيءَ ۾، ڪوئي اڳي ڪوئي پوءِ،

سوچي پيئي ماٺھوءَ هينان، جڻ پيرن جي لوءِ!“ (50)

اياز، پنهنجي ڪتاب ”رڻ تي رم جهم“ ۾ ڇهه سٽي ستاءَ ۾ ڪجهه شعر لکي شعري صنف نظم ۾ تجربو ڪيو آهي. ”رڻ تي رم جهم ۾ او سپنا سپني جا سپنا جي سري سان ڇهه سٽي ستاءَ ۾ لکيل مختصر نظمن جو هڪ جُهڳٽو ملي ٿو، جيڪو نه فقط اياز جي اڳئين نظمن جي هيئت ۽ گهاڙيٽي کان مختلف ۽ الڳ آهي پر وزن، ترنم ۽ اظهار جي لهجي ۽ لطافت جي لحاظ کان پڻ نئون ۽ نرالو آهي.“ (51)

ڊاڪٽر فياض لطيف پنهنجي ڪتاب ”شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات“ ۾ اياز جي ڪيل شعري تجربن ”گيت نما وائي“، ”سهري رنگ وائي“، ”نظم رنگ وائيون“، ”هڪ لفظي ۽ ٻه لفظي وراڻ واريون وايون“، ”نظم رنگ غزل“، ”ڪافي رنگ غزل“، ”گيت رنگ غزل“ ۽ ”هائيڪو نظم“ جو مثالن سان ذڪر ڪيو آهي. گيت نما وائيءَ ۾ ”منهنجي من کي چينُ ناهي“، تنهنجي اکڙين ۾ هئي“، سهري رنگ وائي ۾ ”دودل گهر آيو“، نظم رنگ وائين ۾ ”اڄ ته منهنجو روح رڃجي ئي نٿو“، ”تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آ؟“، ”راڳ اسان جا راڳ اسان جا“ جا مثال ڏنا آهن. نظم رنگ غزل ۾ ”قدم قدم تي هجومِ رندان، نظر نظر ۾ شراب خانا“، ”ڪنهن ڪيئن چيو ڪنهن ڪيئن چيو پر وائي سڀ کي وات هئي“، ”جيجل! ڪهڙي ٻيجل آندي هيءَ تنبي جي تانَ؟“ ۽ ڪافي رنگ غزل جي مثالن ۾ ”ڇا چوان آ ڪير مهمان اي اديون!“، ”تئي شال ڪوئي پليءَ جو پلو ڙي“ مثالن سان لکيو آهي.

”شيخ اياز جي ڪتابن، ”واٽون ڦلن ڇانئيون“، (ص199،207،211،215)، پن ڇڻ پڇاڙان، (ص56، 203، 232) ۽ ٻڙ جي ڇانوَ اڳي کان گهاٽي، (ص141، 142) ۾ ڪيترائي هائيڪو نما نظم نظر اچن ٿا، جيڪي اصل ۾ هائيڪو ۽ ته _ ستا آهن پر اياز پنهنجي فني ڏات ۽ تخليقي ڏانءَ سان انهن ۾ ڪٿي ڀرين سٽ جي وراڻي سان خيال جي وحدت ۽ تسلسل جو تاثر برقرار رکيو آهي ته ڪٿي ستاءُ ۽ گهاڙيٽي ۾ فني ۽ تخليقي تجربا ڪري ان ۾ نظم جي ڪيفيت، رواني ۽ رنگيني پيدا ڪئي آهي.

مان ۽ تنهنجي سار،

رتل ڏانهن رُسي وئين

ڇا لئه منهنجا يار؟

مان ۽ تنهنجي سار،

سڄو وچ سُرندڙي

وَڃي ويرو تار!

مان ۽ تنهنجي سار،
رڻ تي راتاها، مثان
واريءَ جا وسڪار!

مان ۽ تنهنجي سار،
ايندي چاآڪاس مان
هماليه هونگار.

مان ۽ تنهنجي سار،
ٻُرندي ڪڏهن اوچتو
جبل جي جهونگار...؟" (52)

ان کان سواءِ شيخ اياز ڪجهه اهڙا هائيڪو نظم به لکيا آهن جن ۾ هن وچين سٽ ورجائي آهي. ڊاڪٽر فياض لطيف اهڙن هائيڪو نظمن جا مثال به ڏنا آهن. اهڙن هائيڪن کي مسلسل هائيڪا يا هائيڪو مالها سڏجي ته غلط نه ٿيندو.

"بيت ۾ ٻئي رديف ۽ ساڳيي لفظ کي قافيي طور استعمال ڪرڻ جي تخليقي تجربي کان ويندي بيت جي پهرين ۽ ٻي پد ۾ قافيي ۽ رديف رنگ جو تجربو به اياز جي ڏيڻ آهي، جيڪو سنڌي شاعريءَ ۾ هن کان اڳ ۾ ورلي ڪنهن شاعر وٽ ملندو." (53)

ڊاڪٽر فياض لطيف ان جي مثال ۾ شيخ اياز جي شاعريءَ مان ٻه بيت ڏنا آهن جن ۾ اياز جو اهڙو تجربو واضح آهي، اُهي بيت هي آهن:

تيسين تائين پون، رهندي تنهنجي تاڪ ۾ ،
جيسين تائين تون، ورندين وطن ياتري.
***
چئي سگهندين چند، توڏي مان چو ٿو تڪيان،
ڏئي سگهندين چند، مون کي پار پرينءَ جا.

ڊاڪٽر اسحاق سميجو، شيخ اياز جي غير مطلع غزل ۽ طويل غزل جي تجربي کي بحث هيٺ آندو آهي. غزل کي مطلع کان سواءِ پيش ڪرڻ، ان جي شعرن کي وڌائي هر شعر ۾ مختلف خيال، موضوع پيش ڪرڻ جو حوالو ڏنو آهي. اياز ڪيترائي اهڙا غير مطلع غزل لکيا آهن. ڪيترائي طويل غزل لکيا آهن.

"هن (شيخ اياز) نه فقط مطلع کان سواءِ غزل لکيا پر مسلسل غزل ۽ گهڻ موضوعاتي غزلن جي سيريز کي ملائي، طويل غزلن لکڻ جا تجربا پڻ ڪيا، جن ۾ هڪ ئي وقت

رومانوي، سماجي، سياسي، ادبي ۽ ثقافتي موضوعن جي مختلف پهلوئن کي ڇهيو ويو آهي. اهڙا اڪثر غزل هن جي ڪتاب ”ڪلهي پاتم ڪينرو“ ۾ شامل آهن.“ (54)

ان ڪان سواءِ غير مطلع (مطلع ڪان سواءِ) غزل تي عزيز قاسماڻيءَ پنهنجي ڪتاب ”شيخ اياز جي غزل جو فن“ ۾ بحث ڪيو آهي. ان سان گڏ غير مقطع غزل جو به حوالو ڏنو آهي، پر عزيز قاسماڻي شيخ اياز جي غير مطلع ۽ غير مقطع غزل جو جواز اهو ڄاڻايو آهي ته ٿي سگهي ٿو اياز جي غزلن جا مطلع ۽ مقطع وقت ۽ حالتن جي ور چڙهي گُم ٿي ويا هجن. عزيز قاسماڻيءَ جي اها راءِ قبول ڪرڻ جي حق ۾ نه پئي وڃي، پر وري به ان جي حقيقت ڄاڻڻ لاءِ ان حوالي سان وڌيڪ تحقيق ڪري سگهجي ٿي.

**شيخ اياز جي شاعريءَ تي ”ڪلاسيڪي ۽ همعصر شاعرن جا اثر“ تي ٿيل ڪم جي ڇنڊڇاڻ**

هر شاعر ڪنهن نه ڪنهن شاعر جو اثر قبوليندو آهي، پوءِ ڪوئي شاعر ان جي اثر کي پنهنجي تخليقن ۾ سڌيءَ طرح جاءِ ڏيندو آهي ته ڪو اڻ سڌيءَ طرح. اهڙا اثر پنهنجي شاعريءَ ۾ شيخ اياز به سينيئر ۽ همعصر شاعرن جا قبول ڪيا. شيخ اياز تي جن سينيئر ڪلاسيڪي ۽ همعصر شاعرن جي اثر جو ذڪر محققن ۽ نقادن ڪيو آهي انهن ۾ شاهه لطيف، سچل سرمست، حمل فقير لغاري، ٽئگور، فيض احمد فيض، مير عبدالحسين سانگي ۽ سرائيڪي شاعري اچي وڃي ٿي. اهڙي نشاندهي جن محققن ۽ نقادن ڪئي آهي، انهن ۾ امير علي چانڊيو، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، نور احمد جنجهي، ڊاڪٽر فياض لطيف وغيره اچي وڃن ٿا.

امير علي چانڊيي پنهنجي مقالي ۾ فيض احمد فيض جي نظم ”ڪتي“ ۽ شيخ اياز جي نظم ”چانڊوڪيءَ جو ڏاند“ ۾ هڪجهڙائي ڄاڻائي آهي. نه رڳو ايترو پر ان ڪان اڳتي لکي ٿو ته اياز جي ڪيتري ئي ڪلام ۾ فيض جو اثر آهي.

”اياز جي ٻين ڪيترن ئي شعرن ۾ فيض جي ڪلام جي گونج ملي ٿي.“ (55)

شيخ اياز، سچل سرمست جو اثر قبول ڪيو آهي ۽ مير عبدالحسين سانگيءَ جو به. انهن ٻنهي شاعرن جي شعر جا مثال ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي پنهنجي شيخ اياز تي لکيل ڪتاب ”شيخ اياز هڪ مطالعو“ ۾ ص70_71 تي ڏنا آهن. سچل سرمست جو شعر:

عاشق ڏسڻ ۾ آيو، محبوب ڪل شناسي،
عبرت عجب عجائب، اسرار رنگ عباسي.

ڏنو آهي ۽ ان جي اثر ۾ لکيل شيخ اياز جو شعر:

جي تو اجا نه ڄاتو، آ ڪير ديس واسي،
تنهنجو جنم اجايو، تنهنجي متي آٽاسي.

ڏنو آهي. ان ڪان سواءِ مير عبدالحسين سانگيءَ جي جنهن غزل جو مثال ڏنل آهي اهو:

جي سُهڻو پاڻ سڏائي ويا،
البيليون اکيون اٽڪائي ويا.

آهي، ۽ ان جي اثر ۾ لکيل شيخ اياز جو جيڪو شعر ڏنل آهي اهو هن طرح آهي:

جي پنهنجو نور نچوئي ويا ۽ تنهنجي جوت جلائي ويا.
سي لڙڪ مٽيءَ ۾ لوئي ويا، پر چاچا موتي پائي ويا.

ڊاڪٽر جبار جوڻيجي، اياز جي شاعريءَ تي حمل فقير جي سرائيڪي شاعريءَ جو اثر به ڄاڻايو آهي. جيئن حمل فقير جي ڪلام ۾ ”جوڀن جاڙ“ استعمال ٿيل آهي ته اياز جي شاعريءَ ۾ به جوڀن جاڙ جي ڳالهه آهي. ”حمل فقير لغاري جي هڪ سرائيڪي ڏوهيڙي: هئه وي جوڀن جاڙ ڪتوئي چورا ڪر ڪي چوڙ ڳيون، ۾ جوڀن جي گذرڻ جو حوالو ڏيان ٿو جو لفظن ”جوڀن جو جاڙ ڪرڻ“ ۾ اياز جي دوهي سان هم آهنگ آهي. اياز زندگيءَ جي سچ ٻڌڻ جي ڳالهه ڪري ٿو.

جوڀن جاڙ ڪئي تو مون سان، سچ ٻڌي ٿو پاڻيءَ ۾،
هو جو اپ اسڙ هو اڄ، ڪيڏو نه لڏي ٿو پاڻيءَ ۾.“ (56)

اياز جي شاعريءَ تي پٽائيءَ جي اثر بابت ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو لکي ٿو:

”اياز جي شاعريءَ تي پٽائيءَ جو تمام ڳهرو اثر هو.“ (57)

ڪتاب ”شيخ اياز هڪ منفرد قلمڪار“ ۾ ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي، اياز تي ٻين شاعرن جي اثر ۾ صرف سچل سرمست جو شعر، عاشق ڏسڻ ۾ آيو محبوب گُل شناسي، ڏئي ان جي اثر ۾ لکيل شيخ اياز جو شعر، جي تو اچا نه ڄاتو آڪير ديس واسي، ڏنو آهي. شيخ اياز جي هن شعر ۾ فني اثر ته بلاشڪ اياز ورتو آهي، پر فڪري حوالي سان اهڙي ڪا به هڪجهڙائي ناهي. هن شعر ۾ قافيو ساڳيو استعمال ٿيل آهي ۽ وزن مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن ساڳيو ئي استعمال ٿيل آهي. موضوع جي حوالي سان ته سچل سرمست جي شعر ۾ عشقيه موضوع بيان ٿيل آهي ۽ اياز جي شعر ۾ ڌرتيءَ جي عشق جو بيان آهي. يعني هتي شيخ اياز، سچل سرمست جو فني اثر ورتو آهي، نه ڪي فڪري.

ڊاڪٽر عابده گهانگهرو، اياز جي شاعريءَ تي بيوس جي شاعريءَ جو اثر به ڄاڻايو آهي، هن صرف اهڙي ڳالهه ڪري ڇڏي آهي. ان جي لاءِ ڪو حوالو، ڪو اثر ۾ لکيل اياز جو شعر نه ڏنو اٿس، جيئن ٻين محققن ڏنا آهن. ”بيوس جي شاعري به پڙهندا هئا ته ان جو اثر سندس ابتدائي شاعريءَ تي به آهي.“ (58)

نور احمد جنجهي، شاهه لطيف جي وائيءَ جي هڪ سٽ ڏئي ان جي اثر ۾ لکيل شيخ اياز جي وائيءَ جي سٽ ڏيندي لکي ٿو:

”شيخ اياز جي ساڳي وائي جي هڪڙي سٽ جو خيال لطيف جي خيال جو اولڙو آهي جنهن ۾ لطيف فرمايو آهي:

ڪانهي ڪڙائي، چڪين جي چيت ڪري

شيخ اياز چوي ٿو:
چيت ڪري جي چڪجي، ڪانهي ڪا به ڪڙائي يار!
الوميان وينگس وچ بزار" (59)

ان کان سواءِ سرائيڪي گيت جو هڪ مثال ڏئي وري ان جي اثر ۾ لکيل اياز جي نظم جو مثال ڏنو اٿس، پر مان ته سمجهان ٿو هن نظم ۾ وڇوڙي ۽ موت جي ڳالهه ٿيل آهي. ان کان سواءِ ٻي ته ڪا به پري پري تائين هڪجهڙائي نٿي ملي.

"سرائيڪي لوڪ گيت اڏرئي ٻي طوطي، وچ ٻيني ني وڻ تي.... مدت دي وڇڙي آئي آئي جندڙي مرڻ تي."(60) ان سرائيڪي شعر جي اثر ۾ لکيل اياز جو جيڪو شعر نور احمد جنجهي ڄاڻايو آهي، ان ۾ اهڙي ڪا به هڪجهڙائي ناهي. وڇوڙي جي ذڪر جي ئي هڪجهڙائي آهي پر ان جي ادائيگي الڳ الڳ آهي. اياز جو اهو نظم هيٺ ڏجي ٿو:

موت تنهنجو جلاوطن ساٿي!
ياد آيو ته دل ٻڇي پيئي
اوچتو ڪنهن پهاڙ جي ڇاتي
چيت جي چوٽ سان ڇڄي پيئي
مُنهن مٿائي وئين وڃڻ وارا!
موت آسان زندگي مشڪل...
دور آڪاس ۾ رلڻ وارا!
ڌرتيءَ جي گهڙي گهڙي مشڪل
جي سپاٽي قدم چُمي پنهنجا
ڪا به منزل، ته تون ڪٿي هوندين؟
هاءِ منهنجا جلاوطن پيارا!
جي گهُري دل، ته تون ڪٿي هوندين؟

ڊاڪٽر فياض لطيف، سچل سرمست واري جرئت، مذهبي رواداري، انسان دوستي، انساني آزادي ۽ منصوري ڪردار جي اثر سان گڏ ٽئگور جي وحدت الوجودي فڪر ۽ وجداني فلسفي جو اثر ڄاڻايو آهي. "سچل سرمست جو فڪر ۽ فلسفو پڻ اياز جي احساس ۽ آچپي جو وڏو ڏي ۽ آئت رهيا آهن. هن سچل جي جيون ۽ جرئت، تفڪر ۽ تصور، مذهبي رواداري، انسان دوستي، انفرادي آزاديءَ جي احساس، نڊر ۽ منصوري ڪردار مان سدائين اتساهه حاصل ڪيو آهي." (61)

اياز جي شاعريءَ ۾ جيڪا آنا ۽ سرمستي آهي اهو به سچل جي شاعريءَ جي اثر جو نتيجو ڄاڻايو آهي. "اياز جي شاعريءَ ۾ جيڪا فنڪاراڻي آنا ۽ ڪوپائي ڪردار نگاري ملي ٿي، ان پويان گهڻي حد تائين، سچل جي سرمستي ۽ سرفروشيءَ جا فڪري، مطالعاتي ۽ احساساتي اثر نمايان نظر اچن ٿا." (62)

شيخ اياز، رابندر ناٿ ٽئگور جا جيڪي فڪري حوالي سان شعري اثر قبول ڪيا آهن يا انهن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ پنهنجايو آهي، ان بابت ڊاڪٽر فياض، اياز ۽ ٽئگور جي شاعريءَ مان مثالن سان لکيو آهي. ”رابندر ناٿ ٽئگور جا اياز جي شاعريءَ تي فڪري ۽ فني حوالي سان ڪافي اثر نمايان نظر اچن ٿا. خاص طرح سان اياز، ٽئگور جي وحدت الوجودي فڪر ۽ وجداني فلسفي کان گهڻو مرغوب ۽ متاثر آهي. موت ۽ حيات جي موضوعن، فطرت جي مظهرن، انساني ڪيفيتن ۽ محسوسات جي ڪيترن ئي نقطن تي، هنن ٻنهي شاعرن جي تخليقن ۾، وڏي هم آهنگي ۽ يڪسانيت محسوس ٿئي ٿي. ........ هن ٽئگور جا اثر اهڙي نموني سان ورتا ۽ انهن ۾ پنهنجي فڪر، فن، ذات ۽ ذانءَ جو جوهر ملايو آهي، جو اهي هر لحاظ کان تخليقي، نرمل، ندرت ڀريا ۽ نت نوان محسوس ٿين ٿا.” (63)

ٽئگور آخر ۾ دعائون لکيون، ته شيخ اياز به آخر ۾ دعائون لکيون. اياز انهن دعائن ۾ فڪري انداز سان گڏ الله جل شانَ هُو سان مخاطب ٿيڻ وارو انداز به ٽئگور وارو اپنايو. ”شيخ اياز جيڪي دعائون لکيون آهن، انهن ۾ ٽئگور سان نه رڳو فڪر، فن ۽ فلسفي جي لحاظ سان وڏي مماثلت ۽ هڪجهڙائي ملي ٿي، پر خدا کي التجائون ۽ ارداسيون ڪرڻ، اي رب، اي مالڪ، اي ڌڻي ۽ رب العالمين جي نالن سان مخاطب ٿي ڪيس پنهنجي مدعا پيش ڪرڻ جو لهجو، نرملتا، ڪيفيت ۽ انداز پڻ ٽئگور جي دعائيه ڪلام جهڙو آهي.” (64)

ڪتاب سائو ڪي سڃاڻ ۾ شاهه لطيف واري مضمون ۾ ڊاڪٽر فياض لطيف، اياز طرفان لطيف سائينءَ کي ڏنل پيٽا، لطيف جي شاعريءَ مان چُونديل اياز جي ڪتابن جا نالا ۽ اياز جي لطيف سان ڪيل فڪري اختلافن سان گڏ بيت ۽ وائي جي شاهه لطيف واري تسلسل کي برقرار رکڻ بابت به لکيو آهي.

**شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ “لوڪ پهلوءَ” تي ٿيل ڪم جو جائزو**

شيخ اياز پنهنجي شاعريءَ ۾ لوڪ قصن کي جديد يا ڪلاسيڪل انداز ۾ ڳايو آهي. امير علي چانڊيي، اياز جي لوڪ شاعريءَ ۾ رزميه شاعريءَ تي لکيو آهي. رزميه شاعريءَ ۾ ڪنهن جنگ، جنگ جي ميدان، جنگ ۾ وڙهندڙ بهادر سپاهين جو ذڪر هوندو آهي، انهن جي سُورهيائيءَ جي ساراهه هوندي آهي. اياز به اهڙي ڪنهن تاريخي يا خيالي جنگ جي منظر کي سامهون رکي ان تي لکڻ بجاءِ موجوده قومي ويڙهه کي نظر ۾ رکندي سنڌي سورمن ۽ وطن جي بقا لاءِ وڙهندڙ نوجوانن کي همٿايو آهي، دشمن سان سينو تاڻي وڙهڻ ۽ وقتي حاڪم يا وطن فروش جي اڳيان نه جهڪڻ ۽ ان کي هر موڙ تي للڪارڻ جو درس ڏنو آهي. ”اياز ڀهريون شاعر آهي، جنهن سنڌ جا رزميه جديد انداز ۾ لکيا آهن. انهن ۾ اگرچه جنگ جي منظرنگاري نه آهي، پر اياز پسِ پرده اهڙي منظر ڏانهن اشارا

ڪيا آهن، جنهن ڪري اهڙا سمورا شعر جديد ڪلاسيڪ (Neo_ Classic) بڻجي ويا آهن.“ (65)

آغا سليم، شيخ اياز تي لکيل پنهنجي مختصر ۽ جامع ڪتاب ”شيخ اياز صدين جي صدا“ ۾ پرپور ۽ علمي انداز ۾ مختصر ۽ جامع ڄاڻ ڏني آهي. جن لوڪ قصن کي رهبر لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ جاءِ ڏني آهي، تقريبن انهن سڀني قصن تي شيخ اياز به قلم کنيو آهي ۽ خاص طور ہيجل جو ذڪر ته پنهنجي شاعريءَ ۾ جهجهي تعداد ۾ ڪيو اٿس. شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ بيان ٿيل ڪردار ہيجل بابت آغا سليم لکي ٿو: ”اياز جو ہيجل، نه لوڪ داستان وارو ہيجل آهي ۽ نه ڀٽائيءَ جي سُر سورٺ وارو، پر هي ڪو ٻيو ہيجل آهي، جنهن جي چنگ ۾ پيڙهين جي پيڙا جا پڙلاءَ پيا ٻُرن، جنهن جي چنگ مان گهايل گهوٽ پيا گهورن ۽ جنهن جي سُرن ۾ صديون پيون سُڏڪن ۽ روز لتاڙيل لُوءِ جون درديليون دانهون پيون اچن.“ (66)

اياز جي شاعريءَ وارو ہيجل قومي هيرو آهي، جيڪو پنهنجي وطن ۽ قوم جي اجتماعي مفاد خاطر ڳائي ٿو، آواز ٿو اُٿاري، ۽ جنگجو نوجوانن کي سڄاڳ ڪري وطن جي تحفظ ۽ سلامتيءَ لاءِ قرباني ڏيڻ ۽ جان جي پرواهه نه ڪرڻ جو درس ڏئي ٿو. آغا سليم ته اياز جي شاعريءَ ۾ ڳايل ہيجل جي ڪردار کي خود شيخ اياز جو ڪردار سڏيو آهي ۽ اياز جي شاعريءَ کي چنگ، ڪينرو ۽ ڪماچ سڏيو آهي. شيخ اياز به ہيجل بابت جيڪي شعر لکيا آهن انهن کي پنهنجي سُر سورٺ ۾ شامل ڪيو آهي، سُر سورٺ شاهه لطيف به لکيو آهي، پر انهن ٻنهي ۾ جيڪو فرق آهي ان بابت آغا سليم لکي ٿو: ”اياز جو سُر سورٺ ڀٽائيءَ جي سُر سورٺ کان ائين مختلف آهي، جيئن ڀٽائيءَ جو سُر سورٺ، لوڪ داستان سورٺ راءِ ڏياچ کان مختلف آهي.“ (67)

آغا سليم، سسئيءَ بابت لکيل اياز جي شعرن تي به لکيو آهي. شاهه لطيف جي سسئيءَ وٽ پُنهوءَ جي لاءِ لُڙهي وڃڻ جو ڀچتاءُ ناهي، پر اياز جي سسئيءَ وٽ ڀچتاءُ آهي. جڏهن اياز جي جديد سسئي ميهار سان ملڻ جي لاءِ وڃي ٿي ۽ درياهَ ۾ پنهنجي جوڀن کي واڳن ۽ سيسرن جي وات ۾ ڪاڄندو ڏسي ٿي ته اُن کي پنهنجي جوانيءَ جي اجُڙي وڃڻ جو ڀچتاءُ ٿئي ٿو، پنهنجي جوڀن جو ۽ ميهار سان ڪيل محبت جو.!

”اياز جي سسئي پاٽيءَ ۾ پنهنجو تَنُ ۽ ڄار ۾ قاتل تتر ڏسي، پنهنجي پاڻ تي هرڪي، پنهنجي تَنَ تي هٿ ٿي ڦيرائي.“ (68)

جنهن جي مثال ۾ آغا سليم، شيخ اياز جو هيءُ شعر ڏنو آهي:

ڄڻ ڪي انگي ڄار ۾ تتر تا تڙڦن،
پاٽيءَ ۾ پاڇو پيو، ڏنو مُنڌَ لِڱنِ،
ترنيءَ پنهنجي تَنِ، هرکي هٿ گهمائيا.

اياز، سسئيءَ سان گڏ، پُنهوءَ جو ذڪر به ڪيو آهي، اياز جو پُنهون به جديد آهي، جيڪو هڪ ئي سسئيءَ تي موهت نٿو ٿئي، پر هن ڪيترين ئي خوبصورت عورتن سان عشق ڪيو آهي ۽ محبت ماڻي آهي، پر وري به ڪيس سسئيءَ ئي سپنيءَ ڪان وڌيڪ موهيو ۽ مائل ڪيو آهي. ۽ اياز جي اها به هڪ الڳ خوبي آهي جو پنهنجي شاعريءَ ۾ اڪثر ڪردارن جو ذڪر ڪندي انهن ڪردارن جي جاءِ تي اياز پاڻ کي رکيو آهي، ائين ئي هن سُر ۾ به پُنهوءَ وارو ڪردار اياز جو پنهنجو آهي. اياز جي پُنهوءَ جنهن عورت طرف پيار جي طلب واري نگاهه سان ڏٺو ته ان ڪانئس مُنهن نه موڙيو. ”هي اُهو پُنهون آهي، جنهن ڪيئي ڪامڻيون ماڻيون آهن، جنهن ڪان ڪا به ڪُنواري نٽ، مُنهن نٽي مَوڙي.“ (69)

ٺُوري ڄام تماچيءَ جي قصي تي به شيخ اياز جا شعر لکيل آهن. آغا سليم، اياز جي بيان ڪيل نُوري ڄام تماچيءَ واري قصي کي جسماني خواهشن جي پورائي واري محبت سڏيو آهي، جيڪا اياز جي شعرن ۾ پڻ واضع آهي. اياز جي نُوريءَ جو هر جسماني عضوو، ڄام تماچيءَ جي طلب ۾ تڙپي ٿو.

سُر مومل راڻي تي اياز ڪان اڳ سنڌي ٻوليءَ جو تمام وڏو شاعر ۽ اياز جو رهنماءُ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي به لکي ويو آهي، پر ان جي باوجود به، اياز ان موضوع تي لکيو ۽ هميشه جيان نرالي ۽ ڀرپور انداز ۾ لکي پنهنجي شعرن جي الڳ سُڃاڻپ ڪرائي.

”اياز، مومل جي وڇوڙي واري بيچيني بيان ڪندي پنهنجي لهجي ۽ انداز جي انفراديت قائم رکي آهي.“(70)

شيخ اياز، موکي ۽ متارن جي داستان تي به شعر چيا آهن. اياز سُر گهاتو کي به جديد ۽ رومانوي انداز ۾ پيش ڪيو آهي.

”اياز جي سُر موکي ۽ متارا جا بيت سندس پيئڻ ۽ جيئڻ، حُسن پرستي ۽ پيار واري مت جي شاعرانڻي تشريح آهن.“ (71)

اياز مورڙي ۽ مانگر مڇ جو قصو به پنهنجي شاعريءَ ۾ منظوم انداز ۾ لکيو آهي. اياز جي مورڙي جي جنگ موجوده وقت جي ظالم ۽ ڀوتارن سان آهي ۽ مانگر مڇ کي ظالم ۽ حاڪم سان علامتي طور بيان ڪيو آهي. ”ڀٽائيءَ جي سُر گهاتو ۾ سمند، ڪُنُ ۽ مانگر مڇ سڀ ماڻهوءَ جي اندر ۾ آهن ۽ ٻُري تي ٻچ ڪري اندر جي ان مِرونءَ کي مارڻ جي سمبالزم آهي. ان جي ڀيٽ ۾ اياز جو سُر گهاتو سنڌ جي موجوده سياسي ۽ سماجي صورتحال جو منظر نامو آهي.“ (72)

سر ليلا چنيسر کي به اياز پنهنجي شاعريءَ ۾ لکيو آهي، پر اياز اُهو ليلا تي ڇڏيو آهي ته اها ان جي مرضي آهي جو هوءَ جنهن جي به چوند ڪري. چنيسر جي چوند ڪري يا هار جي چوند ڪري. اها ان جي مرضي آهي. ڇو ته پنهنجي لاءِ ڪنهن به شيءِ جي چوند ڪرڻ پنهنجي وَسِ هوندي آهي. پر جڏهن ڇُوند ڪرڻي پوندي آهي ته تڏهن ماڻهو

تڪليف مان به گذرندو آهي ته آخر ڇا جي ڇُوند ڪجي؟ ۽ وري اگر ڇوند ڪنهن غلط شيءِ جي ٿي وڃي ٿي ته ان جو پڇتاءُ رهي ٿو ۽ اذيت پوڄڻي پوي ٿي.

اياز مارئيءَ تي جيڪي شعر لکيا آهن، اُهي پڻ جديد انداز ۾ لکيل آهن، جن ۾ حوصلو ۽ همت آهي. وطن جي حُب بي انتها آهي. اياز جي مارئي، عُمر جي ڪوٽ ۾ رهي عمر بادشاهه سان سامهون ٿي ڳالهائڻ جي سگهه رکي ٿي، ۽ پنهنجي ماڙُن تي ويساهه رکندي عُمر کي چوي ٿي ته هڪ ڏينهن مون کي منهنجا مارو ضرور تُنهنجا ڪوٽ ڪيرائي آزاد ڪري وٺي ويندا.

شيخ اياز جڏهن ٿر ياترا تي ويل هيو ته اتي فصل کي گُڏ ڪندي ٿري ماڻهن جي واتان هن لوڪ راڳ همرچو ٻڌو هيو، جنهن ڪيس تمام گهڻو متاثر ڪيو. اهو همرچو ٿري مزدور ٻنيءَ ۾ ڪم ڪرڻ دوران گڏجي هڪ ئي سُر ۾ ڳائي رهيا هيا. اياز جڏهن اهو همرچو ٻڌو ته هن پاڻ به اهڙو تخليقي همرچو جوڙيو. ”شيخ اياز جي لکيل همرچي تي به پراڻي همرچي جو ئي اثر آهي.“ (73)

هتي نور احمد جنجهي اياز جي هڪ ئي همرچي ”گرجي گرجي گاجڙلو لا!، همرچي جو ويلو ڙي“ جو ذڪر ڪيو آهي.

پهاڪا ۽ چوڻيون لوڪ ادب جو حصو آهن. شيخ اياز پنهنجي شاعريءَ ۾ پهاڪن ۽ چوڻين جو به استعمال ڪيو آهي. اياز جي دوهن مان اهڙا مثال فياض لطيف ڏئي انهن تي لکيو آهي.

هر ڪنهن ڪيتو ڏيڻو آهي، ڪرڻي پرڻي آهه،
آهه نديءَ ۾ ٽِڪ، اڪيلي پارِ اُڪرڻي آهه.

مٿي ڄاڻايل دوهي ۾ ”هر ڪنهن ڪيتو ڏيڻو آهي“، ”ڪرڻي پرڻي آهي“ ۽ ”اڪيلي، پار اڪرڻو آهي“ جا پهاڪا ۽ چوڻيون شامل آهن. فياض لطيف، اياز جا اهڙا ٽوَ دوها ڄاڻايا آهن. پهاڪن ۽ چوڻين جو اهڙو مثال اياز جي ٻين شعري صنفن ۾ به ڪم آيل هوندو، ان تي به لکڻ جي ضرورت آهي ۽ اياز پنهنجي مڪمل شاعريءَ ۾ ڪهڙا ڪهڙا ۽ ڪيترا پهاڪا، اصطلاح ۽ چوڻيون استعمال ڪيون آهن؟ ان تي به لکڻ گهرجي. انهن ۾ ڪهڙا پهاڪا، چوڻيون ۽ اصطلاح اڳ سماج ۾ مُروج آهن ۽ ڪهڙا اياز جا تخليقي آهن؟ انهن تي اڃا ڪو به ڪم نظر مان ناهي گذريو. ٻين موضوعن سان گڏ اهو به هڪ اهم موضوع آهي، جنهن تي ڪم ٿيڻ کپي.

سهرو به لوڪ ادب جو حصو آهي، جيڪو اڪثر ٻهراڙيءَ جون عورتون خوشيءَ جي موقعي تي، شاديءَ يا وهانءُ تي چونديون آهن، جنهن ۾ گهوٽ جي تعريف بيان ٿيل هوندي آهي ۽ خوشيءَ جو اظهار ٿيل هوندو آهي. شيخ اياز ڪيتريون ئي وايون لکيون آهن، ڊاڪٽر فياض لطيف، اياز جي شعري مجموعي واٽون ڦلن ڇانئيون ۾ شامل هڪ وائيءَ (دودل گهر آئيو) جو ذڪر ڪندي ان کي وائي بدران سهرو سڏيو آهي:

”اياز جي شاعريءَ ۾ سهري ۽ ڳيچ جون صُورتون به ملن ٿيون، سندس شعري مجموعي واٽون ڦلن ڇانئيون ۾ هڪ وائي ڏنل آهي، جيڪا لهجي توڙي اظهار ۽ احساس ۾ هر لحاظ کان وائي بدران سهني وسبين لاڏي جو رنگ ۽ روپ پيش ڪري ٿي.“ (74)

اياز جي اهڙي سهري جو هڪ مثال هيءُ آهي:

ٿالهه ڪٽي روپڙو ميندي پُسايو
دودل گهر آيو.
نپ جيان نيرڙو تنبو لڳايو
دودل گهر آيو.
ٻُورڙيون نينگريون ٻانهون وڌايو
دودل گهر آيو.
ڏويڪلڙا پير تي ور ور وڃايو
دودل گهر آيو.
دودل جو ديس لئه لايو سجايو
دودل گهر آيو .

پرولي، ڳجهارت مان نڪتل آهي ۽ لوڪ ادب جي اهم صنف آهي. شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ پروليون به شامل آهن، جن جي نشاندهي ڊاڪٽر فياض لطيف ڪئي آهي. اياز نه رڳو پروليون لکيون آهن، پر انهن ۾ جدت آڻي انهن کي فارسيءَ جي اصولن مطابق وزن بحر ۾ لکيو آهي. اياز جون لکيل پروليون اياز جي شعري مجموعي وڄون وسڻ آئيون ۾ شامل آهن، جن جو تعداد ڊاڪٽر فياض لطيف ”ست“ ڄاڻايو آهي. اياز جي انهن پرولين ۾ نظم ۽ گيت وارو ساءُ مِلي ٿو.

”شيخ اياز جديد رنگ، فني نواڻ، فڪري ڳوڙهائي ۽ علامتي ڳِهرائيءَ جي سنگم سان پروليون به سرجيون آهن. اُهي سَتَ پروليون سندس شعري مجموعي وڄون وسڻ آئيون ۾ ڏنل آهن. انهن پرولين ۾ هڪ ئي وقت نظم جو تسلسل ۽ گيت جي نغمگي ۽ بي ساختگي ملي ٿي. هيئت جي لحاظ سان هر پرولي پنجن سٽن تي مشتمل آهي، جن مان ٻي ۽ پنجين سٽ پاڻ ۾ هم قافيا آهن.“ (75)

ڊاڪٽر فياض لطيف اياز جي اهڙي پرولي مثال طور ڄاڻائي آهي ۽ ان جي سٽن جو فارسي وزن به ڄاڻايو آهي.

”اياز جون ست ئي پروليون منظوم آهن ۽ اُهي هن علم عروض تي لکيون آهن، جن مان پهريون ٻه سٽون (فعلن فعلن فعلن فعلن) تي، جڏهن ته ٽين ۽ پنجين سٽ (فاعلن فعلن) ۽ چوٿين سٽ (فعلن فعلن) جي وزن تي آڌاريل آهي.“ (76)

ڊاڪٽر فياض ان جي مثال ۾ جيڪا اياز جي پرولي ڏني آهي ، اُها هن طرح آهي:

هر هر انڌياري اوجهڙ ۾

ساري رات انهيءَ جو ليئو
چا سکي ساجن؟
اون هون، اون هون
اي سکي ڏيئو.

**شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ شاعرن، فلسفين، مفڪرن ۽ دانشورن جي ذکر بابت ٿيل ڪم جو اڀياس**

امير علي چانديي اياز تي لکيل پنهنجي مضمون ۾ اياز جي شاعريءَ ۽ ايلئٽ جي شاعريءَ ۾ ڀيٽ ڪئي آهي. ”اياز جي ”ٽر“ ۽ ايلئٽ جي ”دي ويسٽ لينڊ“ ۾ اهو به فرق آهي ته ايلئٽ جو ڊرائنگ روم جي مصنوعي خوشبوئن ۾ دم گُهٽجي ٿو. اياز کُليل فضائن ۾ نيري آڪاش هيٺ، مولسري ۽ ڏنار ڪٿوري جي خوشبو مان طراوت حاصل ڪري ٿو. ايلئٽ جنهن ماحول جو ذڪر ڪري ٿو، سو مصنوعي آهي، پر اياز جو ماحول نيچرل آهي. ان ڪري ايلئٽ جي نظم ۾ زندگيءَ کان بيزاريءَ جي ڪيفيت آهي. ان مان قنوطيت ۽ فراريت جي ٻُوءِ اچي ٿي. ليڪن اياز وٽ اهڙي ڪا به ڳالهه نه آهي، چاڪاڻ ته اياز جي ٽر ۾ جيئڻ لاءِ ڪشش آهي ۽ جيوت جو اتساهه موجود آهي.“ (77)

ڪتاب ”شاعر جي خوابن جي خوشبو“ ۾، ”شيخ اياز پنهنجي همعصر اديبن ۽ مداحن جي نظر ۾“ نالي سان مضمون ڇپيل آهي، جنهن ۾ احسان دانش شيخ اياز جي شاعري بابت ڏنل مهتاب محبوب، شاعره مرحب قاسمي، ملڪ نديم، سوڀو گيانچنداڻي، عبدالقادر جوڻيجو، مسرت مرزا، غلام حسين رنگريز، محمد ابراهيم جويو، پوپٽي هيراننداڻي، امداد حسيني، موتي پرڪاش، ستار، اياز لطيف پليجو، امير علي چانديو، سراج، تاجل بيوس ۽ جمال ابڙي جي راين کي شامل ڪيو آهي، جن ۾ اياز ۽ ان جي شاعريءَ جي تعريف ٿيل آهي.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ آيل جن ڏاهن جو ذڪر ڪيو آهي يا نالا ڄاڻايا آهن انهن ۾ ڀٽ ڏڻي، سچل، سامي، وديا پتي، ڪاليداس، ٽئگور، وارث شاهه وغيره اچي وڃن ٿا. ”اياز، سنڌ، پنجاب ۽ هند بلڪه دنيا جي ڏاهن کي پنهنجي شعرن ۾ هنڌ هنڌ ياد ڪيو آهي.“ (78)

ڪتاب ”سو ديس مسافر منهنجو ڙي“ جي ص58_59 تي قمر شهباز، اياز جي نظم/ شعر ”اي معصومو اي مظلومو“ ڇي ۽ انگريزي ٻوليءَ جي شاعر ڪالرج جي نظم ”ڪبلا خان“ جي پاڻ ۾ ڀيٽ ڪئي آهي. ڪالرج جي نظم کي قمر شهباز مصنوعي، طلسمي ۽ مافوق الفطرتي سڏيو آهي، ۽ اياز جي نظم کي زمين تي رهندڙ انسانن جي ڏکن، سُورن، احساسن ۽ جذبن جو حقيقي روپ سڏيو آهي.

عبدالواحد آريسر، پنهنجي مضمون ۾ شيخ اياز کي ويهين صديءَ جي آخري ڏهاڪن جو دنيا ۾ وڏو شاعر تسليم ڪيو آهي. "هُو "شيخ اياز" ويهين صديءَ جي پوين ڏهاڪن جو دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر هو." [79]

سنڌي شاعريءَ ۾ "تجريدي نظم" جو باني ڊاڪٽر ملڪ نديم کي ڄاڻايو ويندو آهي، پر حقيقت ۾ ڏٺو وڃي ته تجريدي شعر جو بنياد اسان کي سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ مان ئي مِلي ويندو پر جديد سنڌي شاعريءَ ۾ به تجريدي نظم جو باني ملڪ نديم نه پر شيخ اياز آهي، جنهن ڳالهه جي تصديق اياز جي تجريدي شاعريءَ بابت لکيل ملڪ نديم جي مضمون مان ڪري سگهجي ٿي، جنهن ۾ ملڪ نديم شيخ اياز جي شعري مجموعي "جر ڏيئا جهمڪن" مان مثال ڏنا آهن. پر ان سڀ هوندي به مان سمجهان ٿو تجريدي نظم جو باني ملڪ نديم کي ان جي ڪري لکيو وڃي ٿو جو ان شعوري طور تجريدي نظم لکيا ۽ انهن کي تجريدي نظم سڏيو، جڏهن ته اياز جي نظمن ۾ تجريدي اشارا ته ملن ٿا پر هُن ڪٿي به انهن جي نشاندهي ناهي ڪئي، نه ئي اهڙن شعرن کي تجريدي شعر سڏيو آهي.

ڪتاب "ڳالهيون شيخ اياز جون" ۾ ڊاڪٽر مهر خادم جو پنج صفحن تي هڪ "شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ دنيا جا عظيم ڏاها" عنوان سان تحقيقي مقالو شامل آهي، جنهن ۾ هن سنڌ جي شاعرن ۾ ڀٽائي ۽ سچل، پنجاب جي شاعرن ۾ بُلي شاهه ۽ باهُو، هند جي شاعرن ۾ ڀڳت ڪبير، امير خُسرو ۽ غالب بابت شيخ اياز جا شعر ڏئي مثالن سان ذڪر ڪيو آهي. ان کان سواءِ حافظ شيرازي، عمر خيام، جلال الدين رومي، ميران ٻائي، بودليئر، ٽي ايس ايلٽ، ايزرا پائونڊ، مائيڪل اينجلو، وان گوگ، گُرو نانڪ، ابن عربي، منصور حلاج، سرمد، سُقراط جا، شعرن جي مثالن کان بغير فقط نالا ڄاڻايا آهن.

ڊاڪٽر عابده پنهنجي ڪتاب شيخ اياز صدين جو سرجڻهار ۾ ص286 تي دنيا جي انهن شاعرن ۽ ليکڪن جا نالا ڏنا آهن، جن جو ذڪر اياز جي شاعريءَ ۾ ملي ٿو. جن ۾ رامانند، رامانج، تلسي داس، ڪبير، ميران ٻائي، ٽئگور، دادو پنٿي/ ديال ۽ سامي آهن.

**شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جي استعمال تي ٿيل ڪم جو جائزو:**

ڪتاب "شاعر جي خوابن جي خوشبو" ۾ سليم احمد شيخ جو مضمون "شيخ اياز جي واين ۾ ٺيٺ سنڌي لفظن جو استعمال" شامل آهي، جنهن ۾ هن اياز جي واين جا ته ڪيترا ئي مثال ڏنا آهن، پر انهن مثالن ۾ استعمال ٿيل ٺيٺ سنڌي لفظن جي نشاندهي ناهي ڪئي. سواءِ پنجن لفظن جي. اُهي پنج لفظ هي آهن: "پٽياٽي، پَٽ (درياهه جي لهي وڃڻ کان پوءِ ظاهر ٿيل زمين)، اکن نيرا ڦليا، ڄاڳري ٻير، ڪري ۽ لائي (سنڌ جي دهڪاني علائقي ۾ نفعي ۽ نقصان لاءِ استعمال ٿيندڙ لفظ).

ڪتاب ”شاعر جي خوابن جي خوشبو“ ۾ برڪت بلوچ جو مضمون (شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ صرفي بناوتون) جي عنوان سان شامل آهي. جنهن ۾ هن مختصر پر جامع انداز ۾ لکيو آهي. برڪت بلوچ، شيخ اياز جي شاعريءَ مان مُرڪب لفظ، پورڻ تڪرار، اپورڻ تڪرار، اسم مان فعل ٺاهڻ، صفت مان فعل ٺاهڻ، تذڪير، اسم تصغير، ترخيم جا مثال اياز جي شاعريءَ مان چونڊي ڏنا آهن.

قمر شهباز، اياز جي شاعريءَ جي خوبين مان ”نوان لفظ ۽ مُحاورا“، ”ڌارين ٻولين جا لفظ“، ”سنڌ جي مُختلف حصن جا لفظ، جانور، پکين، جاين وغيره جا نالا“، ”صُوتي اظهار“، ”موسيقيءَ جا آواز ۽ آلاپ“، جهڙوڪ: الا!، الوميان، وو، وغيره. اسم تصغير جي استعمال بابت به لکيو آهي.

پنهنجي ديس ۽ ٻوليءَ جي ماضي ۽ حال سان جُڙيو رهڻ، ديس جي مسئلن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ جاءِ ڏيڻ، ٻوليءَ جي پراڻن لفظن، نون لفظن کي ساري سنڀاري پنهنجي شاعريءَ ۾ مناسب جڳهين تي استعمال ڪرڻ. پنهنجي قوم کي ماضيءَ جي واقعن کان واقف ڪري، مستقبل ۾ ايندڙ مشڪلاتي طوفانن کان شاعريءَ وسيلي آگاهه ڪرڻ هڪ وڏي شاعر جو ڪم ۽ قومي فرض هجي ٿو. هو ماضيءَ جي ماضي ۽ مستقبل جي مستقبل جو شاعر هوندو آهي. اهڙيون خوبيون اياز جي شاعريءَ ۾ جابجا ملن ٿيون. ”وڏي شاعر جو اهڃاڻ هيءُ آهي ته هڪڙو ته هُو پنهنجي دور کان اڳ واري ٻولي ڳالهائيندو آهي، جيڪي ٻوليءَ جا لفظ متروڪ ٿي ويندا آهن، انهن کي هُو بچائيندو آهي ۽ پنهنجي گذريل دور جي ٻولي پنهنجي شاعريءَ ۾ استعمال ڪندو آهي...... اُها ئي خوبي اياز ۾ به آهي.“ (80)

شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جي استعمال ۽ فن تي ڊاڪٽر عبدالوحيد ڪلوڙ جي پي ايچ ڊي جو مقالو ”شيخ اياز جي شاعريءَ جي سماجي لسانيات“ جي نالي سان ڇپيل آهي. هن ڪتاب ۾ اياز جي شعري مجموعن ۾ سنڌيءَ سان گڏ ٻين ٻولين جا جيڪي لفظ اياز استعمال ۾ آندا آهن، انهن جا مثال ۽ پسمنظر ڏنو آهي. اياز پنهجي شاعريءَ ۾ ڌارين ٻولين ۾ سڀ کان وڌيڪ هندي ٻوليءَ جا لفظ استعمال ڪيا آهن، جنهن بعد فارسيءَ جا. فارسي لفظن جو استعمال به ڇاليهه سيڪڙو ته ڀهرين شعري ڪتاب ”ڀنور ڀري آڪاس“ ۾ ٿيل آهي. ”مواد جي عددي تجزيي موجب، شيخ اياز جي ڇاليهارو کن ڪتابن ۾ آيل سنڌي شاعريءَ ۾ به هزار کان وڌيڪ فارسي اڌاريل لفظ استعمال ٿيل آهن، جيڪي عددي لحاظ کان هندي اڌاريل لفظن کان پوءِ ٻئي نمبر تي آهن.“(81)

اياز جي شاعريءَ ۾ اردو، هندي، فارسي، انگريزي ٻولين جا جيڪي ۽ جيترا لفظ اياز استعمال ڪيا آهن، عبدالوحيد ڪلوڙ انهن جو تعداد به ڄاڻايو آهي ته ڪتاب جي آخر ۾ انهن لفظن جي فهرست به ڏني اٿس.

"(اياز جي شاعريءَ ۾) ڏيندڙ ٻولين مان اڌاريل لفظن جو تعداد ئي ڇهه هزار کان مٿي (6206) بيهي ٿو. انهن ۾ ٻه هزار کان وڌيڪ (2226) پارسي، ساڍا ٽي هزار کان مٿي (3656) هندي اردو ۽ سوا ٽي سئو کن انگريزي اصل لفظ آهن." (82) اياز ٻين ٻولين جا لفظ پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪيئن ۽ ڪهڙي انداز ۾ استعمال ڪيا آهن! ان حوالي سان ڪجهه شعري مثال به ڏنا اٿس.

**شيخ اياز جي شاعريءَ تي ٿيل "تنقيد" جو جائزو:**

شيخ اياز تي جيتري قدر تحقيقي ڪتاب ڇپيا آهن، ايترا ئي تنقيدي ڪتاب به ڇپيا آهن. اها الڳ ڳالهه آهي ته اهي تنقيدي ڪتاب / مضمون به اياز جي شاعريءَ جي عظمت ۽ ساراهه سان ڀرپور آهن، پر ڪن محققن ۽ نقادن اياز جي شاعريءَ ۾ مطالعاتي / مشاهداتي غلطين تي به نظر رکي آهي ۽ انهن کي به پنهنجي بحث جو حصو بڻايو آهي. ان تنقيد ۾ ڪا سچائي تنقيد آهي ته ڪا اڻين ئي بس. جيئن قربان ٻگٽي شيخ اياز جي ڪيل سموري شاعريءَ جي ڀورهئي کي رد ڪندي لکي ٿو:

"شاعريءَ جي فن ۾ اياز جو استاد فاني ڪيئلداس جهڙو هڪ اناڙي آهي ته شاگرد تي به اهڙو اثر ٿيڻ لازمي آهي، اياز جي شاعري مطالعي ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته هن غير مانوس، غلط محاورن، ۽ بازاري زبان استعمال ڪئي آهي ۽ محققين اهڙي شاعر کي ناقص تسليم ڪيو آهي." (83)

شيخ اياز جي شاعريءَ تي ٻين نقادن به تنقيد ڪئي آهي، پر قربان ٻگٽيءَ جي تنقيد شيخ اياز جي ذات تي آهي. جيڪي اياز جي شاعريءَ جي اوٽ وٺي اياز کي پٿر هنيا ويا آهن ۽ پنهنجي سطحي سوچ جو گند اياز تي اڇلايو ويو آهي. اياز جي استاد "ڪيئلداس فانيءَ" جي لاءِ قربان ٻگٽي لفظ "اناڙي" استعمال ڪري پنهنجي اندر جي اوٻر کي ظاهر ڪري وڌو آهي. شيخ اياز جي شاعري، فن جي ٻُلندين کي ڇُهي ٿي. فصاحت، سلاست، بلاغت، صنعت، جوش، جدت، سان ڀرپور، وزن ۽ قافين جي ڪمال ڪاريگريءَ سان استعمال ٿيل آهي، پر قربان ٻگٽي لکي ٿو ته:

"اياز وٽ شاعريءَ جي صنعت اڻ لڀ آهي ۽ سندس ڪلام فصاحت، بلاغت، سلاست، جدت ۽ جوش کان خالي آهي. اياز جي شاعريءَ ۾ وزن ۽ قافيا جو ڪو خيال نٿو ڪيو وڃي." (84)

شيخ اياز پنهنجي شاعريءَ ۾ استعاراتي ۽ تشبيهي حُسن و جمال سان سينگاريو آهي. اياز پنهنجي شاعريءَ ۾ محبوب جي نيڻن کي "مڌ ڪٽورن" سان استعاراتي طور بيان ڪيو آهي. قربان ٻگٽي اياز جي اهڙي شعر تي تنقيد ڪندي لکي ٿو: "اياز چوي ٿو ته:

هاءِ اکين جا ڏورا تنهنجا
هي هي نيڻ ڪٽورا تنهنجا

جن ۾ بوند نه ڪائي، سانجهي آئي.

نيٽن جي تشبيهه ڪٽوري سان ڪيڏو نه اڻ وٽندڙ آهي ۽ سانجهيءَ جي ترڪيب ڪهڙي معنيٰ ٿي رکي؟ اي مخاطب! تنهنجي اکين ۾ بوند نه ڪائي، سانجهي آئي، ڪيڏو نه بي ربطو آهي. (85)

شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ استعمال ٿيل ٻوليءَ تي به قربان بگٽيءَ تنقيد ڪئي آهي. شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ لفظ "پڳلي" استعمال ٿيل آهي، جنهن تي قربان بگٽيءَ کي اعتراض آهي، ته اهو لفظ سنڌيءَ جو ناهي ته پوءِ اياز پنهنجي شاعريءَ ۾ ڇو استعمال ڪيو آهي؟

"ڪنهن سان پريت لڳايئي پڳلي،
جو اڄ راس نه آيئي پڳلي.

جويو صاحب ڇوي ٿو ته اياز پنهنجي شاعريءَ ۾ نيٺ سنڌي لفظ ڏنا آهن. پڳلي سنڌي لفظ آهي." (86)

اردوءَ ۾ اهو لفظ آهي "پگلي" جنهن کي شيخ اياز سنڌيءَ جو ويس پارائي "پڳلي" جي صورت ۾ پيش ڪيو آهي، جنهن جي ڪري ڇئي سگهجي ٿو ته اياز تي اهڙي قسم جي تنقيد اجائي ئي آهي. ان کان سواءِ قربان بگٽي شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ استعمال ٿيل اصطلاحن ۽ تشبيهن وارا شعر مثال طور ڏئي انهن تي بحث ڪيو آهي. "اجايل ٻُڪ" جي اصطلاح تي اياز جو هڪ شعر ڏئي ان بابت لکي ٿو:

"مون جو پريو ٻاجهه سان، ڪالهه اجايل ٻُڪُ
ڏين ٿو وهه جو ڏُڪُ، ان ڪارڻ تون ڪوٺ ۾.

اجايل ٻُڪ جو اصطلاح بي معنيٰ آهي، توهان ان کي ٻاجهه سان ڪيئن پريو؟" (87)

اهڙو ئي هڪ مثال اياز جي شاعريءَ ۾ استعمال ٿيل تشبيهه وارو ڏنل آهي، جنهن جي بنياد تي هن شيخ اياز جي تشبيهن تي به لکيو آهي، جنهن ۾ اياز موت کي پاڇي، ڪاڇي، ڪارونجهر، منڇر، مياٽي ۽ سانوڻ جي سومهياٽي سڏيو آهي.

"موت اسان جو پاڇو آهي،
ڪارونجهر آ ڪاڇو آهي،
منڇر آهي مياٽي آهي،
سانوڻ جي سومهياٽي آهي.

غور ڪري ڏسبو ته اياز جون تشبيهون غلط ۽ سڄو شعر معاني کان خالي ۽ ٻولي بازاري. موت ڪيئن اسان جو پاڇو، ڪارونجهر يا ڪاڇو، منڇر يا مياٽي آهي؟ انهن اسمن جي موت سان ڪهڙي نسبت آهي. بيشڪ الفاظ ته آهن پر انهن جي معاني جو سراغ ڪيئن لڳائجي؟" (88)

هڪ شعر ۾ اياز کوراڙ بلا جو ذڪر ڪندي لکيو آهي ته ان کان زمين تي رهندڙ سپ ساسي ڊڄن ٿا، جنهن تي قربان بگٽي تنقيد ڪندي لکيو آهي:

”جي تو آ کوراڙ ڏٺي ڪا، هي به ڏنو تو ان جا ليڪا،

مٽيءَ تي جو وقت رهن ٿا، سپ ساسي تن کان ڇرڪن ٿا.

شعر تي غور ڪري ڏسبو ته اياز جي قوت مشاهده ڪمزور آهي. نانگن جي جنس مان سپني کان وڌيڪ خطرناڪ ڪاريهر نانگ آهي، ۽ نه کوراڙ نانگ، جيئن شاعر اسان کي ٻڌائي ٿو. پر جي کوراڙ نانگ ئي پوائنٽو آهي ته اياز وضاحت ڪري ته مٽيءَ تي رهڻ وقت انهن کوراڙن کان سپ ساسي ڪيئن ڇرڪن ٿا؟ مثال نور به هڪ ساسي آهي، ڇو هو نانگ کان ڇرڪندو آهي؟ اياز کي خبر هئڻ کپي نور جهڙو ساسي نانگ جو ويري آهي. ڪارو نانگ نور کي ڏسندو آهي ته ساهه ڇڏي ويندو اٿس. نور جهڙو ساسي هميشه نانگ تي غالب پوندو آهي. ثابت ٿيو ته اياز جي شاعري حقائق کان هٽيل، بي ترتيب ۽ بزاري آهي.“ (89)

قربان بگٽي ان جي مثال ۾ ٽوڙ جو ذڪر ڪيو آهي ته اُهو به زمين تي رهندڙ هڪ ساسي آهي، پر نانگ کان ڊڄڻ بجاءِ ان سان ويڙهه ڪندو آهي. ايستائين ته ٺيڪ ٿيو. پر آخر ۾ استعمال ٿيل جملي ”ثابت ٿيو ته اياز جي شاعري حقائق کان هٽيل، بي ترتيب ۽ بزاري آهي.“ هڪ تشبيهه جي ڪري اياز جي شاعريءَ کي مڪمل طور بي ترتيب ۽ بزاري سڏي رد ڪرڻ هڪ سُٺي نقاد جي شان وٽان ناهي. اهڙا جملا نقاد جي سطحي سوچ ۽ گهٽ علميءَ کي ظاهر ڪن ٿا. ان کان اڳتي قربان بگٽي اياز جي شاعريءَ بابت ٻه رايا ڏنا آهن، جيڪي پاڻ ۾ متضاد ۽ بي بنياد آهن. جو هڪ راءِ ۾ چوي ٿو اياز جي شاعري عام فهم ۽ عوامي نه آهي، انقلابي نه آهي. وري ٻي راءِ ۾ چوي ٿو ته اياز جي شاعري سمجهه کان مٿي نه آهي، جنهن جو مطلب ٿيو آسان آهي.

”اياز جي شاعري عام فهم نه هئڻ ڪري عوامي نه آهي، ۽ عوامي نه هجڻ ڪري انقلابي نه آهي.“ (90)

شيخ اياز جي دور ۾ يا اڄ تائين قومي ميڙاڪن، عوامي پروگرامن، آزاديءَ جي لاءِ نڪرندڙ ريلين يا جلوسن ۾ وڌ کان وڌ اگر ڪنهن شاعر جي شاعري پڙهي ويندي آهي ته اهو شيخ اياز ئي آهي. پر ان جي باوجود به اياز جي شاعريءَ کي انقلاب کان خالي سڏڻ ڪجهه عجيب نه پر تمام عجيب پيو لڳي. اڳتي هڪ ٻي راءِ ڏئي ٿو:

”اياز جو ڪلام سمجهه کان مٿي ان ڪري نه آهي جو ان ۾ فلسفه، منطق ۽ حڪمت جون ڳالهيون آهن، پر في الحقيقت، ان جون تشبيهون، استعاره، جملن جون ترڪيبون سپ غلط ۽ بي بنياد آهن.“ (91)

هتي قربان بگٽي اياز جي شاعريءَ ۾ استعمال ٿيل سپني تشبيهن، استعارن ۽ ترڪيبن کي غلط ۽ بي بنياد سڏيو آهي. قربان بگٽيءَ جي اهڙي راءِ کي شاعريءَ / ادب

سان دلچسپي رکندڙ هڪ خاص پاڙهو ته ڪڏهن به قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿيندو، پر هڪ عام پڙهندڙ به اهڙي سطحي راءِ کي قبولڻ لاءِ راضي نه ٿيندو.

وائي سنڌي شاعريءَ جي اوائلي ۽ اهم صنف آهي. شاعرن ٻين صنفن سان گڏ هر دور ۾ وائيءَ ۾ به لکيو آهي. جديد دور جي اهم شاعر شيخ اياز به هن صنف ۾ لکيو آهي، نه رڳو لکيو آهي پر وائيءَ ۾ نواڻ به آندي آهي. هر لکڻي شروع ۾ پختي ناهي هوندي پر وقت سان گڏ آهستي آهستي ان ۾ وُسعت ۽ پُختگي ايندي ويندي آهي. ”اها ڳالهه نهايت غير معتصبانه انداز ۾ چئي سگهجي ٿي ته اياز جون اهڙيون وايون جيڪي هن ڀونر ڀري آڪاس ۽ ان کان اڳ واري دور ۾ لکيون سي وائيءَ جي تقاضائن کي پُورو نٿيون ڪن....... اياز ان دور ۾ وائيءَ جو ڪامياب شاعر نه هو.“ (92)

امير علي چانڊيي هتي شيخ اياز جي پهرين شعري مجموعي ڀونر ڀري آڪاس ۾ شامل ۽ ان کان اڳ جي وائيءَ جي ڳالهه ڪئي آهي. اڳتي لکي ٿو:

”اياز جون رومانوي دور واريون وايون، وائيءَ جي روح کان ڪوهين پري آهن. هن ان دور ۾ ڪيتريون ئي وايون لکيون آهن. ليڪن انهن مان صرف چند واين کي ئي وائيءَ واري حيثيت ڏئي سگهجي ٿي. ڇاڪاڻ ته اياز جون اهي وايون اندازِ بيان، هيئت، ٻولي ۽ موضوع جي لحاظ کان نظم زياده ۽ وايون گهٽ آهن.“ (93) امير علي چانڊيي شيخ اياز جي وائيءَ کي نظم جي ويجهو محسوس ڪيو آهي ته قمر شهباز کي وري شيخ اياز جي وائي گيت جهڙي ٿي لڳي. ”اياز جي وائي ۽ گيت ۾ تمام ٿورو ۽ ڪن حالتن ۾ ته بلڪل ڪو به فرق نٿو ڏسڻ ۾ اچي.“ (94)

شيخ اياز جي شاعريءَ تي آدرش ارشاد شيخ جو مضمون لکيل آهي، جيڪو منصور قادر جوڻيجي جي ڪتاب ”شيخ اياز تاريخ جي ڪٽهڙي ۾“ جي ص83 کان 96 تائين ”فيصلو تاريخ ڪندي“ جي عنوان سان ڇپيل آهي. هن مضمون ۾ آدرش، اياز جا مختلف شعر کڻي دنيا جي ٻين ٻولين جي شاعرن جي شاعريءَ سان ڀيٽ ڪئي آهي ته اهي شعر اصل ۾ ٻين شاعرن جا آهن، جن جو ترجمو ڪري اياز پنهنجي شاعريءَ طور ڄاڻائي ڇپائي ڇڏيا آهن. اياز جي لکيل شعرن جي سامهون اصل انگريزي ۽ اردو شعرن جو نمونو به ڏنو اٿس.

اياز پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪيترائي فني ۽ فڪري تجربا ڪيا. نيون نيون صنفون ايجاد ڪيون ۽ اڳ جوڙيل صنفن ۾ تجربا ڪري نوان نوان گهاڙيتا تخليق ڪيا.

”اهو پهريون شعر جنهن کي اياز گيت طور پيش ڪيو هو ۽ جيڪو منهنجي خيال ۾ نظم کي وڌيڪ ويجهو آهي، سو هڪ تجربو هو. جيڪڏهن ان کي گيت طور قبول ڪري ونجي، جيئن رسول بخش پليجي کان وٺي، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي تائين اڪثر نقادن ڪيو آهي ته اهو پنهنجي نوعيت جو پهريون ئي نه، هن وقت تائين سنڌيءَ ۾ لکيل گيتن ۾ اڪيلو مثالي تجربو سڏي سگهجي ٿو، جنهن ۾ تخيل ۽ تفڪر جي وچ جو سَنڌو ختم ٿيل

ڏسجي ٿو ۽ گيت جي شاعريءَ لاءِ گُهربل ٻوليءَ جي سلوڻائي، اختصار، انداز جي سادگي ۽ هلڪائي ڦُلڪائي اڻ لڀ آهي.″ (95)

محمد اسماعيل عرساڻي، شيخ اياز جي ڪتاب ″وڄون وسڻ آئيون″ ۾ شامل ڪجهه نظمن ڪي خيال ۽ تاثر جي بنياد تي غزل، وائي، گيت ۽ مسلسل رباعي جي فارم ۾ سمجهي ٿو. ″هتي بعض اهڙيون شيون به نظم جي سِري هيٺ آيل آهن، جن مان ان جو ڪو واضح تصور نٿو ملي...... مثال طور: آءٌ اسان جي ويڙهي ۾، هونئن ته وڏيرو هل ڙي، سنڌو ديش مهان، چٽندڙ ٽِن وڃوڙيل يار ڳالهه ته هڪڙي ناهي ۽ ٻيا غزل، گيت، وائي يا مسلسل رباعي جي فارم ۾ آهن، جن ڪي نظم نٿو چئي سگهجي، ڇاڪاڻ جو انهن ۾ گهڻو ڪري خيال جي تڪرار مان تاثر پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.″ (96)

اياز، ٿر تي پنهنجي ڪيتري ئي شاعري لکي آهي، يعني پنهنجي شاعريءَ ۾ ٿر، ۽ ٿر جي هر ننڍي وڏي شيءِ کي موضوع بڻائي ان تي شعر لکيا آهن. اهڙيءَ طرح اياز پنهنجي هڪ شعر ۾ ٿر جي ٻُوٽي، ڳاڳيءَ جو ذڪر ڪندي ان کي ڳاڳيءَ جو وڻ سڏيو آهي اياز جو اهڙو شعر هيءُ آهي:

وڇينءَ ويلا ڍٽ تي ڪِيرا ڳاڳيءَ وڻ،
مارن ڦوڪي بنسريون ڪاهيا رڍن ڌڻ
ساٿ ڪيا سانوڻ، وڇيون وريون اوچتو.

″ڳاڳي جو ٻوٽو آهي، جيڪو سنهين لڪڙين نما ٽارين تي مشتمل ٿئي، پر وڻ نه.″ (97)

اياز جي قوم پرستيءَ واري شاعريءَ بابت اڪبر لغاريءَ جي اها هڪ وڏي دعويٰ آهي، ته اياز جي قوم پرستيءَ واري شاعري فڪري اعليٰ پٽي کان خالي آهي. ابراهيم جويي جهڙن نقادن به اياز جي ڪتاب جي هر مهاڳ، اياز تي لکيل هر مضمون ۾ اياز جي شاعريءَ جي فني اعليٰ گُڻن ۽ قومي فڪري اعليٰ پٽي جي تعريف ڪئي آهي، ۽ ان کي ساراهيو آهي. ان تي ڪو ايازيات جو مُحقق ۽ نقاد ئي تفصيلي دليلن سان مضمون لکي سگهي ٿو ته واقعي اياز جي قوم پرستيءَ واري شاعري فڪري ڳهرائيءَ کان خالي آهي يا نه.

″اياز جي قوم پرستيءَ واري شاعريءَ ۾ جيڪڏهن فڪر ڳولبو ته شايد ڪا ڳهري فڪري ڳالهه نه به ملي.″(98)

شيخ اياز جن شاعرن سان فڪري طور متفق نه ٿيو يا انهن جي جن شعرن جي فڪر سان متفق نه ٿيو آهي ته انهن جي رد ۾ پنهنجا شعر جوڙيا آهن ۽ انهن کي فڪري طور جواب ڏنو آهي. ۽ جن نقادن اياز سان فني يا فڪري اختلاف ڪيو انهن جي لاءِ اياز پنهنجي شاعريءَ ۾ سخت ٻولي استعمال ڪئي آهي. اهڙي راءِ اڪبر لغاري پنهنجي مضمون ۾ ڏيندي لکي ٿو: ″اياز پنهنجو فطري حق استعمال ڪندي لطيف سائين سان به فڪري اختلاف ڪري ٿو، پر پنهنجي نثر ۾ ڪيترن ئي جڳهين تي هُو پنهنجي همعصر

توڙي پاڻ کان پوءِ ايندڙ نقاد تي زهريلا حملا ٿو ڪري، هُو تصور ۾ به اهو نٿو ڏسي سگهي ته ساڻس ڪير اختلاف ڪري، حيرت آهي.“ (99)

اياز ٻين شاعرن سان فڪري اختلاف ته رکيا آهن ۽ انهن جي رد ۾ شعر به جوڙيا آهن. پر نقادن تي زهريلا حملا ڪرڻ واري ڳالهه ۾ ڪيتري صداقت آهي؟ ان تي بحث ٿي سگهي ٿو.

عادل عباسيءَ اياز جي منظوم ناٽڪ ”ڀڳت سنگهه کي ڦاسي“ جي ڏيک ڀئي جي مڪالمي ٽئين تي تنقيدي راءِ ڏيندي لکيو آهي: ”ڪٿي ڪٿي قافيا اباڻڪا به لڳن ٿا ۽ لئه، ترنم ٽوٽي وزن متاثر به ٿئي ٿو.“ (100) عادل عباسي اياز جي ناٽڪ جو اهو ٽڪرو مثال طور به پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ قافيا، لئه، ترنم ۽ وزن متاثر ٿئي ٿو، جيڪو مڪالمو هيءُ آهي:

جي ڪوئي چاهي آزادي
ڪا چوري ناهي آزادي
جو ڳنڍيو هو ڳِهڻ ڳرنديءَ کي
هي اڄ سرندي هر سرنديءَ کي
من تان ميسارِيندي آهي
۽ اُيري ڏارِيندي آهي
اوچا ڪوٽ غلاميءَ وارا
انساني آزادي پيارا
سر جي سٽ سوا ڪجهه ناهي
ڇو جو ڪو به ڳتيءَ جيئن ناهي
جي توکي آزادي ڏيندو
توکي حاصل ڪجهه به نه ٿيندو
دير نه لڳندي اڙجي ويندين
زنجيرن ۾ جڙجي ويندين.

عادل عباسي، اياز جي هن شعر ۾ جيڪي قافين، لئه، ترنم ۽ وزن جي ڪوتاهين جو ذڪر ڪيو آهي، سو ته بلڪل آهي پر عادل عباسي انهن جي نشاندهي ناهي ڪئي، انهن کي واضح ناهي ڪيو، ذڪر ڪري ۽ شعر ڏئي ڇڏيو آهي.

عادل عباسي، اياز جي ناٽڪ ”دودو چنيسر“ ۾ وزن جي يڪسانيت ۽ سڄي ناٽڪ ۾ هڪ ئي وزن استعمال ڪرڻ بابت لکيو آهي.

”ناٽڪ (دودو چنيسر) ۾ وزن جو تجربو گهٽ ٿو ملي، جنهن جي ڪري سڄي ناٽڪ جو ساڳيو عام سهل وزن يعني فعلن فعلن استعمال ڪيو ويو آهي، پر ڪٿي اهو برقرار رهي نه سگهيو آهي ۽ متفاعلتن ۾ بدلجي ويو آهي. خاص ڪري ايڪٽ ۽ٻئي جي پردي ٻئي جو سڄو وزن. (101)

اياز جي وائيءَ تي نور احمد جنجهي به پنهنجي تنقيدي راءِ رکي آهي، جنهن ۾ هن اياز جي وائيءَ جو هڪ مثال ڏئي ان ڪي وائيءَ جي گهاڙيٽي، وائيءَ واري لفظن، ترڪيبن ۽ صوتي ڇُهاءَ کان خالي سڏيو آهي. اياز جي اها وائي هيٺ ڏجي ٿي:

آءُ زندان جي جهروڪي مان نهار،

ڪهڙي پياري رات آهه.

ڳاءِ پيارا هي در و ديوار ناهي پائدار

ڪهڙي پياري رات آهه.

”اهو گهاڙيٽو وائي لڳي ئي نٿو، وائيءَ جي لفظن ۽ ترڪيبن ۾ جيڪو صُوتي ڇُهاءُ آهي، اهو هن ۾ گهٽ نظر ٿو اچي.“ (102)

**شيخ اياز جي ٻين شاعرن سان ڪيل ”فڪري تضادن“ تي ٿيل ڪم جو جائزو:**

اياز پنهنجي شاعريءَ ۾ مختلف مڪتبهءِ فڪرن ڪي اپنائڻ جي ڪري مقبوليت به ماڻي ته فڪري حوالي سان متضاد به رهيو. مختلف مڪتبهءِ فڪر جي ماڻهن کان محبت به ماڻي ته تنقيد جو نشانو به بڻيو. ”اياز جي ”ڪپر ٿو ڪن ڪري“ تائين واري شاعري، ترديد واري شاعري آهي. ان دور ۾ هن لطيف سائينءَ جي ڪيترن تصورن کي نه مڃيو، ساميءَ جي ويدانيت جي نفي ڪئي ۽ مذهب کي روايتي انداز ۾ مڃڻ کان انڪار ڪيو. ان دور ۾ ئي اياز پاڻ کي لامذهب صوفي به سڏيو ۽ سچل واري لهجي ۾ ”ڪافر مومن ناهيان وو، ڪافر مومن ناهيان وو“ جهڙي شاعري به ڪئي. انڪار جي ان دور واري هن جي شاعريءَ ۾ انڪار ۾ اقرار ۽ نفيءَ ۾ اثبات ائين ٿا محسوس ٿين، جيئن لطيف سائينءَ کي پنهنجي پُنهوءَ جو پرتوَ ڄُهڙ ۾ جهالا ڏيندو محسوس ٿيو هو. ڏنو وڃي ته اياز جي سموري شاعري انڪار کان اقرار ۽ نفيءَ کان اثبات ڏانهن سفر جي شاعري آهي، ۽ لطيف سائينءَ جي آديسيءَ جو نانهن ۾ نات کي ڳولي لهڻ جي سفر جو سفرنامو آهي.“ (103)

آغا سليم، شيخ اياز جا اُهي شعر به ڏنا آهن، جن ۾ هن شاهه لطيف جي خيالن جي نفي ڪئي آهي. اهڙا ڪجهه شعر جيڪي آغا سليم اياز شناسيءَ تي لکيل پنهنجي ڪتاب ”شيخ اياز صدين جي صدا“ ۾ ڄاڻايا آهن، اُهي هيٺ ڏجن ٿا:

پريان سندي پار جي، مڙئي منائي،

ڪانهي ڪڙائي، چکين جي چيت ڪري. (لطيف)

***

ڪير چوي ٿو ڏيهه ۾ مڙئي مٺائي،
مون آ چکي چيت ڪري، ساري ڪڙائي
آهي اجائي، ڳالهه پريان جي پار جي. (اياز)
***
سڙُ ڪر ستار، آءٌ اگهاڙي آهيان،
ڍڪين ڍڪڻهار، ڏيئي پاند پناهه جو. (لطيف)
***
ڍڪ نه ڍڪڻهار، آءٌ اگهاڙو ئي چڱو،
مٺان سچ ميار، هرڪو پاند پناهه جو. (اياز)
***
نمي ڪمي نهار تون، ڏمر وڏو ڏک،
منجهان صبر سک، جي سنواريا سمجهين. (لطيف)
***
ڪير چوي ٿو بانورا، صبر وڏو سُک،
آءٌ چوان ٿو مَتبو، هن ڌرتيءَ جو ڏُک،
هي جو ماڻهوءَ ڏُک، ڏونگر ڏاري ٿو وجهي. (اياز)
***
ساراهيان سچو ڏڻي. چئي حمد حڪيم. (لطيف)
***
ساراهيان سنسار، جو سچو آهي سُونهن ۾. (اياز)

شيخ اياز، جيئن پنائيءَ سان اختلاف رکيا آهن، ائين ئي هن ساميءَ سان به اختلاف رکيا آهن. اياز جو ساميءَ سان جيڪو خاص اختلاف آهي اُهو ”مايا“ تي آهي. مايا جي موهه تي آهي. سامي هن عارضي دنيا جي هر شيءِ سان محبت ۽ دلچسپيءَ کي مايا جو موهه ٿو سڏي، جڏهن ته شيخ اياز ان سان اختلاف رکندي مايا جي موهه کي ئي اوليت ڏئي ٿو، جنهن جو مثال آغا سليم جي ڪتاب ۾ ڏنل آهي.

هي جو ساگر سُونهن جو، انهيءَ کان انڪار،
سامي، پنهنجي سوچ تي، تون ئي پنهنجو ڄار،
سچو آ سنسار، جوٺ سندءِ ئي جيءَ ۾.

يا اياز جو هيءُ شعر:

ڪيڏي توکي ڪئو، آهي مايا موهه کان،
آڏيءَ اُرهه منڊُ جا، جونا آهن چئو،
پورا تنهنجو پئو، جاڙ اجائي جيءَ سان.

۽ اهڙا ٻيا به اياز جا ڪي شعر ڏنا اٿس، ان کان سواءِ آسماني ڪتاب ”زبور“ مان به ”مايا جي موهه“ بابت مثال پيش ڪيا اٿس.

شاهه ڀٽائي مختلف سُرن تي شعر سرجيا آهن، ته اياز شيخ به مختلف سُرن تي شعر لکيا آهن. فرق اهو آهي ته اياز، ڀٽائيءَ جي فڪر کي پاڻي ڏيڻ ۽ ان کي اڳتي وڌائڻ بجاءِ ان سان اختلاف رکيا آهن. جنهن جا مثال ملڪ نديم پنهنجي ڪتاب ”اياز ڏوهي آهي“ ۾ ڏنا آهن. شاهه لطيف جي مارئي عمر بادشاهه کي آزاديءَ جي لاءِ منٿون ٿي ڪري پر اياز جي مارئي، ان جي ابتڙ عمر سان سينون تاڻي ڳالهائڻ جي جُرئت رکي ٿي. ”ڀٽائي، مارئيءَ کي ماڳ موٽائڻ جو حل راجا راضي ٿيڻ ٻڌايو آهي. جيڪا خيرات آهي، رحم آهي، خيرات ۽ رحم تي آزاديون ناهن ملنديون.“ (104)

تقدير ۽ تدبير به متضاد موضوع آهن. اياز جي مارئي پاڻ کي قسمت جي حوالي ڪري پنهنجي ماروئڙن جي واهر لاءِ روئندي ۽ ٻاڏائيندي رهي ٿي. پر اياز جي مارئي وٽ ماروئڙن جي سار سگهه مثل آهي جنهن جي بنياد تي عمر جا ڪوٽ ڪيرائڻ جو سَتُ ساهي ٿي. ”تقدير جو انڪار ۽ تدبير جي ڀرپور حمايت، شيخ اياز جي سُر مارئيءَ ۾ هيئين بيت ۾ آهي:

ڳهليون قسمت ڳالهڙيون، هي سڀ تنهنجا ڏاڍ،
آنءُ ڏسي اُڀ ڏي، ڊرڪي ڪيان ڊاڍ،
آهي منهنجي آڊ، سگهه سنگهارن سومرا.“ (105)

ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ نُوري عاجزيءَ ڀري آهي. جيڪا ڄام تماچيءَ جي اڳيان هر وقت هٿ ادب وچان ٻَڌيون بيٺي آهي ۽ ڄام تماچيءَ سان رشتي ٿيڻ تي خوش ٿي ٿئي ۽ پنهنجي لاءِ اِها هڪ وڏي نيڪ بختي ٿي سمجهي. پر اياز وٽ نُوري باغي آهي، هوءَ انڪار ڪرڻ ڄاڻي ٿي. شيخ اياز جي نُوري، ڄام تماچيءَ جي محل ۾ رهڻ ۽ ڄام تماچيءَ سان رشتي ٿيڻ کان پنهنجي نندپڻ جي سهيلين سان گڏ رهڻ ۽ پنهنجن مائٽن سان ڪِڪيءَ ۾ رهڻ کي وڌيڪ ترجيح ڏينديَ، ڄام تماچيءَ کي ”وڃ وڃ“ جهڙن لفظن سان واپس موٽائي ڇڏڻ جي سگهه رکي ٿي، جنهن جو مثال اياز جو هيءُ شعر آهي:

وڃ وڃ ڄام ميان، گهوريو تنهنجو ڀريٽڙو،
وڄيءِ وڄ وجود ۾، ترڇي ڪات جيان،
ڇڏ، مان ٿانءِ ٿيان، ڪِڪيءَ مان ڇو ٿو ڪڍين.؟

مَلڪ نديم، اياز جي سُر سُهڻيءَ مان به بيتُ ڏنو آهي، جنهن ۾ پڻ شاهه لطيف سان ڪيل فڪري اختلاف ڄاڻايل آهي. شاهه لطيف وٽ سُهڻي هر روز بنا سوچي سمجهي گهَڙي تي تري ميهار سان ملڻ وڃي ٿي، پر هُن جي دل ۾ ڪڏهن اهو خيال نٿو اچي ته هر ڀيري محبت جي نالي مان ئي ڇو تڪليفون برداشت ڪري ميهار وٽ وڃان؟ جڏهن ته شيخ اياز جي سُهڻي جديد دور جي عورت آهي، جيڪا فقط محبت جي نالي تي

استعمال ٿيڻ کان سوچڻ سمجهڻ ۽ زندگيءَ جي فائدي نقصان جي باري ۾ به سوچي ٿي ۽ اُن کي ترجيح ڏئي ٿي. هوءَ محبت جو اظهار، هڪ طرفو نه پر ٻنهي طرفن کان چاهي ٿي.

ٿُون به ته ٽري آءُ، ڪڏهن منهنجي ٻار ڏي،
سدا مون کي سِير جو، ڏنئه ڇو سوداءُ،
ميهرا! مُحب ميلاءُ، توکي ڇڪي ڇونه ٿو.

**شيخ اياز جي شاعريءَ تي "سياسي نظرين جا اثر"، بابت ٿيل ڪم جو جائزو:**

دنيا جي ڪيترن ئي دانشورن جا نظرياتي اثر اياز جي لکڻين مان نمايان آهن، جن کي اياز قبول ڪندي پنهنجي شاعريءَ ۾ جاءِ ڏني آهي، يا انهن نه قبوليندي، انهن نظرياتي خيالن جي ابتڙ پنهنجو اظهار ڪيو آهي. "اياز جنهن حُسن جي تصور جو قائل آهي، ان جو بنياد فرائڊ جي نظريي تي آهي. فرائڊ جو چوڻ آهي ته: حُسن جنسي خواهشن جي تخليق آهي." (106)

ڊاڪٽر فياض لطيف، شيخ اياز تي لکيل پنهنجي ڪتاب "شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات" ۾ ص160 تي اياز جي شاعريءَ تي ڇهن روايتن جو اثر ڄاڻايو آهي جن ۾ پهرين لوڪ ڏاهپ، قديم گيت ۽ سنگيت جي روايت جو اثر، ٻيو فارسي علم ۽ ادب جو اثر، ٽيون سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو اثر، چوٿون هندي شاعريءَ جي فڪر ۽ فلسفي جو اثر، پنجون ترقي پسند تحريڪ جو اثر، ڇهون يورپ جي آزاد خيال شعري روايت جو اثر ڄاڻايو آهي.

"شيخ اياز جي شاعريءَ تي جن مکيه ڌارائن جو اثر نظر اچي ٿو سَي هِي آهن:

1. سنڌي ڪلاسيڪي ڌارا
2. لوڪ ثقافتي ڌارا
3. فارسي ۽ عربي شاعريءَ جو اثر
4. تصوف ۽ ويدانيت جو اثر
5. سنڌي سماج جي عام رهڻي ڪهڻيءَ واري ڌارا
6. ننڍي کنڊ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي ڌارا
7. انگريزي ۽ پرڏيهي ٻولين جي ڪلاسيڪي توڙي همعصر ادبي ڌارائن جو اثر
8. مذهبي ڌارائن جو اثر
9. دنيا جي همعصر سياسي تحريڪي ڌارائن جو اثر" (107)

اياز جي شاعريءَ تي فني فڪري حوالي سان سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعرن سان گڏ دنيا جي ڪيترن ئي شاعرن جي اثر سان گڏ فلاسافرن جو نظرياتي اثر به آهي، جن تي مختلف ليکڪن ڪم ڪيو آهي. ان سان گڏ اياز جي صرف آزاد نظمن ۾ اهڙي اثر تي

پنهنجي مطالعي جي بنياد تي هڪ اياز جي آزاد نظمن جي مڪمل ڪتاب ”شيخ اياز جا آزاد نظم“ اياز جي آزاد نظم جي ٻين فني فڪري خوبين سان گڏ اياز جي آزاد نظم تي ٻين نظرياتي ماڻهن جي اثر بابت به لکيو آهي. اهڙيءَ طرح مشتاق گبول، اياز جي آزاد نظمن ۾ هابرٽ اسپينسر، اپيڪورس، شوپنهار، افلاطون، اسپونزا ۽ ٻين جو اثر ڄاڻايو آهي.

”ارتقا جي مختلف نظرين مان هابرٽ اسپينسر جي نظريي کان شيخ اياز متاثر ٿو ڏسجي ۽ نظم ازل جي پُر اسرار آڳ، سائنسي نظريي ”بگ بئنگ“ کان ۽ انهيءَ نظريي کان متاثر ٿي لکيل آهي.“ (108)

مشتاق گبول، اياز جي پهرين شعري مجموعي ”پونر پري آڪاس“ جي آزاد نظمن ۾ اپيڪورس، شوپنهار، افلاطون ۽ اسپونزا جو نظرياتي اثر ڄاڻايو آهي.

**حوالا:**


1. چانڊيو، جامي (مرتب) "شيخ اياز _ اينٿالاجي"، مضمون: امير علي چانڊيو، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، فيبروري 1998ع ص320
2. لطيف، فياض، ڊاڪٽر، "شيخ اياز جا دوها"، سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد، مارچ 2018ع، ص60
3. لطيف، فياض، ڊاڪٽر، "شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، 2018ع. ص475
4. چانڊيو، جامي (مرتب) "شيخ اياز _ اينٿالاجي"، مضمون: امير علي چانڊيو، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، فيبروري 1998ع، ص363، 364
5. ساڳيو، ص371
6. ساڳيو، ص379
7. ساڳيو، ص377
8. جويو ، ابراهيم، محمد، "مون ڏات انوکي آندي آ"، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ ڪراچي، 2012ع، ص72
9. چانڊيو، جامي (مرتب) "شيخ اياز _ اينٿالاجي"، مضمون: قمر شهباز، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، فيبروري 1998ع، ص416
10. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، "شيخ اياز هڪ مطالعو"، شيخ اياز چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، نومبر 1999ع، ص103
11. ساڳيو، ص110
12. جويو ، ابراهيم، محمد، "مون ڏات انوکي آندي آ"، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ ڪراچي، 2012ع، ص17،18
13. چانڊيو، جامي (مرتب) "شيخ اياز _ اينٿالاجي"، مضمون: قمر شهباز، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، فيبروري 1998ع، ص419
14. ساڳيو، ص420
15. ساڳيو، ص420،421
16. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، "شيخ اياز هڪ مطالعو"، شيخ اياز چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، نومبر 1999ع، ص107
17. ساڳيو، ص62
18. ساڳيو، ص62
19. جويو ، ابراهيم، محمد، "مون ڏات انوکي آندي آ"، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ ڪراچي، 2012ع، ص28

20. لطيف، فياض، ڊاڪٽر، ”شيخ اياز جا دوھا“، سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد، مارچ 2018ع، ص50
21. جنجهي، نور احمد، ”جاڳ جا پاڳ آھيون پرين“، ڪنول پبليڪيشن قنبر، جنوري 2019ع، ص194
22. شيخ اياز، (مرتب) سميجو ، اسحاق، ”گيڙو ويس غزل“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ڇاپو ٽيون 2015ع، ص34
23. جنجهي، نور احمد، ”جاڳ جا پاڳ آھيون پرين“، ڪنول پبليڪيشن قنبر، جنوري 2019ع، ص45
24. جويو ، ابراهيم، محمد، ”مون ڏات انوکي آندي آ“، ثقافت کاتو حکومت سنڌ ڪراچي، 2012ع، ص18
25. ساڳيو، ص18،19
26. شيخ اياز، (مرتب) سميجو، اسحاق، ”گيڙو ويس غزل“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ڇاپو ٽيون 2015ع، ص45
27. قاسماڻي، عزيز، ”شيخ اياز جي غزل جو فن“، ڪنول پبليڪيشن قنبر، جنوري 2020ع، ص123
28. پريم، هدايت، ڊاڪٽر/ ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو، ”شيخ اياز هڪ منفرد قلمڪار“، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، 2005ع، ص60
29. شيخ اياز، ”ناوَ هلي آ گيت ڪٿي“، (مرتب) سميجو، اسحاق، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2009ع، ص22
30. ساڳيو، رايو: تاج جويو، ص361
31. جويو ، ابراهيم، محمد، ”مون ڏات انوکي آندي آ“، ثقافت کاتو حکومت سنڌ ڪراچي، 2012ع، ص76
32. ساڳيو، ص101
33. لطيف، فياض، ڊاڪٽر، ”شيخ اياز جا دوھا“، سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد، مارچ 2018ع، ص54
34. لطيف، فياض، ڊاڪٽر، ”شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، 2018ع، ص295
35. چانڊيو، جامي (مرتب) ”شيخ اياز _ اينٿالاجي“، مضمون: امير علي چانڊيو، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، فيبروري 1998ع، ص332
36. ساڳيو، ص333
37. ساڳيو، ص334

38. ملڪ، نديم، ڊاڪٽر۽ سومرو، ادل، ڊاڪٽر، ”سو ديس مسافر منهنجو ڙي“، مضمون: سحر امداد، شيخ اياز چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، ڊسمبر 2001ع، ص199
39. شيخ اياز، ”ناوَ هلي آ گيت ڪٽي“، (مرتب) سميجو ، اسحاق، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2009ع، ص23
40. ساڳيو، ص17
41. ساڳيو، ص22،23
42. ساڳيو، ص28
43. ساڳيو، رايو: تاج جويو، ص359
44. شيخ اياز، ”اياز جا سنگيت ناٽڪ“، (مرتب) سميجو ، اسحاق، رايو: ڊاڪٽر فياض لطيف، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2017ع، ص189
45. لطيف، فياض، ڊاڪٽر، ”شيخ اياز جا دوها“، سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد، مارچ 2018ع، ص50،51
46. ساڳيو، ص51
47. ساڳيو، ص55
48. ساڳيو، ص55
49. ساڳيو، ص56
50. ساڳيو، ص57
51. لطيف، فياض، ڊاڪٽر، ”شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، 2018ع، ص302
52. ساڳيو، ص258
53. ساڳيو، ص215
54. شيخ اياز، ”گيڙو ويس غزل“، (مرتب) سميجو، اسحاق، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ڇاپو ٽيون 2015ع، ص38
55. چانڊيو، جامي (مرتب) ”شيخ اياز _ اينٿالاجي“، مضمون: امير علي چانڊيو، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، فيبروري 1998ع، ص381
56. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، ”شيخ اياز هڪ مطالعو“، شيخ اياز چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، نومبر 1999ع، ص100
57. ملڪ، نديم، ڊاڪٽر۽ ڊاڪٽر ادل سومرو (مرتب) ”سو ديس مسافر منهنجو ڙي“، مضمون: غلام نبي سڏايو، شيخ اياز چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، ڊسمبر 2001ع، ص136

58. گهانگهرو، عابده، ڊاڪٽر، ”شيخ اياز صدين جو سرجڻهار“، سنڌيا پبليڪيشن 2017ع، ص154،155
59. جنجهي، نور احمد، ”جاڳ جا پاڳ آهيون پرين“، ڪنول پبليڪيشن قنبر، جنوري 2019ع، ص45
60. ساڳيو، ص87
61. لطيف، فياض، ڊاڪٽر، ”سائو ڪي سڄڻ“، سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد، 2020ع، ص135
62. ساڳيو، ص135،136
63. ساڳيو، ص235
64. ساڳيو، ص224
65. چانڊيو، جامي (مرتب) ”شيخ اياز _ اينٿالاجي“، مضمون: امير علي چانڊيو، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، فيبروري 1998ع، ص355
66. آغا، سليم، ”شيخ اياز صدين جي صدا“، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ڇاپو پهريون جون 2005ع، ص72
67. ساڳيو، ص76
68. ساڳيو، ص95
69. ساڳيو، ص100
70. ساڳيو، ص106
71. ساڳيو، ص107
72. ساڳيو، ص108
73. جنجهي نور، احمد، ”ڪارونجهر تي باهڙي“، سنڌيانا پبليڪيشن حيدرآباد، 2016ع، ص46
74. لطيف، فياض، ڊاڪٽر، ”شيخ اياز جي شاعريءَ جو جديد مطالعو“، پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور 2017ع، ص309
75. لطيف، فياض، ڊاڪٽر، ”شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، 2018ع، ص310
76. ساڳيو، ص312
77. چانڊيو، جامي (مرتب) ”شيخ اياز _ اينٿالاجي“، مضمون: امير علي چانڊيو، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، فيبروري 1998ع، ص372
78. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، ”شيخ اياز هڪ مطالعو“، شيخ اياز چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، نومبر 1999ع، ص56

79. جويو، تاج، (مرتب) ”آڪاش ڪان وڌو ڌرتيءَ جو شاعر“، مضمون: عبدالواحد آريسر، شيخ اياز فائونڊيشن، قاضي پاڙو، 2 مارچ 2003ع، ص105
80. ڪلوڙ، عبدالوحيد، ڊاڪٽر، ”شيخ اياز جي شاعريءَ جي سماجي لسانيات“، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، سنڌ، ڊسمبر 2022ع.، ص89
81. ساڳيو: ص276
82. ساڳيو، مضمون: شمشير الحيدري، ص96، 97
83. چانڊيو، جامي (مرتب) ”شيخ اياز _ اينٿالاجي“، مضمون: قربان بگٽي، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، فيبروري 1998ع،
84. ساڳيو، ص190
85. ساڳيو، ص187
86. ساڳيو، ص187
87. ساڳيو، ص187
88. ساڳيو، ص186
89. ساڳيو، ص187،186
90. ساڳيو، ص183
91. ساڳيو، ص184
92. ساڳيو، مضمون: امير علي چانڊيو، ص342
93. ساڳيو، ص341
94. ساڳيو، مضمون: قمر شهباز، ص433
95. شيخ اياز، ”ناوَ هلي آ گيت ڪٽي“، (مرتب) سميجو، اسحاق، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2009ع، ص16
96. سومرو، ادل، ڊاڪٽر، ”ڳالهيون شيخ اياز جون“، مضمون: اسماعيل عرساڻي، شيخ اياز چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، مارچ 2010ع، ص41
97. جنجهي، نور احمد، ”ڪارونجهر تي باهڙي“، سنڌيانا پبليڪيشن حيدرآباد، 2016ع، ص34
98. لطيف، فياض، ڊاڪٽر، ”شيخ اياز جي شاعريءَ جو جديد مطالعو“، مضمون: اڪبر لغاري، پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور 2017ع، ص44
99. ساڳيو، ص
100. لطيف، فياض، ڊاڪٽر، ”شيخ اياز جي شاعريءَ جو جديد مطالعو“، مضمون: عادل عباسي، پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور 2017ع، ص213
101. ساڳيو، ص2006

102. جنجهي، نور، احمد، ”جاڳ جا پاڳ آهيون پرين“، ڪنول پبليڪيشن قنبر، جنوري 2019ع، ص42
103. آغا، سليم، ”شيخ اياز صدين جي صدا“، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ڇاپو پهريون جون 2005ع، ص09
104. ملڪ، نديم، ڊاڪٽر، ”اياز ڌوهي آهي“، ڊاڪٽر ملڪ نديم اڪيڊمي خيرپور ڪنڌڪوٽ، اپريل 2006ع، ص34
105. ساڳيو، ص35
106. چانديو، جامي (مرتب) ”شيخ اياز _ اينٿالاجي“، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، فيبروري 1998ع، ص323
107.جنجهي، نور احمد، ”جاڳ جا پاڳ آهيون پرين“، ڪنول پبليڪيشن قنبر، جنوري 2019ع، ص20،21
108. گبول، مشتاق، ”شيخ اياز جا آزاد نظم“، مرڪ پبليڪيشن ڪراچي، ڊسمبر 2021ع، ص32

# باب ٽيون

## شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ فڪري ڌارائن ۽ رجحانن تي ٿيل ڪم جو جائزو

### شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ "رومانويت" جي موضوع تي ٿيل ڪم جو جائزو

شيخ اياز بنيادي طور هڪ باغي شاعر هيو ۽ هُو پاڻ کي لکندو به "باغي شاعر" هو، ان سان گڏ ائين چئجي ته اياز گهڻ رخو شاعر هيو، هن جي شاعريءَ کي فني يا فڪري حوالي سان ڪنهن هڪ فن يا موضوع ۾ محدود نٿو ڪري سگهجي. اياز جي شاعريءَ ۾ ٻين موضوعن سان گڏ رومانس به پريو پيو آهي. اياز جي اها هڪ وڏي خوبي آهي جو هن انقلاب، بغاوت کان ويندي هر موضوع ۾ رومانويت کي شامل رکيو آهي. "اياز جي ابتدائي شاعريءَ ۾ رومانيت گهٽي ملي ٿي، جڏهن ته ان تي فارسي ٻوليءَ جو گهڻو اثر آهي." [1] نه رڳو شيخ اياز جي ابتدائي پر آخر تائين واري شاعريءَ ۾ جماليات ۽ رومانويت جهجهي تعداد ۾ ملي ٿي.

### شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ "مزاحمت ۽ بغاوت" تي ٿيل ڪم جي ڇنڊڇاڻ

اياز جي بغاوت محدود ناهي، اها گهڻ پاسائين بغاوت آهي. اياز سماجي بگاڙ پيدا ڪندڙ ريتن رسمن کان بغاوت ڪئي، پورهيتن جو حق غضب ڪندڙ سرمائيدارن کان بغاوت ڪئي، شاعريءَ جي پراڻين روايتن ۽ صنفي گهاڙيتن کان بغاوت ڪئي. ظالم جي ظلم ۽ ڏاڍي جي ڏاڍ کان بغاوت ڪئي. مذهبي ڍونگ رچيندڙ مُلان، مفت ۾ هارين وٽان ڏنُ وٺندڙ پيرن کان بغاوت ڪئي. "اياز جي شخصيت ۽ شعر جي اولين خوبي ۽ انفراديت هر قسم جي روايت ۽ فرسوده گهاڙيتن ۽ تصورن کان بغاوت هئي. هوئن ته اها بغاوت گهڻ رُخي ۽ گهڻ طرفي آهي، پر هن جيڪا سڀ کان پهرين بغاوت ڪئي، سا شاعريءَ جي روايتي ٻوليءَ کان هُئي." [2] اڳ سنڌي شاعريءَ ۾ فارسي زده ٻوليءَ ۽ فارسي شاعريءَ ۾ استعمال ٿيندڙ تشبيهن ۽ استعارن جو استعمال ئي سنڌي شاعر پنهنجي سنڌي شاعريءَ ۾ ڪندا هيا، جنهن روايت کي شروع ۾ ڪنهن حد تائين اياز به اپنايو پر پوءِ جلد ئي سنڌي شاعريءَ جي مزاج کي سمجهندي، پنهنجي شاعريءَ جي پاسي کي پلٽي ان جي فريم ۾ سنڌ جي نقشي کي بيهاريائين، جنهن مان پنهنجي ديس جي نج ٻوليءَ ۾، پنهنجي ديس جي خوشحاليءَ، بدحاليءَ ۽ تهذيب جا عڪس نظرجڻ لڳا. اياز سنڌ کي "ڄورن" جيان ڪاڄ سمجهي کائيندڙن جي خلاف بغاوت جو عَلم کڻي بيٺو، جنهنڪري باغي شاعر سڏجڻ لڳو.

نور احمد جنجهي پنهنجي ڪتاب ”جاڳ جا پاڳ آهيون پرين“ ۾ ص102 کان 107 تائين شامل مضمون ”ڏِس پُٺاسي ڏس پٺاسي“ ۾ اياز جي بغاوت کي بيان ڪيو آهي. جنهن ۾ ڳاءِ انقلاب ڳاءِ، شعر مثال ۾ ڏنو آهي. سياسي بغاوت ۾ اياز جو شعر جنهن مان هڪ سِٽ هتي ڏجي ٿي: سانگ سياست جا سمجهي، جو ناهه نڳيءَ جا ڏاهي، ڪوئي آهي. ۽ اهڙا ڪجهه ٻيا به مثال ڏنا آهن.

**شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ ”قوم پرستيءَ“ جي موضوع تي ٿيل ڪم جو مطالعو:**

ڪتاب ”شاعر جي خوابن جي خوشبو ۾ شامل ادل سومري جي مضمون ”شيخ اياز جي غزلن ۾ ڌرتيءَ جا رنگ“ ۾ ليکڪ سنڌ جي ماڳن، ندين، پهاڙن، مُندن، موسمن، گُلن، وڻن ۽ پکين جي باري ۾ لکيل شيخ اياز جي غزلن مان چُوند بند / شعر ڏنا آهن، جن ۾ سيوهڻ شهر، ڪير ٿر جبل، سجاول، ٺٽي، مياڻي، ڪينجهر، مڪلي، ڦِوَ راتڙي، ڏياري، ڄيٺ، اُني جي هوا، ڪڙڪٻيتي، ڪوئل، مور، هل، ڳيري، ساڳ، ٻلي، انب جي وڻ، گدامڙي، ٿوهر، ڪُونپٽ، نم جي چانوَ وغيره اچي وڃن ٿا. اهي سڀ سنڌ ڌرتيءَ سان واڳيل شيون جيڪي ڌرتيءَ سان جڙيل جذبن کي اڀارن ٿيون، ڌرتيءَ جي ذري ذري ۽ ڪک پن سان مُحبت ڪرڻ تي مجبور ڪن ٿيون. اياز اهڙين سپني شين جو پنهنجي شاعريءَ ۾ ذڪر ڪري عوام جي دلين ۾ قوم پرستيءَ جي جذبي کي اڀارڻ ۾ مدد ورتي آهي. ان ڪان سواءِ اياز وري انهن عام شين کي پنهنجي اعليٰ جذبن جي حس سان اپترو ته خوبصورت ۽ پائدار ڪري پيش ڪيو آهي جو پڙهندڙ پڙهڻ يا ٻڌڻ وقت اهڙي لازوال جذبن سان سرشار شاعريءَ جي سحر ۾ وڪوڙجي وڃي ٿو. ”شيخ اياز جي قوم پرستيءَ واري شاعريءَ جي باري ۾ اهو چئي سگهجي ٿو ته، اُها اهڙي قسم جي شاعري آهي، جيڪا ڪنهن غير سنڌيءَ جي دل ۾ به سنڌ سان عشق پيدا ڪري سگهي ٿي.“ (3)

قوم پرستيءَ ۽ حُب الوطنيءَ جو ذڪر آغا سليم پنهنجي ڪتاب ”شيخ اياز صدين جي صدا“ ۾ شامل مضمون ”سپنا تنهنجا، سنڌڙي“ نالي مضمون ۾ ڪيو آهي. ان مضمون ۾ آغا سليم، اياز جي قوم پرستيءَ بابت لکيل شاعريءَ جي پنيرائي ڪرڻ جي لاءِ شاهه لطيف جي شاعريءَ مان به مثال پيش ڪيا آهن. بنيادي طور هر ماڻهوءَ جي جيءَ ۾ وطن جي وڻن ٽڻن، درياهن، ڍنڍن، ڍورن، جبلن، پکين، وڻڪار ۽ ٻين منظرن جي محبت پاتال ۾ پيهي ويل هوندي آهي، پر ظاهر صرف اهو ڪري سگهندو آهي، جنهن وٽ ان عشق جي ڪِهرائيءَ کي بيان ڪرڻ جو ڏانءُ ۽ سگهه هجي. اهڙو ڏانءُ اياز وٽ آهي. هُو ڄاڻي پيو ته پنهنجي ڳالهه پڙهندڙ جي دل جي پاتال تائين ڪيئن تي پهچائي سگهجي!

اهي سڀ ڳالهيون هڪ پاسي پر ٻي اهم ڳالهه اها ته اياز هڪ غلام قوم جو غلام فرد هو. ان جي ڪري اياز کي ٻين ڳالهين سان گڏ پنهنجي وطن جي آزاديءَ جو خيال به هو، ۽ ديس جي آزاديءَ لاءِ پاڻ پنهنجي فڪر وسيلي پتوڙي رهيو هو. ديس وارن کي وطن جي

آزاديءَ جي جدوجهد لاءِ همٿائي رهيو هو، نند مان سڄاڳ ڪري رهيو هو. ان جي لاءِ ”اياز آزادي حاصل ڪرڻ جي طريقئه ڪار جو نهايت واضح نظريو ڏنو آهي. آزادي حاصل ڪرڻ جو هڪ نظريو پُرامن جدوجهد ۽ ستيه گرهه وارو آهي ته ستيه گرهه ۽ پُرامن ڳالهين سان آزادي حاصل ڪري سگهجي ٿي، ٻيو نظريو هٿياربند جدوجهد ۽ جنگ سان آزادي حاصل ڪرڻ وارو آهي.“ (4)

نه رڳو ايترو پر ”اياز، آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ هٿياربند جدوجهد ۽ جنگ کي ضروري ٿو سمجهي.“ (5) ڇو ته اياز ڄاڻي پيو ته هن دور ۾ پنهنجو حق امن ۽ عزت سان گهرڻ تي ملڻ مشڪل آهي، جنهنڪري ئي هن هٿيار بند جدوجهد لاءِ وڌيڪ اپاريو.

**شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ ”عالمگيريت“ جي موضوع تي ٿيل ڪم جو جائزو**

اياز جي شاعريءَ ۾ عالمگيريت جي موضوع تي ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي ۽ ڊاڪٽر عابده گهانگهرو لکيو آهي. ان حوالي سان ڊاڪٽر انور فگار عالمگيريت تي اياز جي شاعريءَ مان ڪو مثال ناهي ڏنو. فقط ايترو لکيو آهي ته: ”اياز جي شاعريءَ ۾ اسان کي انسانيت جو عالمگير تصور ملي ٿو.“ (6) مطلب ته هُن اياز جي شاعريءَ ۾ شامل هڪ اهم موضوع طرف محققن ۽ نقادن جو ڌيان ڇڪائي اشارو ڏنو آهي، وڌيڪ ان تي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. ڇو ته اياز دنيا جي هر مظلوم انسان جي ڏک تي لکيو، هر ملڪ جي آزاديءَ تي خوشي ملهائي، هر ملڪ ۽ قوم جي ظلم ڪندڙ ظالم تي لکيو اٿس.

ڊاڪٽر عابده گهانگهرو پنهنجي ڪتاب ۾ عالمگيريت بابت لکيو آهي، جنهن ۾ اياز جو شعر ”اڄ ته ڇئي ڏي، اڄ ته ڇئي ڏي اڄ ته علي الاعلان، منهنجو ڪوئي ديس نه آهي منهنجو ديس جهان“ ڏنو اٿس. ان کان سواءِ ڪجهه ٻيا شعر به ڏنا اٿس. اياز سموري جهان کي پنهنجو ديس ٿو سمجهي ۽ سڄي دنيا ۾ رهندڙ مختلف قومن، خاندانن ۽ رنگ نسل جي ماڻهن کي برابر انسان ٿو سمجهي. ان حوالي سان پوري عالَم ۾ جنهن تي به ۽ جيڪو به ظلم ٿئي ٿو اياز ان ظلم کي پاڻ تي ٿيندڙ ظلم ٿو سمجهي. ”اياز وٽ نه ماڻهوءَ لاءِ مٽ پيد وارو تصور آهي، ۽ نه ئي ڌرتيءَ لاءِ ڪا مخصوص جاگرافيائي سوچ رکي ٿو. بلڪه ان بدران هُو سڄي جهان کي پنهنجو ۽ سموري انسان ذات کي پنهنجي سُڃاڻپ ٻڌائي ٿو.“ (7)

**شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ ”تصوف“ جي پهلوءَ تي ٿيل ڪم جو اڀياس**

اياز جي شاعريءَ ۾ مذهبي انتهاپسندي ته ناهي، بلڪه ان جي خاتمي لاءِ پروپيگنڊا ٿيل آهي. پر ان سان گڏ اياز جي شاعريءَ ۾ شروع کان ئي مذهبي رواداري ۽ سڀني مذهبن جو احترام ضرور ملي ٿو. اها الڳ ڳالهه آهي ته عمر جي آخري سالن ۾ اياز ان قسم جي شاعريءَ طرف وڌيڪ لاڙو ڪيو ۽ مسلسل اهڙي شاعري لکي جنهن ۾ عالمِ

انسانيت لاءِ دعا ٿيل آهي. جنهن ۾ مذهبي مت ڀيد کان مٿانهون ٿي شيخ اياز دنيا جي سڀني انسانن جو خيرخواهه ٿي سوچيو آهي. نصير مرزا، اياز جي دعائيه شاعريءَ جي آفاقيت بابت ڪتاب سو ديس مسافر منهنجو ڙي جي ص234 تي مختصر طور ذڪر ڪيو آهي، پر ان تي تفصيل ۽ مثالن سان ناهي لکيو. اياز جي دعائيه شاعريءَ تي ڪيترن ئي ترقي پسند اديبن تنقيد ڪئي، اياز تي مُلان ٿي وڃڻ جا الزام لڳايا، پر حقيقت ۾ اياز جي نظريي جي خبر ان جي شاعريءَ مان پئجي سگهي ٿي. اياز جي سڄي دعائيه شاعريءَ ۾ ڪٿي به مذهبي انتها پسنديءَ کي هٿي ناهي ڏني وئي، ڪٿي به ڪنهن جي مذهب جي باري ۾ ڪي غلط لفظ ناهن لکيا ويا. اياز جي اها مذهبي شاعري مڪمل طور تصوف جي رنگ ۾ رنگيل آهي. جنهن ۾ انسانيت ۽ عالمِ انسان جي خيرخواهي ۽ ڀَلي لاءِ ئي دعائون ٿيل آهن. اهڙن ماڻهن جي لاءِ ملڪ نديم جي راءِ وڌيڪ مناسب آهي، جنهن ۾ چوي ٿو: ”شيخ اياز جي مزار تي وڃي جڏهن اسان ذري گهٽ سڀئي ترقي پسند، سيڪيولر، سنڌ دوست ۽ عوامي _ انقلابي اڳواڻ دعائون گُهرندا آهيون ته پوءِ جيڪڏهن شيخ اياز دعائون لکيون ته اُهي ساراهه جوڳيون ٿيڻ گهرجن يا نه؟“ [8] اياز جي شاعريءَ ۾ لبرل حقيقت پسند ۽ صوفي فڪر جي پرچارڪ واري عڪس تي نند جويريءَ هڪ مضمون لکيو آهي، جنهن ۾ هُن اياز جي شاعريءَ ۾ بيان ٿيل ماديت ۽ روحانيت جي موضوع کي بحث هيٺ آندو آهي. ماديت جي پرچار ۾ جيڪا سندس شاعري آهي اها شروعاتي ئي آهي ۽ روحانيت واري شاعري اياز جي آخري سالن واري شاعري آهي.

اياز تي آخري دور ۾ مذهبي شاعري ڪرڻ ۽ مولوي ٿي وڃڻ جي فتويٰ ان جي ڪري به آئي جو هن آخري ڏينهن ۾ دعائيه شاعري گهڻي تعداد ۾ ڪئي. باقي تصوف جي رنگ ۾ لکيل اياز جي اڳ به شاعري موجود آهي. يعني اڳ به اهڙي ڪيتري ئي شاعري آهي جنهن ۾ دعائيه رنگ ملي ٿو. ”شيخ اياز جي سموري شاعريءَ جو اڀياس ڪرڻ سان ظاهر ٿئي ٿو ته صوفي ازم ۽ مذهبي رواداريءَ واريءَ سوچ جو اثر اياز تي شروع کان ئي آهي.“[9]

اياز جي دعائيه شاعريءَ بابت ان جي اصليت بابت ٻين ليکڪن سان گڏ ڊاڪٽر فياض لطيف به پنهنجي اظهارِ راءِ پيش ڪئي آهي، جنهن ۾ هُو لکي ٿو ته اياز جي شاعريءَ ۾ تصوف جو رنگ شروع کان ملي ٿو ۽ ان ۾ تصوف سان گڏ انقلاب، مزاحمت، مجاز ۽ محبت جو رنگ به شامل آهي. ”شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ تصوف جو پهلو ابتدا کان ملي ٿو، جيڪو محبت، مجاز، مزاحمت ۽ انقلاب جي گلابي ۽ گيڙو رتي رنگن ۾ رنگيل آهي، پر خاص ڪري سندس پوئين دور واري شاعريءَ ۾ اهو مذهبي ۽ روحاني اسراريت جو رنگ اختيار ڪري وڃي ٿو.“ [10] انسان تي ڪي اثر عمر جي حوالي سان به پوندا آهن ته ڪي وري نظرياتي سُونهن جي ڪري به پوندا آهن. اياز جو فڪري آئيڊيل ٽئگور به رهيو، جنهن

پڻ عمر جي آخري حصي ۾ دعائون لکيون، اياز به عمر جي آخري حصي ۾ دعائون لکيون، پر اياز جون دعائون مذهبي فرق کي پاٽي ڏيندڙ نه آهن، انهن ۾ انسانت جي پرچار ٿيل آهي.

**شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ "ترقي پسندي، انسان دوستي ۽ روشن خياليءَ" جي موضوعن تي ٿيل ڪم جو اڀياس:**

ابتدا کان ئي اياز، دنيا جي انقلابي مفڪرن ۽ اديبن کان گهڻو متاثر رهيو. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ دنيا جي ادب ۾ استعمال ٿيندڙ فڪرن ۽ لاڙن کي جاءِ ڏني، انهن کي اپنايو ۽ شاعريءَ وسيلي سنڌ ۽ سنڌي ادب ۾ به ان جي پرچار ڪئي. جنهن سبب اياز کي قيد ۾ سزا ڀوڳڻي پئي. ساڄي ڌُر جي اديبن جي طرفان مٿس تُهمتون لڳيون، سندس ڪتاب ضبط ڪيا ويا. اياز پنهنجي شاعريءَ ۾ موضوعاتي طور نواڻ آڻيندي انسانيت، انقلاب جو سرواڻ شاعر ٿي اُڀريو. سچ جو ساٿي ٿي بيٺو، هُن پنهنجي گيتن جي گونجار سان ظلم جي بُرجن کي لوڏي ڇڏيو. اياز شروع کان ئي شاعريءَ ۾ پنهنجو هڪ الڳ رستو ٺاهيو. "هڪ شاعر طور اياز پنهنجي ابتدا ۾ ئي ترقي پسند ۽ روشن خيال فڪر جو نمائندو نظر اچي ٿو." (11)

اياز گهڻيون ٻوليون ڄاڻيندڙ هو، جنهنڪري مختلف ٻولين ۾ سرجيو ويندڙ ادب اصل ٻوليءَ ۾ يا ترجمو ٿيل ٻولين ۾ پڙهندو رهيو، جنهن سبب سندس شاعريءَ ۾ لکڻين ۾ نواڻ آئي ۽ نکار پيدا ٿيو.

"اياز وٽ روشن خيالي ۽ نئين سوچ گهڻو ڪري ته انگريزي، روسي، بنگالي ۽ اردو ٻوليءَ جي نئين فڪري ۽ سائنسي سوچ تي ٻڌل ادب ۽ خاص طور تي تخليقي ادب پڙهڻ سان ئي آهي. پر ان سان گڏ خود يوناني فلسفي جي ڳهري اڀياس به کيس ڪافي متاثر ڪيو." (12)

اياز جي شاعريءَ ۾ روشن خياليءَ جي عنصر هجڻ ڪري ئي کيس مُلحد ۽ ايمان مان خارج قرار ڏنو ويو. جڏهن ته اها ڪا بُري ڳالهه نه هئي. هُن انسان سان عشق جي ڳالهه ڪئي، ان جي عظمت، اهميت ۽ برابريءَ جي ڳالهه ڪئي. اياز ان موضوعاتي نواڻ ۽ شاعريءَ جي جمود کان بغاوت ڪرڻ جي ڪري هڪ نئين جهان ۾ پير پاتو، اڻ ڇُهيل يا نظر انداز ڪيل موضوعن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ امر ڪري، پڙهندڙ ۽ عام انسانن جي دلين ۾ امر ٿي ويو. "شيخ اياز جي انسان دوستي، ترقي پسندي، عالمي امن ۽ روشن خيالي، جنهن جو ذڪر ۽ فڪر اياز جي شاعريءَ جي جان آهي." (13) ان ۾ مثال طور ڊاڪٽر فياض لطيف، اياز جي هڪ غزل جو بند:

عشق تنهنجو اياز آهي انسان
سان،

هُو چون ٿا ته تُون ناهين ايمان ۾.

۽:

هي سنگرام!
سامهون آ
نارائڻ شيام!
هُن جا، منهنجا
قول به ساڳيا
ٻول به ساڳيا
هُو ڪوتا جو ڪاڪ ڏٺي، پر
منهنجا رنگَ _ رتول به ساڳيا
ڏٺ به ساڳيو
ڏول به ساڳيا
هانءُ به ساڳيو
هول به ساڳيو
هُن تي ڪيئن بندوق ڪڏان مان!
هن کي گولي ڪيئن هڻان مان!
ڪيئن هڻان مان!
ڪيئن هڻان مان!
ڪيئن هڻان مان!

حوالا:


1. گھانگھرو، عابده، ڊاڪٽر، "شيخ اياز صدين جو سرجڻهار"، سنڌيا پبليڪيشن 2017ع ، ص154
2. سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، (مرتب) "شيخ اياز جا سنگيت ناٽڪ"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ڊسمبر2017ع، ص18
3. جويو، تاج، (مرتب) "آڪاش ڪان وڏو ڌرتيءَ جو شاعر"، مضمون: فهميده رياض، شيخ اياز فائونڊيشن حيدرآباد 2003ع، ص199
4. آغا، سليم، "شيخ اياز صدين جي صدا"، ڇاپو پهريون، سنڌي ادبي بورڊ، 2005ع ، ص65
5. ساڳيو، ص65
6. هڪڙو، انور فگار، ڊاڪٽر، "شيخ اياز هڪ منفرد قلمڪار"، ڇاپو پهريون 2005، ص57
7. گھانگھرو، عابده، ڊاڪٽر، "شيخ اياز صدين جو سرجڻهار"، سنڌيا پبليڪيشن 2017ع ، ص165
8. ملڪ نديم، "اياز ڌوهي آهي"، ڊاڪٽر ملڪ نديم اڪيڊمي ڪنڊڪوٽ، ڇاپو پهريون اپريل 2006، ص26
9. گھانگھرو، عابده، ڊاڪٽر، "شيخ اياز صدين جو سرجڻهار"، سنڌيا پبليڪيشن 2017ع ، ص174
10. لطيف، فياض، ڊاڪٽر، "شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، 2018ع، ص338
11. سميجو اسحاق، "شيخ اياز جي شاعري"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ڊسمبر 2020ع. ص129
12. ساڳيو، ص135
13. لطيف، فياض، ڊاڪٽر، "شيخ اياز جي شاعريءَ جو تحقيقي تنقيدي مطالعو"، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، نومبر 2022ع، ص348

# باب چوٿون

**شيخ اياز جي نثري تحريرن تي ٿيل ڪم جو تجزيو:**

ادب ۾ شيخ اياز جي سڃاڻپ ته هڪ شاعر طور آهي پر اياز جو سنڌي نثر ۾ به انتهائي اهم ڪم ٿيل آهي. شيخ اياز نثري صنفن ۾ آتم ڪهاڻي، ڪهاڻيون ۽ خط لکيا. ان سان گڏ اياز ڪان انٽرويو به ورتا ويا، جيڪي پڻ نثري ادب جو ۽ اياز جي نثري ڪم ۾ سهڻو اضافو آهن. اياز مختلف پروگرامن ۾ گڏجاڻين ۾ تقريرون پڻ ڪيون جيڪي نج ادبي، تاريخي ڄاڻ سان پرپور آهن. اياز "اڳتي قدم" ۽ "برسات" جو ايڊيٽر به رهيو، جنهن ۾ اياز جا ايڊيٽوريل، ڪالم ۽ مضمون به نثر جو سُهڻو مثال آهن، جن کي ذوالفقار هاليپوٽي سهيڙي ڇپايو آهي. هتي اياز جي نثري ڪم تي ٿيل ڪم جي جاچ ڪجي ٿي:

آتم ڪهاڻي:

آتم ڪهاڻيءَ ۾ ماڻهو پنهنجي باري ۾ پاڻ لکندو آهي. پنهنجي زندگيءَ جون وارتائون پنهنجي زباني لکندو آهي. شيخ اياز به پنهنجي آتم ڪهاڻي مختلف نالن سان لکي، جن ۾ "جڳ مڙيو ئي سپنو" ڪٿي ته پڄبو ٽڪ مسافر" جا ٽي جُلد ۽ ان ڪان سواءِ سنڌس "ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون" جيل ڊائري "ساهيوال جيل جي ڊائري" پڻ آتم ڪٿا جي روپ ۾ لکيل آهن، جن کي آتم ڪٿا سڏي ٿو سگهجي. اياز جي آتم ڪهاڻين جي ڪتابن مان پهريون "جڳ مڙيو ئي سپنو" ۽ ٻيو "ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيو" آهي.

اياز جي آتم ڪٿا ادبي رنگ ۾ آهي، جنهن جي ڪري پڙهندي کي افسانوي چس به ڏئي ٿي، ڇو ته اياز جون آتم ڪٿائون عام رواجي انداز ۾ ناهن لکيل، هُن شاعريءَ جيان آتم ڪهاڻين ۾ به پنهنجو الڳ رستو اختيار ڪيو. "اياز آتم ڪهاڻيءَ ۾ هڪ خاص طرز اختيار ڪئي آهي، جنهن ۾ تاريخوار حوالا نه آهن. جيئن ڳالهه مان ڳالهه نڪتي آهي، تيئن بيان ڪندو ويو آهي." (01) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي، پنهنجي ڪتاب "شيخ اياز هڪ مطالعو" جي باب انين ۾ اياز جي نثري ڪم آتم ڪهاڻي، ڪهاڻي، خط، انٽرويو، تقريرون ۽ ساهيوال جيل جي ڊائريءَ جو مختصر مختصر تعارفي ذڪر ڪيو آهي.

اياز جي ادبي انفراديت ئي اياز کي ادبي منچ تي نروار ڪري بيهاريو. "هن (اياز) جي نثر تي هن جي انفراديت جي ڇاپ ايتري ته گهري ۽ ڇٽي لڳل آهي، جو صدين جو سيلاب به ان جي چمڪ ڌمڪ ۾ ڪمي آڻي نه سگهندو."(02)

اياز جي آتم ڪهاڻيءَ ڪتاب "ڪٿي ته پڄبو ٽڪ مسافر" جا ڊاڪٽر هدايت پريم ۽ ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي پنهنجي ڪتاب "شيخ اياز هڪ منفرد قلمڪار" جي ص126 ۽ 127 تي چار جُلد ڄاڻايا آهن، پر انهن جا نالا ناهن لکيا ويا. اياز جي آتم ڪهاڻين تي ترتيب ۽ تسلسل سان تحقيقي ۽ تنقيدي انداز ۾ وڌيڪ ڪم ڪري سگهجي ٿو. اياز جون آتم ڪٿائون تاريخي، سياسي، قومي ۽ سماجي حالتن جي عڪاسي ڪندڙ آهن ۽ هڪ حساس ليکڪ جي زباني لکيل مقدمو آهن.

## ڪهاڻي:

اياز جون ڪهاڻيون 1942ع کان اخبارن ۾ ڇپجڻ شروع ٿيون. ”سندس پهرين ڪهاڻي ”سُهڻي سير ۾“ جي عنوان هيٺ ماهوار رسالي ”سنڌو“ جي سيپٽمبر 1942ع جي شماري ۾ شايع ٿي. اهڙي طرح سندس ٻي ڪهاڻي ”هڪ شمع جا ٻه پروانا“ پڻ ڊسمبر 1942ع جي ”سنڌو“ ۾ ڇپي.“[03] ائين ئي ڪجهه وقت ڪهاڻيون لکڻ جو سلسلو جاري رهيو، جنهن کان پوءِ اياز شاعريءَ طرف مڪمل توجهه ڏنو.

اياز جي ڪهاڻين جا ٽي ڪتاب ڇپيل آهن. جن ۾ پهريون ”سفيد وحشي“. ٻيو ”جڳ مڙوئي سپنو“ ۽ ٽيون ”جي تند برابر توريان“ جيڪو اياز جي پهرين ٻنهي ڪتابن مان رهجي ويل ڪهاڻين کي گڏ ڪري ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي ڇپايو. اياز جي ڪتابن ۾ سڀ کان پهرين سندس نثري ڪتاب ڇپيو، جيڪو اياز جي ڪهاڻين تي مشتمل هو. ”سندس ڪهاڻين جو پهريون مجموعو ”سفيد وحشي“ 1947ع ۾ ڇپيو ۽ ٻيو ”پنهل کان پوءِ“ 1991ع ۾. جبار ص163

اياز جي ڪهاڻين جي ڪتاب ”پنهل کان پوءِ“ جي ڇپجڻ جو سال ڊاڪٽر انور فگار 1954ع ڄاڻايو آهي. ”سن 1954ع ۾ شيخ اياز جي ڪهاڻين جو ٻيو مجموعو ”پنهل کان پوءِ“ جي نالي سان حبيب پبليڪيشن سکر پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو.“[04] ورهاڱي وقت جڏهن هندو سنڌي، سنڌ کي ڇڏڻ تي مجبور ٿي، لڏپلاڻ جي تياري ڪري رهيا هيا، تڏهن اياز هندو سنڌي اديبن ۽ ليکڪن سان گڏجي سنڌين ۾ سنڌيت جو جذبو پيرڻ لاءِ سوچيو ۽ انهن کي سنڌ ۾ ئي رهڻ جي هدايت ڪئي. سنڌ ۽ سنڌين جي جي لاءِ پيار محبت جي پيغام سان پرپور ڪهاڻيون لکي ڪتاب ڇپائي پڙهندڙن تائين پهچايو ويو. اياز ”پاڙيسري“ نالي ڪهاڻي لکي“ان ڪهاڻيءَ (پاڙيسري) وسيلي هن پهريون پيرو جيئي سنڌ جو نعرو به متعارف ڪرايو، جيڪو بعد ۾ سموري سنڌ جو آواز بڻيو.“[05] غلام سڪينه حميده قاضي، شيخ اياز جي ڪهاڻين تي تعارفي انداز ۾ لکيو آهي. اياز جي، نوران، ڪلٽي، ڪارو رنگ، پاڙيسري، چار ايڪڙ ٻني ڪهاڻين جي موضوع ۽ نواڻ تي لکيو آهي.

## خط:

اياز جا خط اياز جي ٽن ڪتابن ”جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي، ”خط انٽرويو، تقريرو“ پاڳو پهريون ۽ پاڳو ٻيو ۾ شامل آهن. شيخ اياز جي خطن جي ڪتاب ”جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي“ جو مهاڳ محمد ابراهيم جويي لکيو، جيڪو سندس ڪتاب ”مون ڏات انوکي آندي آ“ ۾ شامل آهي. پهريون ڪتاب مڪمل خطن جو آهي باقي پوين ٻن ڪتابن ۾ خطن سان گڏ انٽرويو ۽ تقريرون به شامل آهن. ”جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي، ۾ ٻاويهه خط ۽ سندس نوٽ بوڪ جا ڪجهه ورق آندل آهن.“[06] ڊاڪٽر هدايت پريم ۽ ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي گڏجي شيخ اياز تي ڪتاب لکي سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي طرفان ڇپرايو، جنهن ۾ ”شيخ اياز نثر نويس جي حيثيت ۾“ موضوع آهي، ان ۾ اياز جي نثري ڪتابن تي لکيو ويو آهي. هيءُ ڪتاب تخليقي گهٽ ترتيب گهڻو آهي، جيئن ”جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي“ ڪتاب جو مڪمل تعارف ابراهيم جويي جي مهاڳ تان ڪٽي رکيو ويو آهي.

اياز جي شاعري هجي، يا نثر پر ان ۾ ”موت“ جو جابجا ذڪر ملي ٿو. اياز وٽ موت وقت ايندڙ سڪرات جو ڊڄ ناهي، پر هن جي شاعريءَ مان موت بابت پڙهڻ کان پوءِ اهو

چئي سگهجي ٿو ته موت کان پوءِ هن حَسين ڪائنات کان ڪٽجي وڃڻ، هڪ متحرڪ ۽ شعوري انسان مان ساڪن جسم بڻجي وڃڻ جو پڇتاءُ آهي. شاعريءَ جيان اياز جي خطن ۾ به موت جو بار بار ذڪر ملي ٿو. ”شيخ اياز جي خطن جو مطالعو ڪرڻ سان اهو به معلوم ٿئي ٿو ته هُن موت کي شروع کان ئي ساريو، ان جي وجود تي هميشه ويچاريو ۽ پنهنجي تحريرن ۾ سدائين اظهاريو.“[07]

### انٽرويو:

انٽرويو وٺڻ جو رُجحان دنيا جي مختلف مُلڪن سان گڏ اسان جي ملڪ ۾ به رهيو آهي. سنڌي ادب ۾ ناليوارن شاعرن ۽ اديبن کان مختلف انٽرويو ورتا ويا آهن. سنڌيءَ ۾ انٽرويو تي مشتمل الڳ مڪمل ڪتاب به ڇپيل آهن. اياز جي ”خط انٽرويو، تقريرون“ جي پهرين ۽ ٻئي ڀاڱي ۾ اياز کان ورتل انٽرويوز جو تعداد ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي 6 ڄاڻايو آهي. هدايت پريم موجب اياز کان پهريون انٽرويو سوجهري رسالي جي لاءِ سحر امداد ورتو. ”اهڙيءَ طرح (اياز جو) پهريون انٽرويو، سامي سچ وڙاءُ، جي عنوان هيٺ آهي، جو سحر امداد ماهنامي ”سوجهري“ ڪراچيءَ لاءِ ورتو هو ۽ آڪٽوبر 1973ع جي ”سوجهري“ ۾ ڇپيو.“[08]

ڊاڪٽر غلام سڪينه حميده قاضي، پنهنجي ڪتاب ۾ اياز جي سنڌي انٽرويوز جا جيڪي عنوان لکيا آهن اهي تعداد ۾ ڏهه آهن، ان کان سواءِ اردو، انگريزي سان گڏ آڊيو ۽ وڊيو جي صورت ۾ به ورتل انٽرويوز جو ذڪر ۽ حوالا ڏنا اٿس.

### تقريرون:

شيخ اياز جون تقريرون به سنڌي ادب جو حصو آهن. علمي ۽ ادبي ڄاڻ سان سرشار آهن. اياز جي تقريرن کي رشيد ڀٽي ”شيخ اياز جا خط انٽرويو ۽ تقريرون“ جي نالي سان سهيڙي ڇپايو آهي. اياز جي تقريرن تي ڪو خاص هڪ جائتو ڪم ناهي ٿيو. رشيد ڀٽيءَ طرفان ترتيب ڏنل ٻنهي ڪتابن مان ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي، اياز جي تقريرن جو تعداد 40 ڄاڻايو آهي. چاليهه علمي ۽ ادبي تقريرون ڪو عام ڪم ناهي. اياز جي تقريرن جو ڪُليات الڳ ترتيب ڏئي انهن جي اهميت ۽ افاديت تي تحقيقي ۽ تنقيدي انداز ۾ مقدمو لکي ڪتابي صورت ۾ ڇپائڻ گهرجي.

### صحافت:

شيخ اياز هڪ صحافيءَ جي حيثيت ۾ ”روزاني برسات“ نالي اخبار ۾ به ڪم ڪيو، ان اخبار ۾ لکيل اياز جي ايڊيٽوريل، مضمونن ۽ ڪالمن کي ذوالفقار هاليپوٽي ترتيب ڏئي ”شيخ اياز ۽ صحافت“ جي نالي سان ڇپايو آهي، جنهن جي مهاڳ ۾ هُن اياز جي صحافتي ڪاوش جون خوبيون ذڪر هيٺ آنديون آهن. ”روزاني برسات، جي ايڊيٽر شپ دوران شيخ اياز جون لکيل تحريرون ٻن حصن ۾ آهن. هڪ سندس لکيل اداريا ۽ ٻيا سندس لکيل مضمون ۽ ڪالم.“[09] اياز جي نثر تي غلام سڪينه حميده قاضي، پنهنجي ڪتاب ”شيخ اياز شخصيت ۽ فن“ جي باب ڏهين: ”شيخ اياز جون نثري ڪاوشون“ ۾ ڪهاڻي، آتم ڪٿا، ادبي خط، انٽرويو، تقريرون ۽ صحافت تي الڳ الڳ ڪري لکيو آهي.آخر ۾ اياز جنهن اخبار جو ايڊيٽر رهيو اها سنڌي جي نامياري ليکڪ يوسف شاهين جاري ڪئي هئي. يوسف شاهين برسات جي ايڊيٽرشپ لاءِ شيخ اياز جهڙي غيرمعمولي ڪوي ۽ ليکڪ کي

ايڊيٽر بڻايو. ”نامياري محقق ۽ ليکڪ يوسف شاهين روزاني برسات جاري ڪئي، جنهن جو چيف ايڊيٽر شيخ اياز کي بڻايو ويو.“ [10] شيخ اياز جي نثري خدمتن تي ٽيل ڪم بابت غلام زينب ابڙو جي ايم فل جي ٿيسز لاءِ پيش ڪيل تحقيقي مقالو، جنهن کي بعد ۾ ”شيخ اياز نثر نويس جي حيثيت ۾“ جي عنوان سان سمونڊ پبليڪيشن طرفان ڇپايو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ اياز جي سوانح سان گڏ اياز جي ڪهاڻين، تقريرن، انٽرويوز، خطن، مُهاڳن، تنقيدي مضمونن، صحافتي خدمتن ۽ آتم ڪٿا تي لکيو آهي، پر اهو مڪمل مواد حوالن جي صورت ۾ رکيل آهي، يعني مڪمل مواد ٻين ليکڪن جو ڪٿي حوالي طور ڏئي ڪم هلايو ويو آهي. پنهنجي طرفان ڪابه راءِ ناهي جوڙي وئي. ڪجهه به ناهي لکيو ويو.

**شيخ اياز جي شاعريءَ تي ٿيل ”تحقيق ۽ تنقيد“ جو تجزيو:**

شيخ اياز جي علمي ادبي ڪم تي ڪيترن ئي محققن ۽ نقادن ڪم ڪيو آهي. جن اياز جي شاعريءَ جي اُڪيل ڪندي اياز جي لکڻين جي خوبين ۽ خامين تي تحقيقي، تنقيدي ۽ تجزياتي مضمون ۽ مقالا لکيا آهن. ان سان گڏوگڏ انهن کان ڪي غلطيون به ٿيون، جن کي هن باب ۾ مثالن سان پيش ڪجي ٿو.خاص طور تي اياز جي شاعريءَ تي جيڪو ڪم ٿيو آهي، يا ان ۾ مطالعو ڪندي جيڪي غلطيون نظر مان گذريون انهن کي پيش ڪيو ويو آهي.

”آءٌ ڀونر هرجائي
مکڙي مکڙي جو رس چوسيان
سونهن پئيان سودائي
مکڙين جي ئي ميڙ ۾ گذريو سارو جيون منهنجو
گهڙي گهڙي مون سوچيو آهي
مکڙيءَ مکڙيءَ سان آ ڪندو
ڀونر انهيءَ تي ڀوءِ به مرن ٿا!
هن جيون جي ڦلواڙي ۾،
بنا ڪندي گل ڇو نه ٽڙن ٿا!

هن نظم جي پهرين سٽ ٻي سٽ پاڻ ۾ هم قافيا آهن. ٽين ۽ چوٿين سٽ پاڻ ۾ هم قافيا آهي ته ٻئي طرف وري سٽ نمبر ستين ۽ نائين پاڻ ۾ هڪجهڙو قافيو رکن ٿيون.“ [1] امير علي چانڊيي مٿي ڄاڻايل اياز جي نظم جي هم قافيه سٽن بابت جيڪا راءِ جوڙي آهي، ان ۾ غلطي ڪري ويو آهي. ڇاڪاڻ ته امير علي چانڊيي طرفان شيخ اياز جي مٿي ڄاڻايل نظم جي پهرين ۽ ٻي پاڻ ۾، ٽين ۽ چوٿين پاڻ ۾ هم قافيا نه پر، پهرين ۽ ٽين سٽ پاڻ ۾ هم قافيا آهن، چوٿين ۽ ڇهين پاڻ ۾ هم قافيا آهن. باقي سٽ نمبر ستين ۽ نائين بابت درست لکيو اٿس ته اهي ٻئي پاڻ ۾ هم قافيا آهن. ان سان گڏ نظم جي پهرين لفظ ”آءٌ“ کي ”آءٌ“ ڪري لکيو اٿس. ”آءٌ“ ضمير متڪلم آهي ۽ ”آءٌ“ فعل آهي. ٻنهي جي معنيٰ ۽ استعمال الڳ آهي.

امير علي چانڊيي اياز جي شاعريءَ تي مختصر، جامع ۽ سُٺو ڪم ڪيو آهي. پر ان سان گڏ ڪانئس ٿيل ڪجهه غلطين جي وڏيڪ نشاندهي ڪجي ٿي. پاڻ لکي ٿو:

”اياز جو هيءُ غزل بحر صوت الناقوس ۾ آهي، جنهن جا رڪن هيئن بيهندا:

فعلن فعلن فعلن فعلن فعلن فعلن فعلن فعلن فع

ميلي ۾ تون تنها تنها ڪنهن کي ڳولين ٿو،

اک ۾ ڳوڙها هٿ ۾ گجرا ڪنهن کي ڳولين ٿو.

***

فعلن فعلن فعلن فعلن فع

گهر گهر گهنگهروءَ گونج نئين،

هونئن ته ناچو آهي هڪ.“ (2)

امير علي چانڊيي اياز جي ٻن غزلن جي وزن جا رُڪن ڄاڻايا آهن ۽ هڪ غزل جو بحر ڄاڻايو آهي. امير علي چانڊيو هتي ٽي غلطيون ڪري ويو آهي. هڪ ته پهرين غزل جي وزن جا ٻه رُڪن وڌيڪ ڄاڻائي ويو آهي. ٻيو ته ڄاڻايل ٻئي غزل جي وزن جي رُڪنن مان هڪ رُڪن وڌيڪ ڄاڻائي ويو آهي. ٽيون ته ڄاڻايل پهرين غزل ”ميلي ۾ تون تنها تنها ڪنهن کي ڳولين ٿو“ جو بحر غلط ڄاڻايو آهي. امير علي چانڊيي پهرين غزل جو وزن فعلن فعلن فعلن فعلن فعلن فعلن فعلن فعلن فع ڄاڻايو آهي. جڏهن ته هن غزل جو درست وزن فعلن فعلن فعلن فعلن فعلن فعلن فع ٿيندو، ۽ درست بحر .......................ٿيندو. پر امير علي چانڊيي بحر صوت الناقوس ڄاڻايو آهي، جيڪو غلط آهي. امير علي چانڊيي طرفان ڄاڻايل اياز جي ٻئي غزل ”گهر گهر گهنگهروءَ گونج نئين“ جو وزن فعلن فعلن فعلن فعلن فع ڄاڻايو آهي، جڏهن ته اياز جي ان غزل جو درست وزن فعلن فعلن فعلن فع ٿيندو.

قمر شهباز اياز تي لکيل پنهنجي مضمون ۾ (هيءُ مضمون شيخ اياز تي ترتيب ڏنل جامي چانڊيي جي ڪتاب ۾ ص406 تي شامل آهي) اياز جي حافظي بابت لکيو آهي ته هن جو حافظو ايترو تيز هيو جو هن کي پنهنجو ته سمورو ڪلام برزبان ياد هيو پر ان سان گڏ اردو، انگريزي ۽ فارسي شاعرن جو به گهڻو ڪلام ياد هيس.

اياز جي ذهانت بابت قمر شهباز جي اها هڪ وڏي دعويٰ آهي، پر مان ته سمجهان ٿو اياز بابت اهو عقيدتي اظهار آهي. ان بابت وڌيڪ اهي مُحقق ۽ نقاد ئي بهتر انداز ۾ ڳالهائي سگهن ٿا، جن اياز کي پروگرامن ۾ روبرو ٻڌو هوندو. مان اياز جي رڪارڊ ٿيل وڊيوز جي بنياد تي ئي ڳالهائي سگهان ٿو، جو شيخ اياز مشاعرن ۾ پنهنجي شاعري ئي ياد نه ٿو پڙهي ۽ شاعري پڙهڻ وقت اياز جي اڳيان اياز جي شاعريءَ جا لکيل پيج پيل نظر اچن ٿا.

حميد سبزوئي اياز جي هائيڪي کي ڪجهه هن طرح لکيو آهي:

”ياڳ جڏهن ٻڄي
اپري سپري ساٿ جون
ڳالهڙيون ڳڄن!.“ (3)
جڏهن ته اياز جي ان هائيڪي جي درست لکڻي هن طرح آهي:
ياڳ جڏهن ٻڄن،
اپري سپري ساٿ جون
ڳالهڙيون ڳڄن!.

پهرين سٽ ۾ لفظ ”ٻڄن“ کي ”ٻڄي“ ڪري لکيو اٿس، جنهن ڪري فني حوالي سان هائيڪي جي پهرين سٽ جو قافيو متاثر ٿيو. ڪتاب ”شاعر جي خوابن جي خوشبو“ ۾ ڊاڪٽر ادل سومري جو مضمون ”شيخ اياز جي غزلن ۾ ڌرتيءَ جا رنگ“ جي عنوان سان شامل آهي، جنهن ۾ شيخ اياز جي غزل جو بند هن طرح ڏنل آهي:

سانجهه لٿي آ جهانجهه وڄي ٿي ڪوئي اچتر آهه،
ڪونج ڪئي آ گونج، سوا پي آهي هيج پري.

جڏهن ته اياز جو هيءُ شعر سندس ڪتاب ”وڄون وسڻ آيون“ ۾ شامل هڪ غزل مان کنيل آهي، جيڪو هن طرح آهي:

سانجهه لٿي آ جهانجهه وڄي ٿي ڪوئي اچٽون آهه،
ڪونج ڪئي آ گونج، هوا پي آهي هيج پري.

ڊاڪٽر انور فگار اياز جي شعر ۾ ”وڄي“ کي ”وچي“، ”اچٽو“ کي ”اچتر“، ۽ ”هوا“ کي ”سوا“ ڪري لکيو آهي. جنهن جي ڪري شعر جي اصل صورت بگڙي وئي آهي، ۽ شعر پنهنجي اصل معنيٰ ۽ مفهوم وڃائي ويٺو آهي.

اياز جي نقادن ۾ پروفيسر سحر امداد جو نالو به شامل آهي، جنهن اياز جي شاعريءَ تي تجزياتي ۽ تنقيدي نظر رکي آهي. سحر امداد لکي ٿي:

”ڌرتيءَ ۽ آڪاش پڪاريو،
ڪير ڇئي ٿو هير مئي!

اتي ”زير“ کي ٻن ماترائن ۾ ادا ڪيو ويو آهي.“ (4) ڄاڻايل شعر ۾ ”زير“ جو استعمال ٿيل ئي ناهي جنهن جو ذڪر سحر امداد ڪيو آهي. ۽ ان کي ٻن ماترائن ۾ استعمال ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي اٿس. اصل ۾ اياز جو مٿي ڄاڻايل شعر غلط ڏنل آهي. اهي هڪ شعر جون ڪي ٻه سٽون نه پر هڪ ئي سٽ آهي، جنهن جي ترتيب هن طرح آهي:

ڌرتيءَ ۽ آڪاش پڪاريو، ڪير ڇئي ٿو هير مئي!

اها هڪ ئي سٽ آهي جنهن جا فارسيءَ جي وزن بحر مطابق رڪن ”فعلن فعلن فعلن فعلن فعلن فعلن فع“ آهن. اياز جِي مٿي ڄاڻايل سٽ وزن ۾ پُوري آهي. ڪٿي به ڪي ماترائون زبردستي ناهن وڌايون ويون، نه ئي گهٽايون ويون آهن. سحر امداد، اياز جي

وائيءَ جا ٻه بند ڏئي ان جي هڪ بند ۾ استعمال ٿيل لفظ ”سنڌو“ بابت لکيو آهي ته اياز ان ۾ ”ن“ حذف ڪيو آهي. ۽ لکيو آهي ته اياز وايون عروضي رعايتن جي ڪري ۽ شايد شعوري طور عروض ۾ لکيون آهن. اياز جي وائيءَ جا ٻه شعر هي آهن:

نيٺ ته سُڪندي چشم پرنم،
ياد اوهان جي! ياد اوهان جي!
يا
سير سنڌوءَ جي پرخم پرخم،
ياد اوهان جي! ياد اوهان جي!

شايد نه، پر اياز جي هيءَ وائي پڪ سان عروض تي لکيل آهي، چار پيرا ”فعلن“ تي پُوري آهي، جنهن جو بحر متدارڪ مثمن مخبون آهي. پهرين بند ۾ استعمال ٿيل لفظ ”چشم“ ۾ زير اضافت جو استعمال ٿيل آهي. جيڪو عروضي اصولن مطابق وزن ۾ ٺيڪ آهي. باقي ”سنڌوءَ“ جو ”ن“ حذف ٿيڻ جوڳو آهي. شاعر اتي ڪا زبردستي ناهي ڪئي، جنهن سان شعر جي روانيءَ ۾ ڪو خلل پوي.

ڊاڪٽر سحر امداد اياز جي شاعريءَ تي لکندي هڪ ٻي غلطي به ڪري وئي آهي، جنهن ۾ هُن اياز جي ڪتاب پونر پري آڪاس ۾ شامل وائيءَ جي فن تي لکيو آهي:

”پونر پري آڪاس ۾ آيل واين مان ڇهه وايون اهڙيون آهن، جيڪي لاشعوري طور تي ماترڪ ڇند تي آڌارڪ آهن. مثلاً: وري اها ئي تان اچي ٿي، وري اها ئي تان! 16+11=27 ماترائون، ڇاڪاڻ ته وري اها ئي فعلن فعلن جي تنظيم تي صحيح نه آهي.“ (5)

هڪ ته اها وائي سحر امداد ساڳي ڪتاب جي ص201 تي فارسي عروض تي لکيل ۽ فارسي بحر ۾ پُوري ڄاڻائي آهي ۽ هتي وري ص202 تي ان وائيءَ کي وزن کان اڻپورو ۽ ڇند تي پورو ڄاڻايو آهي. سحر امداد جي اهڙي راءِ پڙهندڙ جي لاءِ مونجهارا پيدا ڪري ٿي، جو هوءَ هڪ ئي وائيءَ بابت ساڳيي مضمون ۾ هڪ پيج تي هڪ راءِ لکي ٿي ته عروض تي پوري آهي. ٻي پيج ۾ ٻي راءِ جوڙي ٿي ته هيءَ وائي عروض کان اڻپوري ۽ ڇند تي پوري آهي.

ڪتاب ”سو ديس مسافر منهنجو ڙي“ ۾ ڊاڪٽر قاسم ٻگهيي جو مضمون به شامل آهي، جنهن ۾ هن اياز جي شاعري، طبيعت، ذاتي ۽ ادبي زندگي ۽ اياز سان جڙيل پنهنجي رشتي بابت لکيو آهي. ان سان گڏو گڏ اياز جي مجتا ۽ سندس همعصر ٿهيءَ بابت به لکيو آهي. جنهن ۾ به متضاد ڳالهيون ڪري ويو آهي. هڪ هنڌ چوي ٿو ته اياز کي پنهنجي ٿهيءَ جا شاعر ۽ اديب برداشت نه ڪندا هئا ۽ اياز جو پنهنجي ٿهيءَ تان ويساهه کڄي ويو هو. ساڳيي مضمون ۾ اڳيئن صفحي تي وري لکي ٿو ته جيتري مجتا اياز کي جيئري ملي ايتري ڪنهن کي به نه ملي. اياز جي دور ۾ سنڌ ۾ ٿيندڙ هر سياسي، ادبي ۽ قومي پروگرام اياز جي شاعريءَ کان سواءِ اڌورا هوندا هئا. ان مان ظاهر آهي ته اياز سان

پنهنجي ٽهيءَ جا شاعر، اديب ۽ عام پڙهندڙ ماڻهو پيار ڪندا هئا. جيڪي نه رڳو اياز جا ڪتاب خريد ڪندا هئا پر پڙهندا به هئا ۽ ڪيس هر پروگرام ۾ گهرائي روبرو سندس شاعريءَ مان لُطف پڻ وٺندا هئا. اياز جي دور ۾ جيڪي ادبي پروگرام ٿيندا هئا، انهن ۾ اياز کي مهمانِ خاص يا مشاعري جي صدارت لاءِ گهرائيندڙ به ته اياز جا همعصر ۽ اياز جي ٽهيءَ جا ئي شاعر ۽ اديب هوندا! ان جي ڪري اهڙي راءِ پڙهندڙ لاءِ اياز جي دور جي ٻين سينئر شاعرن بابت غلط تاثر پيدا ٿيڻ جو سبب بنجي سگهي ٿي.

ڊاڪٽر انور فگار پنهنجي ڪتاب "شيخ اياز هڪ منفرد قلمڪار" جي ص25 تي اياز جو پهريون ڇپيل شعر "نه غم دنيا جو آ ان کي، نه دنيا کان ڪنارو آ" [6] ڄاڻايو آهي. وري اڳتي ساڳئي ئي ڪتاب جي ص44 تي سندس ڇپيل پهريون شعر "سفيدي سبز پوشي اڄ ڪڪر ڪيئن نا ڪري آيا" ڄاڻايو آهي. جنهن ڪري اهو مونجهارو ٿو ٿئي ته اياز جو ڇپيل پهريون شعر آخر ڪهڙو آهي.؟ اياز جي مُحققن ۽ نقادن کي اهو طئي ڪرڻ گهرجي ته اياز جو پهريون ڇپيل شعر "نه غم دنيا جو آ ان کي" آهي يا "سفيدي سبز پوشي اڄ" آهي.! ڊاڪٽر انور فگار ساڳئي ئي ڪتاب جي ص73 تي اياز جي شعر "جي تو اچا نه ڄاتو، آ ڪير ديس واسي"، کي "جي تو اچا نه ڄاتو، ڪيو ديس واسي" ڪري لکيو آهي. جنهن ۾ "آ" کي غائب ڪري ڇڏيو اٿس ۽ "ڪير" کي "ڪيو" ڪري لکيو اٿس.

ڊاڪٽر ملڪ نديم پنهنجي ڪتاب "اياز ڏوهي آهي" ۾ شيخ اياز جا ڪيترائي شعر غلط ڏنا آهن. جن جي نشاندهي ۽ درست لکٽي هر هڪ شعر سان گڏ ڏجي ٿي.

"منهنجو مُلهه نه ٻڇ او آمر!
منهنجا گيت ڳٽي سگهندين؟ [7]

ڊاڪٽر ملڪ نديم شيخ اياز جو شعر غلط ڏنو آهي:

ڳاڙهو هيڊو آسمان ڪانولنون ٽا
واءُ اُتر جو ڦيراٽيون ڏي جنهن ۾ جڳ جهان
اندلٺ جن تي ڪُتي ٿي، سي ٻير ڦلڙين ته ڏس
آهه ڳاٽي چانوَ ٻڙ جي ليٺ هينان ڏينهن ٺار
نماڻو اندلٺ، ٻانهن ڪنهنجيءَ وانگيان.
پيرون پٽن ٽيون نينگريون، پنڊا پرينديون ٽيون وڇڻ
ٿاتير سچ جا ترواراِ، ترِ مر ڪري تي سجن." [8]

پهرين شعر جي پهرين سٽ بدليل آهي، اصل سٽ هن طرح آهي: "منهنجو اگهه پڇين ٿو آمر!" ۽ ٻي سٽ ۾ استعمال ٿيل لفظ "ڳٽي" نه پر "ڳنهي" آهي. ٻيو شعر، هڪ شعر جي صورت ۾ سيئي سٽون گڏ ڏنل ڪو هڪ شعر نه پر مختلف وائين جون مختلف سٽون آهن، هي وايون اياز جي شعري مجموعي "سانجهي سمنڊ سپون" ۾ شامل آهن، جن کي اهڙي حالت ۾ رکيو ويو آهي. جيئن پهرين سٽ ۾ "ڪانوَ لنون ٽا" وراڻي آهي پر ان

ڪي ستُ سان ئي گڏي لکيو ويو آهي، ته صورتخطيءَ ۾ به غلط لکيل آهي. ٽين سٽ ۾ ڦُلڙيون ڪي ڦلڙين ڪري لکيو ويو آهي. چوٿين سٽ ۾ گهاتي ڪي گاتي، پنجين سٽ ۾ آسمانو ڪي نماڻو، اندلٺ ڪي انڊلٺ، ڇهين سٽ ۾ وڄن ڪي وڄڻ، ستين سٽ ۾ تروڙا ڪي تروارا ڪري لکيو آهي.

ملڪ نديم اياز جي ڏيڍسٽن ڪي به پنهنجي مضمون ۾ شامل ڪيو آهي، پر ان ۾ غلطي اها ڪري ويو آهي جو هن ڏيڍسٽي ڪي پنهنجي اصلي فارم ۾ رکڻ بجاءِ ٻه سٽي جي صورت ۾ لکيو آهي. ڏيڍسٽي جي پهرين سٽ اڌ ۽ ٻي سٽ مڪمل ٿيندي آهي. پر ملڪ نديم ان جون ٻئي سِٽون برابر ڪري رکيون آهن. مثال:

"ڪالهه ٻڪ اسان ٻيئي
ٽا انب لڏن وڻ ۾، تو ياد اچين
پيئي.
***
سنجوڳ وڻيو توکي؟
مون لاءِ هيو پياري جڻ ماءُ ڇڻيو
توکي.(9)

هي ٻئي شعر شيخ اياز جا ڏيڍسٽا آهن، جيڪي سندس ڪتاب "نند وليون" ۾ شامل آهن. پر ملڪ نديم هنن شعرن ڪي "ٻه سٽن" جي صورت ۾ پيش ڪيو آهي. وري پهرين ڏيڍسٽي ۾ "تون" ڪي تو، ۽ ٻئي ڏيڍسٽي ۾ "ڄڻ" ڪي جڻ. ڪري لکيو اٿس. اياز جي انهن ڏيڍسٽن جي درست لکٽي هن طرح ٿيندي:

ڪالهه ٻڪ اسان ٻيئي،
ٽا انب لڏن وڻ ۾، تون ياد اچين
پيئي.
***
سنجوڳ وڻيو توکي؟
مون لاءِ هيو پياري ڄڻ ماءُ
ڇڻيو توکي.

ملڪ نديم پنهنجي ساڳيي ڪتاب جي ص140 تي اياز جي ڇئن بيتن ڪي "هڪُ بيتُ" ڪري پيش ڪيو آهي، جنهن جو مثال هيٺ ڏجي ٿو:

اُپ تي بادل ٽا گجن، جهولي باهه ڏکي.
ڳيي لاءِ رکي، ٻار ڏسن ٽا مينهڙا،
ٽر، تون پورو ديس، توکي جي پاڻي پڄي،
آنءُ به تُنهنجو ويس، اوڊي ٿيان اوڏڙو

چندبَ پرين جي ڏينل ۾ ماڙا ئي ماڙا
هيئيان اگهاڙ، جن جون جهريل جهوپڙيون.
ٻيهر وهندو هاڪڙو، ويندي سمئه سوڙهه
ڀهه، مڇي ۽ لوڙهه سپ لئه ٿيندا سوڪڙي. [10]

هي چارئي بيت ملڪ نديم بغير ڪنهن وٿيءَ جي ۽ نشانيءَ جي نظم جيان گڏي ڏئي ڇڏيا آهن. جن ڪي عام پڙهندڙ الڳ الڳ چار بيت نه پر هڪ نظم يا شعر ئي سمجهي سگهي ٿو. ٻيو ته انهن بيتن ۾ لفظن جي صورتخطيءَ جون به ڪي غلطيون ڪيون ويون آهن.

هر شاعر پنهنجي شاعري ۾ ان ۾ سمايل فڪر سان سڃاتو ويندو آهي. ان جي مڃتا ۽ مقبوليت جو سبب ان جي شاعريءَ جي وسعت هوندي آهي. ائين ئي اياز جي ادبي قد بابت به ڪيترن ئي محققن ۽ نقادن راءِ جوڙي آهي. ان بابت ملڪ نديم پنهنجي راءِ ڏيندي لکيو:

”سندس (شيخ اياز جو) قد ذري گهٽ ڀٽائي ۽ سچل کان وڏو ناهي، پر جديد شاعر طور هن پنهنجي دور ڪي ايترو متاثر ڪيو آهي.“ [11]

ملڪ نديم جي اهڙي راءِ هڪ پڙهندڙ وٽ ڪهڙو تاثر ڇڏيندي؟ ملڪ نديم ان ۾ لکيو آهي ته ”ذري گهٽ ڀٽائي ۽ سچل کان وڏو ناهي“ وڏو هجي ها پر بس ٿورڙي تان بچي ويو. مطلب ته ذري گهٽ وڏو ناهي پر ڀٽائي ۽ سچل جيترو ته آهي ئي آهي ۽ جيترو عوام ڪي لطيف جي شاعري متاثر ڪيو آهي ۽ پڙهندڙ وٽ مڃتا ماڻي آهي، اوتري ئي اياز جي شاعري به مڃتا ماڻي آهي. اها هڪ حقيقت آهي ته جديد شاعرن ۾ اياز جي شاعريءَ جا ڪيترن ئي شاعرن جي شاعريءَ تي سڌي ۽ اڻ سڌيءَ طرح اثر آهن ۽ پڙهندڙ وٽ به ٻين جديد شاعرن کان وڌيڪ مقبوليت ماڻي آهي. پر اهو محقق ۽ نقادن ڪي واضح ۽ مثال ڏئي ثابت ڪرڻو هيو ته اگر ائين آهي ته ڪيئن آهي ۽ اگر ناهي ته ڪهڙا ڪارڻ آهن! خالي دعويٰ ڪرڻ ۽ مثالن سان ثابت ڪرڻ ۾ اهو فرق آهي جو هڪ محقق ۽ نقاد ڪي جيڪا ڳالهه ڪرڻي هوندي آهي ته مثال ۽ دليل ڏيندو آهي. ائين بغير مثالن جي تجزيو ڪرڻ هڪ محقق ۽ نقاد جو ڪم ناهي.

اياز جي شاعريءَ ۾ ڪيترائي اهڙا شعر آهن جن ۾ اياز ڪاوڙ جو اظهار ڪيو آهي، ۽ پنهنجي شعرن وسيلي ماڻهن سان جانورن جي نالن سان مخاطب ٿيو آهي. ملڪ نديم لکي ٿو:

”شيخ اياز ڪي پنهنجي دور ۾ ڪيترو ايذايو ويو ۽ پوءِ اياز به اهڙن ماڻهن ڪي ڪٿي ڪُتو سڏيو، ڪٿي سوئر سڏيو، ڪٿي گڏهه سڏيو آهي. جڏهن ماڻهو ڦري ڪتا، سوئر، گڏهه ٿيا ته هن مذهب جي روشن پهلوءَ ڏي موٽ ڪاڏي ۽ انهن ڪي ماڻهو بنجڻ جون دعائون ڪيون.“ [12] ملڪ نديم اهڙا شعر به مثالن سان ڏنا آهن، ۽ راءِ به جوڙي آهي پر ان

۾ لفظ ”ماڻهو“ جو استعمال ڪيو آهي. ته اهي ماڻهو آخر ڪهڙا هئا؟ قوم پرست هيا، مذهبي هيا، سوشلسٽ هيا، همعصر شاعر ۽ اديب هيا، عام پڙهندڙ هيا يا مختلف وقتن تي مختلف ماڻهن لاءِ لکيو ائس؟ اهو به واضع ٿيڻ گهرجي. ۽ آخر اياز ڪي ماڻهن مان ايترا ايذاءَ ڪهڙا مليا هيا جو هُن انسانيت جي علمبردار ڪي انسانن جي لاءِ اهڙا لفظ استعمال ڪرڻا پيا!

ڊاڪٽر ادل سومري جي ترتيب ڏنل ڪتاب ”ڳالهيون شيخ اياز جون“ ۾ شامل محمد اسماعيل عرساڻيءَ جي مضمون ”وڄون وسڻ آيون جو تنقيدي جائزو“ ۾ اياز جو شعر هن طرح درج ٿيل آهي:

پري جام پنهنجا پياڪو اچو،
ڏکيو ناهه هوش جو ڏاڪو اچو.
جڏهن ته اياز جي هن شعر جي درست بيهڪ هن طرح آهي:
پري جام پنهنجا پياڪو اچو،
ڏکيو هوش جو ناهه ڏاڪو اچو. (وڄون وسڻ آيون)

هن شعر جي هيٺين سٽ ۾ اسماعيل عرساڻي ”هوش جو“ ڪي پويان ۽ ”ناهه“ ڪي اڳيان ڪري رکيو آهي. جنهن جي ڪري شعر فني حوالي سان پنهنجي سونهن ۽ سوڀيا وڃائي ويٺو آهي، ۽ ائين ڪرڻ سان شعر جي پهرين سٽ جو وزن هڪڙو ته شعر جي ٻي سٽ جو وزن ٻيو ٿي ٿو وڃي.

ستار پيرزادو اياز ۽ لطيف جي شاعريءَ جي ڀيٽ ڪندي اياز جي شاعريءَ بابت لکي ٿو:

”جيڪڏهن شاهه لطيف بحر هو ته شيخ اياز سنڌو ندي ضرور آهي، جيڪا صدين کان سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندي آئي آهي، ۽ اڄ به ايرو سيرو ڇوڙ ضرور ڪري ٿي.“ (13) شيخ اياز 1997ع ۾ 74 سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي جنهن کي هن وقت تائين 28 سال ٿيا آهن ۽ جڏهن راءِ ڏيندڙ راءِ ڏني تڏهن اڃا اياز کي گذاري ٽيرنهن سال ٿيا هيا. ايتري ٿورڙي عرصي ۾ ئي اياز جي شاعريءَ جي وسعت کي ”ايرو سيرو ڇوڙ “ ڪرڻ جي ڳالهه پڙهندڙ جي لاءِ ڪهڙو تاثر ڇڏيندي؟ ۽ ان شاعريءَ جو اڳتي ڪجهه سالن کان پوءِ ڇوڙ ڪهڙو هوندو؟ ٻيو ته اياز جي شاعريءَ کي صديون ته ڇا پر اڌ صدي به پوري ناهي گذري جو لکيو ائس ته ”صدين کان سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندي آئي آهي“؟

ڪتاب ”ڪارونجهر ٽي باهڙي“ (14) جي عنوان ”شيخ اياز جي شاعريءَ جي ڪتابن تي محمد ابراهيم جويي پاران لکيل مهاڳن جو مطالعو“ ۾ شيخ اياز جا ڇهه ڪتاب 1. جل جل مشعل جل 2.هي گيت اڇايل مورن جا 3. ڪي جو ٻيجل ٻوليو 4. وڄون وسڻ آئيون 5. راج گهاٽ تي چنڊ 6. ٻڙ جي ڇانوَ اڳي کان گهاٽي ڄاڻايل آهن. ساڳي ئي ڪتاب ۾ اڳتي

ص60 تي ”شيخ اياز جو راڳي، صادق فقير“ جي عنوان ۾ نور احمد جنجهي، شيخ اياز جا تيرنهن ڪلام ڄاڻايا آهن جيڪي صادق فقير ڳايا آهن، جيڪي ڪجهه هن ريت آهن:

ديس ڇڏي پرديس رُلي ٿي دلڙي ٿي ديواني.

سکي پيا کي ملين ته چئجان، چانڊني تو سوا نه ٿيندي

ٿي املتاس تان ڪُوڪ ڪويل ڪري، هو پري آ پري آ....

سانوڻ ڪيئن اڪيلو آئين، ساجن ڪي به ته آڻ.

چڱو پيٽائي آئون هلان ٿو

جر جي ڄر ڪنهن ڄاتي ڪانَ

مٺهيار آيو مٺهيار ڙي

وڃو ڪنويليو وڃو

صدائون ته هونديون

اوهان جي اکين جامِ مئي مان نهاريو

ٿو موڪلايان الوداع

مون پيار ڪيو پيار ڪيو

ڌرتي توکي منهنجي چُمي اڌ ۾ رهجي وئي.

۽ ان کان پوءِ ”سکي پيا کي ملين ته چئجان“ ڳايل ڪلام جي هرهڪ بند جي تشريح ڪري ٿو، جنهن جو بيان ڪيل مٿئين عنوان سان ڪوبه تعلق ناهي. صادق فقير اياز جا اهي ڪلام ڪهڙي سن ۾ ڳايا؟ ۽ اهي ڪلام اياز جي ڪهڙن ڪهڙن شعري مجموعن ۾ شامل آهن؟ ان بابت ليکڪ ڪا به ڄاڻ ناهي ڏني. مطلب هن عنوان ۾ جنهن مواد ڏيڻ جي ضرورت هئي، اهو ناهي ڏنو ويو، ۽ جيڪو ضروري نه هيو ان کي شامل ڪيو ويو آهي.

ان کان سواءِ هن ڪتاب ۾ هڪ مضمون انگريزيءَ ۾ The concept of poverty in the poetry of sheikh ayaz جي عنوان سان لکيل آهي. هڪ ”لولي“ کي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي. ان کان پوءِ ٽر بابت لکيل اياز جي ڪتاب ”اکن نيرا ڦليا“ جي ڏکين لفظن جي معنيٰ ڏني وئي آهي.

نظم ۽ نثري نظم سنڌي شاعريءَ جون به الڳ صنفون آهن. شيخ اياز نظم ۽ آزاد نظم سان گڏ نثري نظم به لکيا آهن. جنهن ۾ ڊاڪٽر عابده گهانگهرو ڪان اها چُڪ ٿي آهي جو هُن ”نثري نظم“

تو چيو:

مان تنهنجو پاءُ آهيان، مون کي اڌ ماني ڏي!......

کي ”نظم“ سڏيو آهي. ڊاڪٽر عابده گهانگهرو، پنهنجي ڪتاب ”شيخ اياز صدين جو سرجڻهار“ جي ص235 تي ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ جو شعر ”جلاوطن جلاوطن مان ڪيئن

رهان جلاوطن” اياز جو ڄاڻايو آهي. ساڳيي ئي ص235 تي اياز جي غزل “اي قوم ٻڌايا تي قصا، ڪلهه توکي مون تقديرن جا” کي نظم ڄاڻايو آهي، جيڪو اياز جي شعري مجموعي “وڄون وسڻ آئيون” ۾ غزل طور شامل آهي. ص237 تي “ساڳ پنهنجو ٻَلي، سنڌ پو پي پلي” کي گيت جي حوالي طور لکيو اٿئين، جيڪو پڻ غزل آهي.

ڊاڪٽر فياض لطيف پنهنجي ڪتاب “شيخ اياز جا دوها” جي عنوان “دوهي جي هيئت ۽ وصف” ۾ ص10 تي ڏنل دوهي:

ساجن تنهنجي پنڌ جو کهڙو پار پتو،
هيٺان ساري ريت آ، مٿان ڏينهن تتو.

جي ماترائن جي ترتيب پهرين مصرع، 11،13 ۽ ٻي مصرع جون به ساڳيون 11،13 ڄاڻايون آهن جيڪي دوهي جي ٻنهي سٽن جون ماترائون 48 بيهن ٿيون. جڏهن ته هن دوهي جون درست ماترائون پهرين مصرع 10،13 ۽ ٻي مصرع 10،13 ماترائون ٿينديون. دوهي جي ٻنهي سٽن جون مڪمل ماترائون 46 بيهنديون.

ڊاڪٽر فياض لطيف، اياز جي هڪ ٻي دوهي جون ماترائون به غلط ڄاڻايون آهن. ڄاڻايل دوهي جي پهرين سِٽ جون ماترائون (14+16=30) بيهن ٿيون ۽ ٻي سِٽ جون به ساڳيون ماترائون (14+16=30) ئي آهن. يعني دوهي جي ٻنهي سِٽن جون ڪُل ماترائون 60 ٿينديون 62 نه ٿينديون. “دوهي جي پهرين مصرع جي ٻنهي پدن جو وزن (14+16=30) ۽ ٻي سٽ جي ٻنهي چرنن جو وزن (14+18=32) آهي، انهيءَ حساب سان ٽوٽل ماترائون 62 ٿين ٿيون.

عشق اڇي ٿو پهريون پيرو، من ۾ سَوَ طوفان کڻي،
ڄڻ ته ازل کان واقف آهي، اهڙا ڪي امڪان کڻي.” (15)

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي، ڊاڪٽر فياض لطيف، عزيز قاسماڻي ۽ ڪجهه ٻين محققن اياز جي مختلف صنفن ۾ لکيل شاعريءَ جو تعداد به پنهنجي مضمونن ۾ ڄاڻايو آهي. ڊاڪٽر فياض لطيف، شيخ اياز جي بيتن جو تعداد پنهنجي ڪتاب “شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات” جي ص204 تي 7192 به ڄاڻايو آهي ته 6551 به ڄاڻايو آهي. جڏهن ته عزيز قاسماڻي “شيخ اياز ۽ منظر نگاريءَ جو فن” جي ص34 تي 6454 ڄاڻايو آهي. اياز جي بيتن جو درست تعداد انهن مان ئي ڪو آهي يا اڃا ئي ڪو ٻيو آهي؟ اهو اياز تي تحقيق ڪندڙن تي ڇڏيل آهي. عزيز قاسماڻي “شيخ اياز ۽ منظر نگاريءَ جو فن” جي ص34 تي اياز جي ڏيڍسٽن جو تعداد 705 ڄاڻايو آهي. جڏهن ته تاج جويي طرفان ترتيب ڏنل ۽ ثقافت کاتي طرفان ڇپايل جلد ۾ شامل اياز جي ڪتاب “ننڊ وليون” ۾ اياز جا 727 ڏيڍسٽا شامل آهن.

نور احمد جنجهي پنهنجي ڪتاب “جاڳ جا پاڳ آهيون پرين” جي ص14_15 تي پنهنجي پاران لفظن ۾ شيخ اياز جا ٻه شعر غلط ڏنا آهن، جن ۾ هڪ غزل آهي جيڪو

شيخ اياز جي شعري مجموعي ”وڄون وسڻ آئيون“ ۾ شامل آهي ۽ ٻيو بيت آهي. نور احمد جنجهي جي ڪتاب ۾ اياز جو غزل ڪجهه هن طرح لکيل آهي:

هيءَ سين نه ڏيندي چين، اتي ڏس ڪو آيو آ پيارا،
شايد ساڳيو رمتو آهي، جو اڳ جيئن اجايو آ پيارا.

جنهن وقت اسان جي تند ٽٽي، ساز ٽٽي آواز جهڪي،
تنهن وقت پلي ڪو ڪنڌ ڪپي، جو آيو ڳايو آ پيارا.

جيڪو غلط آهي. اياز جي ان غزل جي شعرن جي اصل صورت هن ريت آهي:

هيءَ سين نه ڏيندي چين، اتي ڏس ڪوئي آيو آ پيارا،
هي شايد ساڳيو رمتو آ، اڳ جيئن اجايو آ پيارا.

جنهن وقت اسان جي تند ٽٽي، ۽ ساز ٽٽي آواز جهڪي،
تنهن وقت پلي ڪو ڪنڌ ڪپي، جو آيو ڳايو آ پيارا.

نور احمد جنجهي اياز جي شاعريءَ ۾ استعمال ٿيل لفظ ”ٻڪ“ بابت لکيو آهي ته اهو اياز کان اڳ شاهه لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ استعمال ڪيو ۽ ان تسلسل کي جاري رکندي اياز به پنهنجي شاعريءَ ۾ استعمال ڪيو آهي.

”لفظ ٻڪ لطيف سائين کان ئي اڳتي آيو آهي، سڏائتي سيڪا ٻڪ نه باسي ڪا. شيخ اياز هڪ وائيءَ ۾ هن ريت اظهاري ٿو:

ڪاريهر جو ٻڪُ
ڏُکي ننڊ ڏُهاڳ جي
رات گهري راڪاس جان
ننڊ ندوريءَ ٻَڪُ
ڏُکي ننڊ ڏهاڳ جي.“ (16)

پر ڏنو وڃي شاهه لطيف جو مثال طور جيڪو شعر ڏنل آهي ان ۾ ته لفظ ”ٻڪ“ آهي پر اياز جي ڏنل شعر ۾ لفظ ”ٻڪ“ نه پر ”ٻَڪُ“ آهي. نور احمد جنجهي، پنهنجي ڪتاب ”جاڳ جا پاڳ آهيون پرين“ جي ص88 تي شيخ اياز جي وائي ”گرج گرج اي گونگي ڌرتي“ کي نظم ڪري پيش ڪيو اٿس.

هڪ مُحقق ۽ نقاد کي جڏهن ڪنهن تاريخي موضوع يا شخصيت تي ڪم ڪرڻ گهرجي ته هُو شخصي اثرن ۽ ذاتيات کان مٿيرو ٿي ان جي ادبي خدمتن، ادبي ڪم ۽ ان

جي لکڻين جي فني فڪري گڻن ۽ اوگڻن جي نشاندهي ڪرڻ گهرجي ۽ انهن تي مثالن سان لکڻ گهرجي. عزيز قاسماڻي اياز جي فني مهارت بابت لکي ٿو:

”شيخ اياز جي فني مهارت جو ذڪر ڪرڻ عين ثواب آهي.“ [17]

هڪ مُحقق ڪنهن شاعر يا اديب بابت اهڙي سطحي راءِ جوڙي ته ڪجهه عجيب ئي لڳي ٿو. پوءِ اهڙي راءِ جوڙيندڙ کي اهو به طئي ڪرڻو پوندو ته جيڪڏهن اياز جي شاعريءَ جي فن کي ساراهڻ ثواب آهي ته ان ثواب جي بدلي ۾ ساراهيندڙ کي ڇا ملندو؟ ان ثواب جو فائدو دنياوي ٿيندو يا آخرت ۾؟

عزيز قاسماڻي پنهنجي ڪتاب ”شيخ اياز جي غزل جو فن“ ۾ ص136 تي ”شيخ اياز جا بي مطلع ۽ بي مقطع غزل“ جي عنوان ۾ غزل ڏنو آهي، جڏهن ته ان غزل ۾ مطلع شامل آهي. اياز جو اهو غزل هي آهي:

جهوپڙيءَ ٻاهران رات جهانجهر وڳي،

پير ڪنهن جا هيا؟ ڪير مون کان پڇي!

”مطلع“ غزل جي پهرين شعر کي چئبو آهي، جنهن جون ٻئي سٽون پاڻ ۾ ساڳيو قافيو رکنديون آهن. عزيز قاسماڻي اياز جي جنهن غزل کي ”بي مطلع“ غزل جي مثال ۾ ڏنو آهي، ان جون پهريون ٻئي سٽون پاڻ ۾ هم قافيا آهن، جنهن جي ڪري ان کي ”بي مطلع“ غزل نٿو چئي سگهجي. اهو اياز جو ”با مطلع“ غزل آهي. جنهن جي ٻنهي سٽن ۾ لفظ ”وڳي ۽ پڇي“ قافيي طور استعمال ٿيل آهن. باقي هن غزل ۾ مقطع ناهي جنهن جي ڪري هن کي بي مقطع غزل چئي سگهجي ٿو.

استاد لغاري به ايازيات تي ڪم ڪيو آهي، جنهن ۾ اياز جي شاعريءَ تي سندس ”شيخ اياز چشمِ فطرت جو شاعر“ جي نالي سان راڻي پبليڪيشن حيدر آباد طرفان ڪتاب ڇپيل آهي. استاد لغاري پنهنجي ان ڪتاب ”شيخ اياز چشمِ فطرت جو شاعر“ ۾ ص92 تي ”جواني نه رهندي“ گيت کي ”نظم“ طور ڏنو آهي. ص100 تي ”تنهنجي ڳولا تنهنجون ڳالهيون صبح شام“، ص101 تي ”تڙ تڙ تي طوفان الو ميان!“ ص107 تي ”سنڌ ديس جي ڌرتي توتي پنهنجو سيس نمايان“، ص128 تي ”هاءِ جواني جهوٽو ڙي“، ص130 تي ”پنهنجي رت ۾ ريٽو جهندو اُپ تائين جُهوليندو“، ص132 تي ”ٽڙي پوندا ٽارين جڏهن ڳاڙها گُل“، ص137 تي ”باک ڦُٽيءَ جو بانورا!“ گيتن کي وائيءَ طور پيش ڪيو آهي.

شيخ اياز شروعات ۾ جڏهن هڪ جديد ترقي پسند شاعر طورمشهوريءَ جي بلندين کي ڇهڻ لڳو ۽ سندس شاعريءَ کي سنڌ جو ننڍو وڏو چاهه سان پڙهڻ لڳو ته رجعت پسند ٽولي جي شاعرن ۽ اديبن وقت جي حڪمرانن کان اياز جي ڪتابن تي پابندي لڳائڻ جي گهُر ڪئي، جنهن جي ڪري اياز جي نثر ۽ نظم جي ڪجهه ڪتابن تي پابندي لڳائي وئي. اياز جي پابندي لڳل ڪتابن بابت استاد لغاري لکيو ۽ انهن ڪتابن جا نالا ڄاڻايا.

”هن (شيخ اياز) جا جيڪي ڪتاب تمام گهڻو مشهور ٿيا انهن ۾ ڀنور ڀري آڪاش، ڪُلهي پاتم ڪينرو، جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي، ڪِي جو ٻيجل ٻوليو، ڪپر ٿو ڪُن ڪري، وڄون وسڻ آيون شامل آهن ۽ انهن سڀني تي بندش وڌي وئي.“ (18)

استاد لغاريءَ اياز جا اهڙا ڇهه ڪتاب ڄاڻايا آهن، جن تي رياست جي طرفان پابندي لڳائي وئي. ڇا اياز جا اهي سڀئي ڪتاب گهڻو مشهور ٿيا؟ انهن ڪان سواءِ ٻيا ڪي ايترا مشهور نه ٿيا؟ محقق ۽ نقادن تي ئي آهي ته اهي استاد لغاريءَ جي ان راءِ کي ڪيئن ٿا ڏسن!

عزيز قاسماڻي پنهنجي ڪتاب شيخ اياز ۽ منظر نگاريءَ جو فن ۾ ص153 تي اياز جي لکيل ناٽڪ ”رني ڪوٽ جا ڌاڙيل“ کي تاريخي ناٽڪ ڄاڻايو آهي. جيڪو تاريخي نه پر علامتي ناٽڪ آهي. شيخ اياز پنهنجي هن ناٽڪ ۾ سماجي وارتائن ۽ سماج ۾ پيش ايندڙ مسئلن کي بيان ڪيو آهي. ٻين جا حق ڦٻائيندڙ ۽ ٻين جون خوشيون کسيندڙ، هيڻن ۽ ڪمزورن تي ظُلم ڪندڙ وڏيرن ۽ ظالمن کي آڏو، ڏاڍو ۽ ڪاڌو جي تمثيلي ڪردارن سان پيش ڪيوآهي. ولهار ۽ وينگس کي وري انهن بهادر ۽ سرويچن سان تمثيلي طور پيش ڪيو آهي، جيڪي پنهنجي حق، وطن ۽ ننگن جي لاءِ وُڙهن ٿا، جان قُربان ڪن ٿا.

اياز کي ڪنهن هڪ صنف جو شاعر نٿو سڏي سگهجي. هن ڪيترين ئي صنفن ۾ لکيو آهي ۽ جنهن به صنف ۾ لکيو ته ان ۾ پنهنجي ذات ۽ فن جا واهڙ وهائي ڇڏيا آهن. نوان تجربا ڪيا آهن. نيون صنفون جوڙيون آهن. ائين ئي سنڌي شاعريءَ جي صنف ڏيڍسٽو به اياز جي ايجاد آهي. جيڪا ڏيڍ سٽ جي ٿئي ٿي.

”تاريخي پسمنظر ۾ جهاتي پائي ڏسبو ته شيخ اياز جي هيءَ صنف آڳاٽي لوڪ ادب جي پهاڪي سان، ٺوري ڦير ڦار سان ملندڙ جلندڙ آهي. مثال طور: ڪُتي به ڪاڌو، ڪُکِ به نه ڀري، يا ڄڄ پرائي احمق نچي، يا جنهن جي گُنديءَ ۾ داڻا تن جا چريا به سياڻا. جيئن ته هي پهاڪا ٻه ٽُڪا آهن، پر شيخ اياز هر هڪ ڏيڍسٽي ۾ ٽي پد ڏنا آهن.“ (19)

عزيز قاسماڻي مٿي جيڪي ڏيڍسٽي سان مشابهت رکندڙ پهاڪا ڄاڻايا آهن انهن جو فني يا گهاڙيٽي جي حوالي سان مان سمجهان ٿو ته ڏيڍسٽي جي صنف سان ڀري ڀري جو به ڪو تعلق يا هڪجهڙائي نظر نٿي اچي. مٿي ڄاڻايل پهرين ۽ ٻي مثال ۾ قافيي جو استعمال ٿيل ئي ناهي ٻيو ته اهي ٻئي مثال هڪ سٽا آهن جيڪي ٻن پدن تي مشتمل آهن. ٽيون ڄاڻايل مثال جيڪو پڻ هڪ سٽو آهي، فرق اهو آهي ته ان هڪ پهاڪي ۾ به ٻين پهاڪن جيان ٻه پد آهن پر ان جا ٻئي پد پاڻ ۾ هم قافيا آهن، جيڪي غزل جي مطلع يا ٻه سٽي سان مماثلت ته رکي سگهن ٿا پر ڏيڍسٽي سان نه. ڏيڍسٽي جو گهاڙيٽو ڪجهه ان طرح آهي جو ان ۾ ڏيڍ سٽ ٿئي، اڌ سٽ مٿان ۽ سڄي سٽ هيٺان، جنهن ۾ ٽي پد ٿين. پهريون ۽ ٽيون پد پاڻ ۾ هم قافيا ٿين ۽ ٻيو پد آزاد ٿيندو آهي.

عزيز قاسماڻي پنهنجي ڪتاب ”شيخ اياز ۽ منظر نگاريءَ جو فن“ ۾ ص34 تي اياز جا اوپيرا تي (3) ڄاڻايا آهن ۽ ان کان سواءِ اياز جي ڪتابن جي ارپنا ڏني آهي، جيڪا اڳ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو به ڏئي چُڪو آهي. شيخ اياز جي اوپيرائن جو تعداد ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي به ٽي (3) ڄاڻايو آهي. جڏهن ته شيخ اياز جي منظوم اوپيرائن جو تعداد چار آهي، جيڪي مُندن جو منڊل، دودي سومري جو موت، رني ڪوٽ جا ڌاڙيل ۽ پڳت سنگهه ڪي ڦاسي آهن. اياز جي مُحققن ۽ نقادن کان اياز جو سڀ کان پهريون لکيل ناٽڪ مُندن جو منڊل، ئي رهجي ويو آهي. اياز جي تخليقي چئن ئي ناٽڪن تي ڊاڪٽر اسحاق سميجي ”شيخ اياز جا سنگيت ناٽڪ“ [20] نالي سان ڪتاب ترتيب ڏئي ڇپايوآهي.

ڊاڪٽر فياض لطيف پنهنجي ڪتاب ”شيخ اياز جي شاعريءَ جو تحقيقي تنقيدي مطالعو“ جي مضمون ”شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ امن، محبت ۽ روشن خياليءَ جو تصور“ جي سب ٽاپڪ ”اياز جي شاعريءَ ۾ امن پسندي“ ۾ ص334 تي:

مون ٽُڙڳي رت _ ٽلائن ۾،
۽ گهرن گهرن گهاون ۾،
جو ڳاتو هو ورجائيندس

شعر ڏنو آهي، اهو عنوان کان مختلف آهي. عنوان آهي امن پسندي ۽ مثال طور پيش ڪيل شعر ۾ جنگ جو منظر آهي. ص339 تي:

ذات وڏي شيءِ ناهي،
پر سچ وڏي شيءِ آهي.
۽ جو سچ مڃائي،
سو مچ وڏي شيءِ آهي.

ڏنل شعر ۾ به سچ چوڻ، ڪوڙ کان بغاوت ڪرڻ ۽ ان جي خلاف جنگ ڪرڻ جي ڳالهه آهي. ۽ ص340 تي ڏنل شعر ”منهنجا گيت پٽائي تنهنجي، جنگ پيا جوٽن“ ۾ به امن نه پر جنگ جو بيان آهي. ڪتاب جي عنوان ”اياز جي پنهنجي ڌرتي ۽ ماڻهن سان اُنسيت“ [21] جي عنوان ۾ شعر ڏنل آهي:

اج ته چئي ڏي، اج ته چئي ڏيل اج ته علي الاعلان،
منهنجو ڪوئي ديس نه آهي، منهنجو ديس جهان،
منهنجو ڪوئي نانءُ نه آهي، مان آهيان انسان.

عنوان پنهنجي ڌرتيءَ جي ماڻهن سان محبت جي اظهار جي ڄاڻ ڏئي ٿو ۽ مثال ۾ ڏنل شعر ان جي ابتڙ آهي. هن شعر ۾ اياز پنهنجي ڌرتيءَ سان محبت جو اظهار ناهي ڪيو ڇو ته اياز جي ڌرتي سنڌ آهي، پر اياز هتي عالمِ انسانيت جي ڳالهه ڪئي آهي. جنهن ۾ ذات، خاندان ۽ قوم جي سيني ويڇن کان ۽ مُلڪي سرحدن کان مٿانهون ٿي سوچيو آهي. سڄي دنيا کي پنهنجو ديس سڏيو اٿس.

شيخ اياز جي عام طور ادبي سڃاڻ هڪ شاعر طور آهي، پر اياز جو سڀ کان پهرين نثر ۾ ڪهاڻين جو "سفيد وحشي" نالي سان ڪتاب ملي ٿو، جيڪو 1947ع ۾ ڇپيو، اهو ئي سندس ڪهاڻين جو پهريون مجموعو پڻ آهي، پر غلام سڪينه حميده قاضيءَ مطابق "سال 1972ع ۾ سهڻي پبليڪيشن حيدرآباد پاران سفيد وحشي نالي سان ڪهاڻين جو ٻيو ڪتاب ڇپيو." [22]

اياز، سنڌي شاعريءَ جو ته جديد ۽ عظيم شاعر آهي پر ان سان گڏ ڊاڪٽر عبدالوحيد ڪيس اردوءَ جو وڏو ۽ مڃيل شاعر سڏيو آهي: "سنڌيءَ جو اعليٰ پائي جو شاعر ۽ نثر نويس هئڻ سان گڏ اردوءَ جو به وڏو شاعر مڃيل آهي."[23] اياز بابت فيض احمد فيض جي راءِ آهي ته "اياز مون کان به وڏو شاعر آهي" باقي ان کان سواءِ اردو ادب جي تاريخي ۽ علمي ادبي ڪتابن ۾ اياز بابت اهڙي ڪا خاص راءِ ڪونهي جنهن ۾ اهو ڄاڻايل هجي ته اياز اردوءَ جو به وڏو ۽ مڃيل شاعر آهي.

**شيخ اياز جي شاعريءَ جا سنڌي ادب ۽ سماج تي اثر:**

جيئن ته اياز هڪ غير معمولي شاعر ٿي گذريو آهي، جنهن ڪري سندس شاعريءَ جو اثر سندس همعصر ۽ بعد ۾ ايندڙ شاعرن تي پوڻ فطري هو. شروع ۾ اياز پنهنجي شاعريءَ ۾ فارسي تشبيهن ۽ استعارن کي اپنايو ، جنهن جو مثال سندس شاعريءَ جي پهرين ڪتاب مان وٺي ٿو سگهجي، پر بعد ۾ شاعريءَ کي پيش ڪرڻ جي لاءِ اياز وٽ فني انداز به پنهنجو هو ته فڪري انداز به پنهنجو ۽ ٻي اڳ جي سموري شاعريءَ کان الڳ ۽ نرالو هو. اياز پاڻ به شاعريءَ ۾ ڪلاسيڪل ۽ پنهنجي دور جي شاعرن کان ڪجهه اثر ضرور ورتا آهن، پر انهن کي وري به پنهنجي نرالي رنگ ۽ ڍنگ سان پڙهندڙن جي آڏو پيش ڪيو آهي.

اياز پنهنجي شاعريءَ ۾ جنهن به شعري صنف کي متعارف ٿي ڪرايو ته ان وقت جي شاعرن به ان ۾ خوب طبع آزمائي پئي ڪئي. جيئن اوپيرا (منظوم ناٽڪ) سنڌي ادب ۾ اياز کان اڳ ڪو هڪ ئي لکيل ملي ٿو، پر اياز ان کي سنڌي ادب ۾ لکي وري زنده ڪري ڇڏيو ۽ ٻيا سنڌي شاعر، شاعريءَ سان گڏ منظوم ناٽڪ به لکڻ لڳا، ائين ئي منظوم ناٽڪن لکڻ جو هڪ سلسلو جُڙي پيو ۽ وري انهن منظوم ناٽڪن کي ٻين ڊرامن جيان اسٽيج تي به پيش ڪيو ويو. سنڌي شاعريءَ جي صنف ڏيڍسٽي جو مثال ئي وٺجي جيڪا سنڌي شاعريءَ ۾ شيخ اياز 1992ع ۾ "ننڊ وليون" جي نالي سان ڪتاب ڇپائي متعارف ڪرائي، جنهن تي اڄ سوڏو ڪيترائي ٻيا شاعر لکي رهيا آهن ۽ مڪمل ڪتاب لکي ڇپائي به رهيا آهن.

اياز، غزل کي موضوعاتي پابندين کان آزاد ڪري ان کي گهڻ موضوعاتي بڻائي ڇڏيو، جنهن کي ٻين شاعرن به دل سان قبول ڪيو. اياز جي شاعريءَ جا اثر اياز جي همعصرن تي به پيا ته ان کان پوءِ ايندڙ شاعرن تي به پيا. ڪيترن ئي شاعرن اياز جي تتبع تي شعر لکيو. تاج جويي لکيو آهي ته اياز جي شاعريءَ جو سندس شاعريءَ تي تمام گهڻو اثر آهي،

۽ هو اياز جي اثر مان نڪري ناهي سگهيو ۽ ان سان گڏ ٻي سموري جديد شاعريءَ تي اياز جا اثر آهن.

قومي ۽ سياسي طور به ڏسجي ته اياز جي شاعريءَ جا سنڌي سماج، سنڌي نوجوانن ۽ قوم پرستن جي سياسي ۽ ذهني تربيت ۽ اوسر تي ڳهرا اثر پيا. اياز جي قومي شاعريءَ وسيلي سندن جوش ۽ جذبي ۾ واڌ ايندي هئي. بدلي ۾ اياز جي شعرن تي رقص ڪندي جاني قربانيون ڏيندا هئا ۽ اياز جي قومي شعرن کي جهونگاريندي قيد ڪاٽيندا هئا. اياز جي شاعريءَ جي سٽن ۽ ڪهاڻين جي مختصر جملن کي سنڌ ۾ سياسي ۽ قومي نعرن طور متعارف ڪرايو ويو، جيڪي قومي تحريڪن ۽ قومي ڪارڪنن تي پنهنجا اثر ڇڏي قومي تحريڪن جا اڄ سوڌو نعرا بڻيل آهن. جنهن نتيجي ۾ سنڌ جي هر ننڍي وڏي جي دل ۾ قوم پرستيءَ جو جذبو اڀريو ۽ ٻين شاعرن ۽ ليکڪن جي لکڻ جو موضوع به قوم ۽ قوم پرستي بڻجي پيو. ان سان گڏ شعري صنفن کي اياز موضوعاتي پابندين کان آجو ڪري نوجوانن لاءِ راهه هموار ڪئي.

اياز وڏيرا شاهي ۽ پير پرستيءَ جي لاءِ پنهنجي شاعريءَ ۾ ڌڪار رکيو ۽ وقت جي ظالم حاڪمن کي للڪارڻ جي جرئت رکي، ون يونٽ جي خلاف لکيو، عقيده پرستي ۽ فرسوده مذهبي ۽ ثقافتي عقيدن ۽ رسمن کي پنهنجي شاعريءَ وسيلي ڌڪاريو ۽ رياست سان ٽڪراءُ ۾ آيو. ان کان پوءِ ٻين شاعرن وٽ به هڪ سلسلو جڙي پيو.

حوالا:


1. چانديو جامي (مرتب) ”شيخ اياز: تنقيد“، مضمون امير علي چانديو، ڇاپو پھريون فيبروري 1998ع، ص336_37
2. ساڳيو، ص328
3. ملڪ، نديم، پروفيسر، (مرتب) ”شاعر جي خوابن جي خوشبو“، مضمون حميد سبزوئي،28 ڊسمبر 1998ع، ص34
4. ملڪ، نديم، پروفيسر/سومرو، ادل، ڊاڪٽر، (مرتب) ”سو ديس مسافر منھنجو ڙي“، مضمون سحر امداد، ڇاپو پھريون ڊسمبر 2001ع، ص202
5. ساڳيو، ص202
6. ھڪڙو، انور فگار، ڊاڪٽر، ”شيخ اياز ھڪ منفرد قلمڪار“، ڇاپو پھريون 2005، ص25
7. ملڪ نديم، ”اياز ڏوھي آھي“، ڊاڪٽر ملڪ نديم اڪيڊمي ڪنڊڪوٽ، ڇاپو پھريون اپريل 2006، ص20
8. ساڳيو، ص75
9. ساڳيو، ص81
10. ساڳيو، ص140
11. ساڳيو، ص40
12. ساڳيو، ص44
13. سومرو، ادل، ڊاڪٽر، (مرتب) ”ڳالھيون شيخ اياز جون“، مضمون ويو وڻجارو اوھري، ستار پيرزادو، ڇاپو پھريون مارچ 2010ع، ص63
14. جنجھي، نور احمد، ”ڪارونجھر تي باھڙي“، سنڌيا پبليڪيشن، حيدرآباد، 2016ع
15. لطيف، فياض، ڊاڪٽر، ”شيخ اياز جا دوھا“، سمبارا پبليڪيشن، حيدر آباد، مارچ 2018ع، ص57
16. جنجھي، نور احمد، ”جاڳ جا پاڳ آھيون پرين“، جنوري 2019ع، ص54
17. قاسماڻي، عزيز، ”اياز جي غزل جو فن“، جنوري 2020ع، ص181
18. لغاري، استاد، ”شيخ اياز چشمِ فطرت جو شاعر“، آڪٽوبر 2020ع، ص11_12
19. قاسماڻي، عزيز، ”اياز ۽ منظر نگاريءَ جو فن“، جنوري 2021ع، ص146
20. سميجو، اسحاق (مرتب) ”شيخ اياز جا سنگيت ناٽڪ“، (سرورق)، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2017ع
21. لطيف، فياض، ڊاڪٽر، ”شيخ اياز جي شاعريءَ جو تحقيقي ۽ تنقيدي مطالعو“، نومبر 2022ع، ص345

22. قاضي، غلام سڪينه، حميده، "شيخ اياز شخصيت ۽ فن" ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ 2012ع ص377
23. کلوڙ، عبدالوحيد، ڊاڪٽر، "شيخ اياز جي شاعريءَ جي سماجي لسانيات"، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، سنڌ، ڊسمبر 2022ع.

# باب پنجون

**نتيجا**

- شيخ اياز نثر ۽ نظم ٻنهي تي طبع آزمائي ڪئي آهي، پر سندس ڪم تي مجموعي تحقيق ڪان پوءِ اهو  واضح ٿئي ٿو ته، هن جي نثر ڪان وڌيڪ سندس شاعريءَ جي، خاص ڪري فڪري ۽ نظرياتي پهلوئن تي وڌيڪ ڪم ٿيو آهي، جنهن ۾ رسول بخش پليجي، غلام محمد گرامي، جامي چانڊيي ڪان وٺي ڊاڪٽر عابده گهانگهري تائين محقق ۽ نقاد شامل آهن. سندس شاعريءَ جي فني پاسن تي پڻ ڪم ٿيو آهي، جنهن ۾ قمر شهباز، امير علي چانڊيو، ادل سومرو، ولي رام ولڀ، عزيز قاسماڻيءَ جا نالا اڳي وڃن ٿا، پر ان جي باوجود اياز جي فن جي گوناگونيءَ تي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي.

- اياز جي ادبي پورهئي تي ٿيل تحقيقي ۽ تجزياتي ڪم ڪي پڙهڻ ڪان پوءِ اها راءِ جوڙي سگهجي ٿي ته، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي، رشيد ڀٽي، آغا سليم جو ڪم معياري آهي. ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي، استاد لغاري ۽ غلام سڪينه حميده قاضيءَ جو اياز تي ٿيل تحقيقي ڪم گهڻو ڪري تبصراتي ۽ تعارفي نوعيت جو آهي.

- اياز جي شاعريءَ ۾ جماليات جي موضوع تي هيل تائين جامع ۽ معياري ڪم ڊاڪٽر فياض لطيف جي پي ايچ ڊي ٿيسز جي صورت ۾ موجود آهي. جنهن ۾ ڊاڪٽر فياض، اياز جي مڙني شعري صنفن ۾ شامل جماليات ڪي مثالن سان پيش ڪري ڀرپور انداز ۾ لکيو آهي.

- اياز تي ڪيترن ئي ڇاپ گهرن، اڪيڊمين ۽ تنظيمن ڪتاب ڇپايا آهن، جن ۾ سڄڻڊ پبليڪيشن، روشني پبليڪيشن، سنڌيڪا پبليڪيشن، ڪلچر ڊپارٽمينٽ ۽ ڪجهه ٻيا شامل آهن، پر اياز تي، شيخ اياز چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس ۽ ڊاڪٽر ملڪ نديم اڪيڊمي طرفان ڇپيل ڪتابن ۾ پروفن جون اڻ ڳڻيون غلطيون آهن ۽ اياز جي شعر جي فني بيهڪ جو ڪو خيال نه رکيو ويو آهي.

- اياز جي شاعريءَ ۾ ڪيل تجربن تي امير علي چانڊيي، ڊاڪٽر اسحاق سميجي، تاج جويي ۽ ڊاڪٽر فياض لطيف جو ڪم معياري آهي. جيئن: امير علي چانڊيي نظم ۾

ڪيل تجربن تي لکيو آهي. ڊاڪٽر اسحاق سميجي نظم نما گيت ۽ گيت ۾ بيت جي تجربي بابت لکيو آهي. تاج جويي گيت کي هندي چند مان فارسي بحر ۾ لکڻ جي تجربي بابت لکيو آهي. ڊاڪٽر فياض لطيف دوهي ۾ فني تجربن، نظم رنگ دوهو،گيت نما وائي، سهري رنگ وائي، نظم رنگ وائيون، هڪ لفظي ۽ ٻه لفظي وراڻ واريون وايون، نظم رنگ غزل، ڪافي رنگ غزل، گيت رنگ غزل، هائيڪو نظم جهڙن شاعريءَ ۾ ڪيل تجربن تي لکيو آهي. ليڪڪن جي انهيءَ ڪيل تحقيقي ڪم مان اياز جي فني مهارت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

- شيخ اياز ڪلاسيڪي توڻي همعصر شاعرن جو اثر قبول ڪيو آهي. ان بابت پهرين مختصر طور اشارا آغا سليم پنهنجي ڪتاب "شيخ اياز صدين جي صدا" ۾ ڏنا، ۽ ان سلسلي کي ڊاڪٽر فياض لطيف تفصيلي طور اڳتي وڌايو آهي. ساڳيي ئي موضوع تي نور احمد جنجهي به لکيو آهي، پر اهو مختصر آهي.

- اياز لوڪ ادب جي صنفن تي طبع آزمائي سان گڏ لوڪ داستانن جي پسمنظر تي به شاعري ڪئي آهي. اياز جي شاعريءَ ۾ لوڪ داستانن بابت آغا سليم جو ڪم اهميت جوڳو آهي. ان سان گڏ اياز جي شاعريءَ ۾ لوڪ ادب جي صنفن سهرا، پرولي، ڳجهارتون، پهاڪن ۽ چوڻين جو به استعمال ٿيل آهي، جنهن بابت ڊاڪٽر فياض لطيف معياري ۽ مثالن سان لکيو آهي.

- ٻين صنفن جي ڀيٽ ۾ اياز جي غزل ۽ نظم تي وڌيڪ لکيو ويو آهي، ان حوالي سان مشتاق گبول ۽ عزيز قاسماڻيءَ جو تحقيقي ڪم ذڪر لائق آهي.

- شيخ اياز شروع کان باغي ۽ مزاحمتي شاعر رهيو آهي، ان سان گڏ رومانويت به اياز جي شاعريءَ جو اهم حصو رهي آهي. اياز جي شاعريءَ ۾ عالمگير فڪر پڻ ملي ٿو، جنهن تي اشارتي سطح جو ڪم ته ٿيو آهي، پر ان تي جامع ڪم جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي.

- اياز جي شاعريءَ ۾ مذهبي ۽ صوفياڻو رنگ به ملي ٿو، جنهن تي توڻي جو محمد موسيٰ ڀٽي گهٽو ڪم ڪيو آهي، پر اهو هڪ طرفو ۽ روايتي آهي. نند جويري پنهنجي مقالي، "اياز جي فڪر جو سفر" ۾ اياز جي ماديت ۽ روحانيت واري پهلوءَ تي سُتو لکيو آهي، پر ان سلسلي ۾ جامع ڪم جي گهرج آهي.

- اياز جي شاعري ۽ نثر جي ڪتابن تي محمد ابراهيم جويي جا مهاڳ ۽ رشيد ڀٽيءَ جا مقدمه معياري آهن، جيڪي اياز جي تخليقن کي سمجهڻ ۾ وڏي معاونت ڪن ٿا.

- اياز جي نثر تي غلام سڪينه حميده قاضي ۽ غلام زينب ابڙو جو ڪم ڪو خاص معيار جو ناهي. غلام زينب ابڙو جي ڪم کي پڙهڻ ۽ پرکڻ کان پوءِ اهو اندازو ٿيو ته، سمورو ڪم فقط حوالن جي انبار تي محيط آهي، جنهن ۾ ليکڪه فقط مرتب وارو ڪم ڪيو آهي.

- ساڳي نموني سان قربان بگٽي، سردار علي شاهه ۽ رشيد احمد لاشاريءَ جي اياز تي ڪيل تنقيدي ڪم کي پڙهڻ کان پوءِ ائين چئي ٿو سگهجي ته، هنن اياز جي ادبي ڪم تي گهٽ، پر سندس ذات تي وڌيڪ لکيو آهي، جيڪو ادبي تنقيد بجاءِ انفرادي ۽ ذاتي راءِ تي محيط آهي.

**ببليوگرافي:**

سنڌي ڪتاب


1. آغا، سليم، ”شيخ اياز صدين جي صدا“، سنڌي ادبي بورڊ، 2005ع
2. ابڙو، اياز (مرتب) ”باغي شاعر شيخ اياز“، نئين دنيا پبليڪيشن شڪارپور ڇاپو پهريون 2011ع
3. بگٽي، قربان علي، ”شيخ اياز جي شاعري“، سنڌي ادبي سوسائٽي حيدرآباد، 1976ع
4. پليجو، رسول بخش، ”انڌا اونڌا ويڄ“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 2017ع
5. پيرزادو، عبدالستار، (ترتيب) ”شيخ اياز جا تنقيدي مضمون“، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2018ع
6. جنجهي، نور احمد، ”جاڳ جا پاڳ آهيون پرين“، ڪنول پبليڪيشن قنبر، جنوري 2019ع.
7. جنجهي، نور احمد، ”ڪارونجهر تي باهڙي“، سنڌيا پبليڪيشن حيدرآباد، 2016ع
8. جنجهي، نور احمد، ”مون ۾ ڏسي پاڻ ڪي“، ڪنول پبليڪيشن قنبر، جنوري 2020ع
9. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، ”شيخ اياز هڪ مطالعو“، شيخ اياز چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، ڇاپو پهريون، نومبر 1999ع
10. جوڻيجو، منصور قادر، ”شيخ اياز تاريخ جي ڪٽهڙي ۾“، سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد، ڇاپو ٽيون 2017ع.
11. جويو، ابراهيم، ”ڳالهيون ڪتابن جون“، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد 2000ع
12. جويو ابراهيم، ”مون ڏات انوکي آندي آ“، (ترتيب: محمد علي مانجهي) ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڇاپو پهريون، آگسٽ 2012ع
13. جويو، تاج، ”ڄَر ۾ ٿو جرڪان“، شيخ اياز فائونڊيشن، قاضي پاڙو، گاڏي کاتو، حيدرآباد سنڌ، 1998ع
14. جويو، تاج، ”رابيل رت مايا نگر“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو (شيخ اياز هڪ مطالعو) 2017ع
15. جويو، تاج، (مرتب) ”آڪاش ڪان وڏو ڌرتيءَ جو شاعر“، شيخ اياز فائونڊيشن حيدرآباد 2003ع
16. جويو، تاج، ”آءُ درازا هل“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 2007ع
17. جويو، تاج، ”مان ورڻو هان مان ورڻو هان“، مارئي اڪيڊمي سڪرنڊ، 2000ع
18. ڄمون، مسرور، ”پن جي پڇاڙي“، سنڌ لينڊ پبليڪيش
19. چانڊيو، جامي، (مرتب) ”سنڌي ادب ۾ تنقيد“، شيخ اياز نمبر، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ڇاپو پهريون فيبروري 1998ع.
20. ڏيپلائي عثمان، ”بقول اياز“، چونڊ تقريرون، 1965ع

21. ستار، (ترتيب) ”ويا جي هنگلور“، سنڌ ادبي اڪيڊمي ڪراچي، 1999ع
22.سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، (مرتب) ”ڳاءِ انقلاب ڳاءِ“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2017ع
23.سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، (مرتب) ”گيڙو ويس غزل“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2004ع
24.سميجو، اسحاق، (مرتب) ”ناوَ هلي آ گيت ڪٿي“، روشني پبليڪيشن ڪنڊريارو، 2009ع
25.سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، (مرتب) ”شيخ اياز جا سنگيت ناٽڪ“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ڊسمبر2017ع
26.سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، ”شيخ اياز جي شاعري“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ڊسمبر 2021ع
27.سنائي، ناز، (مرتب) ”شيخ اياز هڪ شاعر هڪ عاشق“، ساهت گهر حيدرآباد 1998ع
28.سنڌي، مدد علي، ”گونج به ڪائي ڪونج“، سنڌ راڻي پبليڪيشن حيدرآباد، مارچ 2017ع.
29.سومرو، ادل، ڊاڪٽر، (مرتب) ”ڳالهيون شيخ اياز جون“، شيخ اياز چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، مارچ 2010ع
30.سومرو، ادل، (مرتب) ”مهڪ چنبيليءَ ول جي“، شيخ اياز چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس 2004ع
31. سومرو، ادل، (مرتب) ”شاعر جي خوابن جي خوشبوءِ“، شيخ اياز چيئرشاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس،1998ع
32.شيخ اياز، ”اڪ جون ڦلڙيون پيچ پني“، شيخ اياز فائونڊيشن، حيدرآباد 2002ع.
33.شيخ اياز، ”ڪلهي پاتم ڪينرو“، ساهت پبليڪيشن، 1987ع.
34.شيخ اياز، ”ڪي جو ٻيجل ٻوليو“، ابن حيات پبليڪيشن حيدرآباد، 1970ع.
35.شيخ اياز، ”وڄون وسڻ آئيون“، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، 1989ع.
36.شيخ اياز، ”ڪپر ٿو ڪن ڪري“، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، 1986ع.
37.شيخ اياز، ”پٽڻ ٿو پور ڪري“، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، 1990ع.
38.شيخ اياز، ”ٽڪرا ٽٽل صليب جا“، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد 1991ع.
39.شيخ اياز، ”پن ڇڻ پڄاڻان“، سمبارا پبليڪيشن، ڪراچي 1958ع
40.شيخ اياز، ”جڳ مڙيوئي سپنو“، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، 1990ع.
41. شيخ اياز، ”واٽون ڦلن ڇانئيون“، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد 1991ع.
42.شيخ اياز، ”چنڊ چنبيليءَ ول“، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد 1985ع.
43.شيخ اياز، ”رڻ تي رم جهم“، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد 1986ع.
44.شيخ اياز، ”ڀڳت سنگهه کي ڦاسي“، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد 1986ع.
45.شيخ اياز، ”راج گهاٽ تي چنڊ“، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد 1989ع.

46.شيخ اياز، ”ٻڙ جي ڇانوَ اڳي ڪان گهاٽي“، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد 1988ع.
47.شيخ اياز، ”اکن نيرا ڦليا“، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد 1988ع.
48.شيخ اياز، ”جهڙ نيٽان نه لهي“، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد 1989ع.
49.شيخ اياز، ”اڀر چنڊ پس پرين“، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد 1990ع.
50.شيخ اياز، ”هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جيئن“، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد 1991ع.
51. شيخ اياز، ”ننڊ وليون“، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد 1992ع.
52.شيخ اياز، ”سر لوهيڙيا ڳيپا“، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد 1993ع.
53.شيخ اياز، ”سورج مُکي سانجهه“، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد 1993ع.
54.شيخ اياز، ”هرڻ اکي ڪيڏانهن“، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد 1994ع.
55.شيخ اياز، ”جر ڏيئا جهمڪن“، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد 1993ع.
56.شيخ اياز، ”چنڊ ڳليون“، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد 1995ع.
57.شيخ اياز، ”اُتي اور الله سان“، مهراڻ اڪيڊمي، ڪراچي 1998ع.
58.شيخ اياز، ”ڪونجون ڪرڪن روه تي“، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد 1997ع.
59.شيخ اياز، ”ڪاري رات ڪهنگ“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1998ع.
60.شيخ اياز، ”مينهن ڪٽيون“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1999ع.
61. شيخ اياز، ڪٿي ته پڄبو ٽڪ مسافر، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ، آگسٽ 1995ع
62.شيخ اياز، تون ڇپر تون ڇانوَ، سنڌ نيشنل اڪيڊمي ٽرسٽ، 1184 پيپلز ڪالوني لطيف آباد، نمبر 4_ حيدرآباد
63.عبدالوحيد ڪَلوڙ، ڊاڪٽر، ”شيخ اياز جي شاعريءَ جي سماجي لسانيات“، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد سنڌ، پاڪستان، ڊسمبر 2022ع
64.قاسماڻي، عزيز، ”شيخ اياز جي غزل جو فن“، ڪنول پبليڪيشن قنبر، ڇاپو پهريون جنوري 2020ع.
65.قاسماڻي، عزيز، ”شيخ اياز ۽ منظر نگاريءَ جو فن“، ڪنول پبليڪيشن قنبر جنوري 2021ع
66.قاضي، حميده، غلام سڪينه، ”شيخ اياز: شخصيت ۽ فن“، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، ڪراچي 2012ع.
67.گبول، مشتاق، ”شيخ اياز جا آزاد نظم“، مرڪ پبليڪيشن 2021ع
68. ”گرامي“، مولانا غلام محمد، ”مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحان“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/ حيدرآباد سنڌ، 1992ع.
69.گهانگهرو، عابده، ڊاڪٽر، ”شيخ اياز صدين جو سرجٽهار“، سنڌيا پبليڪيشن شڪارپور 2017ع

70.لغاري، استاد، ”شيخ اياز چشم فطرت جو شاعر“، راڻي پبليڪيشن حيدر آباد، پهرين آڪٽوبر 2020ع
71.لطيف، فياض ڊاڪٽر، ”شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، 2018ع.
72.لطيف، فياض، ڊاڪٽر، ”شيخ اياز جي شاعريءَ جو جديد مطالعو“، پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور 2017ع.
73.لطيف فياض، ڊاڪٽر، مون سان منهنجا سپرين، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2021ع
74.لطيف، فياض، ڊاڪٽر، ”سائو ڪي سڄڻ“، سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد، 2020ع
75.لطيف، فياض، ڊاڪٽر، ”شيخ اياز جا دوها“، سمبارا پبليڪيشن، حيدرآباد، مارچ 2018ع
76.لطيف، فياض، ڊاڪٽر، ”شيخ اياز جي شاعريءَ جو تحقيقي ۽ تنقيدي مطالعو“، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 2022ع
77.لطيف، فياض، ڊاڪٽر ”شيخ اياز جي شاعريءَ جي لُغت“، لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد، 2023ع
78.پٺو محمد موسيٰ، (مرتب) ”شيخ اياز جا آخري ڏهه سال“، يادگار پرنٽنگ پريس حيدرآباد، ڇاپو پهريو 2014ع.
79.مرزا نصير، ”شيخ اياز _ سامي سچ وڙاءُ“، علي بالاج پبلشرس حيدرآباد 1998ع
80.ملڪ، نديم، ”اياز ڏوهي آهي“، ملڪ نديم اڪيڊمي، شهداد ڪوٽ، 2006ع
81. هاليپوٽو، ذوالفقار، (مرتب) ”شيخ اياز ۽ صحافت“، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ 2010ع.
82.هڪڙو، انور فگار، ڊاڪٽر، ”شيخ اياز هڪ منفرد قلمڪار“، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو 2005ع.
83.هڪڙو، انور فگار، ڊاڪٽر، ”جنم جنم جي جيت اياز“، گنج بخش پبليڪيشن حيدرآباد 1999ع.
84.هڪڙو، انور فگار، ڊاڪٽر، (ترتيب) ”جي تند برابر توريان“، (ڪهاڻيون) سنڌ ادبي اڪيڊمي ڪراچي نومبر 1998ع
85.هَڪڙو، انور فگار، ڊاڪٽر، ”منهنجو جبريل قلم منهنجو پيمبر ڪاغذ“،
86.هنس، هولارام، ”عظيم شاعر شيخ اياز“ انڊس فائونڊيشن دهلي، 2011ع.

اردو ڪتاب

87.احمد، سلیم،”جو بیجل نے آکھیا“، انسٹیٹیوٹ آف سندھ الاجی، 1976ع
88.جنجھی نور احمد، ”صدیوں کی صدائیں“، کویتا پبلیکیشن حیدر چوک حیدرآباد، ایڈیشن اول ۲۰۲۳ع
89.چنا، ننگر، ”مسافر مکرانی“،
90.حسین فہمیدہ، ”حلقہ مری زنجیر کا“ انسٹیٹیوٹ آف سندھ الاجی، جامشورو، ۱۹۷۹

91. ڈاکٹر انور فگار ھکڑو، ’’شیخ ایاز: شخصیت اور فن‘‘، اشاعت، اکادمی ادبیات پاکستان، ۲۰۰۶ع
92. حمايت علي شاعر، ’’شیخ ایاز‘‘ (شخص اور شاعر)، المصنفین پاکستان، 1979ع
93. شیخ ایاز، "بوئہ گل، نالئہ دل"، مرتب: فہیم شناس کاضمی، محکمہ ثقافت و سیاحت، حکومت سندھ، ۲۰۱۰ع
94. فرخی، آصف، ’’ذکر ایاز‘‘، مکتبہ دانیال کراچی، ۱۹۹۹ع
95. فرخی، آصف، ’’فکر ایاز‘‘
96. کرن سنگھ، ’’شیخ ایاز کے خطوط‘‘، فکشن ہائوس 2002ع
97. لاشاری، رشید احمد، ’’ادب کی آڑ میں‘‘، رضیا پریس کراچی، ۱۹۶۵ع

انگريزي ڪتاب

98. Dodo Soomro`s death, Noor Ahmed, Kavita publication, 1st edition 2021
99. Immortal Poetry of Shaikh Ayaz, Jetho Mangaldas Girglani (1st Indian Institute of Sindhology Adipur _ Gandhidham, February 2003. (2nd Shaikh Ayaz chair, Shah Abdul Latif University Khairpur March 2007.
100. Songs of freedom, Saleem noorhussain,(1st Zindagi publication Hyderabad, December 2003.) 2nd Sindhi Adabi Board Jamshoro, Sindh, 2006.
101. The Stroms Call For Prayers, Asif Farukhi and Shah Muhammad pirzada, Oxford University press, Karachi, 1999.
102. Thar and Ayaz, Noor Ahmed, kanwal publication kambar2020